
درد جو درياھ
(ناول)
موھن ڪلپنا

# درد جو درياهہ

(ناول)

## موهن ڪلپنا

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **(136)** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”درد جو درياهه“** ناميارِي ليکڪ **موهن ڪلپنا** جو لکيل ناول آهي جيڪو روشني پبليڪيشن پاران ڇپايو ويو.

هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي سنڌي ادبي بورڊ جي ويب تان کڻي سنڌ سلامت پاران ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن ۾ پيش ڪري رهيا آهيون

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**

**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**

**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

sulemanwassan@gmail.com

**www.sindhsalamat.com**

# پبلشر پاران

سنڌي ادب ۾ موهن ڪلپنا جي حيثيت ڪهاڻيڪار ۽ ناول نويس جي منفرد ۽ مڃتاهين آهي. ورهاڱي کان پوءِ، هن جيڪي لاڙا پنهنجي لکڻين ذريعي پيش ڪيا آهن، اُهي نہ رڳو ادبي طور تي منفرد آهن، پر پڙهندڙن ۾ اهڙي قسم جي لکڻين کي بيحد پسند پڻ ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري موهن ڪلپنا هند توڙي سنڌ ۾ ريڊرشپ ۾ جيڪو واڌارو آندو، اُن جي ڪنهن سان بہ ڀيٽ نٿي ڪري سگهجي. سنڌس هيل تائين 25 کن ڪهاڻين جا مجموعا ۽ ناول ڇپجي پڌرا ٿيا ۽ سندس هر ڪتاب جا ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ ڇاپا ڇپجي چڪا آهن، جيڪو هڪ رڪارڊ آهي.
مرحوم طارق اشرف جڏهن مرتيي کان ٿورو اڳ پارت ويو تہ موهن ڪلپنا جيڪو سندس دوست هو تنهن ڪيس ناول 'درد جو درياھ' سنڌ ۾ ڇپرائڻ لاءِ ان اُڪير سان ڏنو تہ، "آءٌ چاهيان ٿو تہ منهنجو هي ناول سنڌ ۾ ڇپجي." طارق جي مهرباني چئجي يا قرب، جنهن محترم تقي صاحب هٿان نياپو موڪليو، مون کي پاڻ وٽ سڏايو ۽ چيائين، "جيڪر هي ڪتاب اوهان جو ادارو ڇپائي پڌرو ڪري تہ مون کي خوشي ٿيندي." مون سندس ٿورا مڃيندي، ڪانئس مسعودو ورتو. پر جڏهن ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾ هيو تہ طارق اشرف اسان کان جدا ٿي ويو ۽ اجا ڪي گهڻا ڏينهن ڪونہ گذريا تہ اوچتو موهن ڪلپنا بہ پنهنجي دل ۾ اباڻي وطن کي وري ڏسڻ جون سموريون خواهشون ڪٺي اسان کان الڳ ٿي ويو. ۽ سندس اها چواڻي سچ ٿي پئي:
"هڪ هئي سنڌ ۽ هڪ هيو موهن ڪلپنا جي پاڻ ۾ ملي نہ سگهيا."
هاڻ جڏهن هي ناول ڇپجي پڌرو پيو ٿئي تہ نہ طارق اشرف ئي اسان وٽ رهيو آهي ۽ نہ وري موهن ڪلپنا ئي پنهنجو سنڌ مان ڇپيل هي ناول اکئين ڏسي ٿو سگهي، نہ تہ جيڪر ادارو سندن اڳيان سرخرو ٿئي ها.
ڪاش!

ادارو

# موهن ڪلپنا ۽ سندس ڇپيل ڪتاب

سچو نالو: موهن بولچند لالا (اصل سيوهڻ جو)
جَنم: چنچر 22 نومبر 1930ع، ڪوٽڙي، سنڌ.
تعليم: مئٽرڪ
پيشو: اخبار نويسي. ايڊيٽر روزانه ”سنڌڙي“
ڪٽنب: شادي شده: زال (ڪمل)، ڌيءُ (گيتا)
ادبي سنستا: چيئرمن: مهراڻ ادبي سنگت
پهرين رچنا: آتم هتيا (ڪهاڻي) 1948ع
ناول: آواره (1953ع)، لگن (1954ع، سنڌ ۾ 1957ع)، عورت (1956ع)، زندگي (1957ع، سنڌ ۾ 1958ع)، پٿر جو جگر، ميمڻ جي دل (1958ع)، وشواش (1959ع سنڌ ۾ 1960ع)، رڃ ۽ پاڇا (1966ع، سنڌ ۾ 1967ع ۽ 1984ع)، پيار جي پڇاڙي (1969ع)، جلا وطني (1974ع، سنڌ ۾ 1975ع)، تون منهنجي سندرتا جو آرنيِ آهين (1975ع، سنڌ ۾ 1991ع)، ماءُ (1979ع، سنڌ ۾ 1989ع)، ڪانءُ ۽ سمنڊ (1981)، انين ڪتا (سنڌ ۾ 1991ع)، درد جو درياءَ (سنڌ ۾ 1992ع).
ڪهاڻين جا مجموعا: موهي نرموهي (1981)، چانڊني ۽ زهر (1964ع، سنڌ ۾ ’چانڊوڪي ۽ زهر‘ جي عنوان سان 1971ع)، فرشتن جي دنيا (1967)، اُها شام (1981ع، سنڌ ۾ 1982ع).
پيار ۽ پاپ (سنڌ ۾ 1977ع).
رپورتاج: اڃا رات باقي آهي (1955ع)
ٻارن لاءِ ناول: سرڳ جي ڳولا (1958ع، 1981ع ۽ سنڌ ۾ 1991ع)
مقالو: سنڌي اديبن ۾ نظرياتي ڪشمڪش (1963ع)
جيوني: فنڪار ۽ فيلسوف (1973ع)، آفتاب انقلاب (1975ع)
آتم ڪهاڻي: ٻڪ، عشق ۽ ادب (سنڌ ۾ 1984ع ۽ 1991ع)
خط: منهنجا هم وطني (1975)
شاعري: جهاز جي ڊيڪ تي (1983ع)

## سيلف پورٽريٽ

# موهن ڪلپنا

آئيني اڳيان؟ پر ڪهڙو آئينو؟ من جو”... پر ان اڳيان تہ مان يگن کان بيٺو آهيان ۽ مون پنهنجو بدلجندڙ روپ ڏٺو آهي. پر هاڻ مون ان آئيني کي پيجي چڏيو آهي. هاڻ منهنجو ڪوئي اندر وارو ڪونهي. هاڻ جو مان آهيان، اهو ٻاهر آهيان. منهنجي اندر سڙيل ماس جي بدبوءِ آهي. ذهن جون تمام شمعون وسامي ويون آهن. تصوير جي ندين پنهنجا وهڪرا ڦيرائي ڇڏيا آهن. ڪلپنا جا ڦول مرجهائي ويا آهن. پکين جا ڪنپ ڪٽجي ويا آهن. وڻن کي باهيون وچڙيل آهن. ڪنهن گمنام ڏنڌ ۾ چنڊ، تارا ۽ آڪاش گم آهن.

شايد ڏاڍو شخص آهيان، ان ڪري هر جڳهہ تي مون کي انڌڪار نظر اچي ٿو. ان انڌڪار ۾ مان اڪيلو آهيان، منهنجي راهہ اڪيلي آهي. راهہ نہ ڄاڻان ڪهڙيون راهون ڪٽين ٿيون، مون کي خود پنهنجي منزل جو پتو ناهي. منهنجي سمرتين جو سڀ پريون بيهوش ٿي ويون آهن.

اڄ مان مئن جو دڙو آهيان. گريس جو اٿينس، اٽليءَ جو روم آهيان. کنڊر آهيان. مون ۾ ڄارا آهن. ڪوريئڙا آهن. مان ٽڪيو پيو آهيان.

مون ۾ اجنتا جي اونده آهي، پر ڪلا نہ آهي، مان شو نہ آهيان پر مون زهر پيتو آهي ۽ مان ڊٺو پيو آهيان، مان چين جي ڊٺل ديوار- مصر جو شاهي مقبرو آهيان.

مون مارڪنڊيہ جي پرليہ ڏٺي آهي. مان اڻ جلمئيءَ ۾ ٻڏي ويو آهيان. مون پنهنجي من جو کير ساگر ولوڙيو پر امرت جو پيالو ڪٽي ڪا تلوتمان ان مان نہ نڪتي. اندر ۾ ڄڻ ڪورو ۽ پانڊو لڙيا ۽ سڀ سمپت ٿي ويا. ڪٿي آهي ڪرشن- ڪنهن ان کي تير هنيو؟- تير گهٽا آهن، ڪرشن جو پتو ناهي.

ڪيترا يگ مان هليو آهيان. پهاڙن مان. برفن جي چوٽين تان. انهن تان جو مون ڏٺا آهن ۽ مان اتاهين تان ڪري پيو آهيان ۽ مون کي ڪنهن بہ وشنوءَ بچايو نہ آهي.

پر مان شايد اڪيلو نہ آهيان. مون سان گڏ منهنجي غمن ۽ پريشانين جي فوج بہ آهي. مون پنهنجي حياتي جون ڪيتريون شامون مندرن ۾ گذاريون آهن ۽ هڪ عمر کان مون طوائفن جا غزل بہ ٻڌا آهن. بي رحم زندگيءَ جي پياس ٻجهائڻ لاءِ مون

انيڪ گلاس خالي ڪيا آهن ۽ ڪن حالتن ۾ انهن شيشن سان منهنجو سڄو اندر ڪپجي ويو آهي.
مون عورت ڪي ڪڏهن سيرانديءَ ڪان نہ ڏنو آهي. ان ڪري هن جي سنجيده روپ لاءِ مان اُڃ بہ تڙپان ٿو. اڪين ۾ ور مالها ڪٽي هلڻ وارين ڪي مون ڪلبن ۾ سويمبر ڪندي ڏنو آهي ۽ هر ڪار جي ڦيٿن هينان منهنجا سپنا ڪپجي ويا آهن. ڪتاب آهن، ڇا آهي انهن ۾؟... سيني ڪوڙ جي ڳولها ڪئي آهي ۽ انهن ڪي سچ نصيب ٿيو آهي. سک ڪٿي آهي؟
نقاب جي مٿان نقاب چڙهيل آهن. جيترا گهٽا نقاب اوتري وڏي تهذيب. ڪتاب تهذيب جا گتا آهن. جيترا گهٽا ڪتاب، اوترو گهٽو نشو- سڀ تصور جي غيب ۾ گم آهن.
ڪلا هڪ اَڻ سڙيل سگريٽ جو نالو آهي، جنهن جي چڪيندڙ جي ڳولها ۾ سڄو جڳ حيران آهي. سڄو فلسفو ماچيس ۽ تيلين جو آهي. هڪڙا اونده ۾ روشنيءَ ڪي ۽ ٻيا روشنيءَ ۾ اونده ڪي ڳولهي رهيا آهن.
رات جو چنڊ نڪرندو آهي ۽ ماڻهو سمهي پوندا آهن. شاعري ان جڳهہ جو نالو آهي جا مساڻن ۾ چڪر لڳائيندي آهي. تپسيا اُلوءَ جو ڌرم آهي. تهذيب ڪپڙي جو وال نہ پر ان جو اگهہ آهي. تاج محل مزدورن جو پگهر آهي. شاهڪار ڪمپازيٽر جي ڪمپوزنگ آهي.
مان مڃان ٿو تہ مون تهذيب جو ڏيو اجا نہ ڏٺو آهي. مان ان فن ڪان بہ غير واقف آهيان جنهن ۾ عورت ساڙهي تہ پائيندي آهي پر ان ساڙهي جي اندر ڪجهہ نہ هوندو آهي، ان ڪري مان آمريڪا جو ”بيٽ- نڪ“ آهيان. ڪچو ۽ اڻ گهڙيل آهيان. بت- شڪن، روايت شڪن آهيان.
مان گيت- گوندم ۾ جئہ- ديوجي ڀڳتي نہ پر ڪرشن جو حوس ڏسندو آهيان مون ڪي راڌا جي مک ڪان هن جو سينو وڌيڪ سندر لڳندو آهي. منهنجو آدرش بنگلا آهي، پرتريءَ ڪي مان اٿي لپ ڏيئي سگهندو آهيان.
مون لاءِ پل ڪمزورن جو رستو آهي. مون لاءِ ميدان ٻڍن جي چانوٽي آهي. مان لاهين چاڙهين، آنڌين ۽ طوفانن جو طرفدار آهيان.
مان هر جڳهہ تي لڙيو آهيان ۽ هر جڳهہ تي منهنجو سر ڪٽيو آهي. پر منهنجو سر بہ سر آهي رانوڻ جيان جو هر دفعي پنهنجي جڳهہ تي بيٺو آهي. منهنجو دليل سر

ونڻ، سر ڏيڻ آهي. مان زهر پي سوچيندو آهيان ۽ خون ۾ قلم ٻوڙي لکندو آهيان.
مون لاءِ ادب ٻڪريءَ جي شهادت آهي، مون لاءِ امرتا ڪاليءَ جو سراپ آهي.
لهو هي جڳهہ لهو آهي. آئينو ڪٿي آهي؟ هر ڪو خون ۾ لوٿ پوٿ ٿيو پيو آهي.
ڪاليداس جي اُروشي جڏهن جڏهن لڪشميءَ جو پارٽ ڪنيو آهي تڏهن هن پنهنجي ور مالها وشنوءَ کي نہ پر پرور کي پاتي آهي. بي آبرو ٿي صرف غالب ڪونہ نڪتو آهي، هڪ موهن ڪلپنا بہ آهي. پر هر نانڪ سان مکو پنهنجي جڳهہ بدلائيندو آهي.
سڀ پنيون ڪٽي هلن ٿا. ڪنهن جو سر قاتل آهي؟... مان جانسن نہ آهيان. منهنجي مٿان برابر هئلمٽ جو دهو پيل آهي ۽ مان ڪيٽس جيان ٽتو پيو آهيان ۽ منهنجو معيار هئلميٽ جي محبوب اوفيلا جيان ڦول چونديندي سرن درياہ ٿي ويو آهي.
مان پريمچند جي گهر ٻاهران ڪڏهن بہ نہ لنگهيو آهيان. ايام ٿيا جڏهن مون شرٽ جي گهر چلم چڪي هئي. مان هن جو وڄايل اندر ناٽ آهيان. مون کي هڪ رات هن جي ڪمل سان بہ گهارڻ جو موقعو مليو آهي. پر مون کي هن جي ڪروٽا مئي، ديواڪر بٽائي نہ سگهي آهي. مون هر جڳهہ سويہ- ساڃيءَ سان ٽڪر کاڌا. مون شريڪانت کي مساڻن ۾ راج لڪشمي کي ياد ڪندي ڏٺو آهي.
مون کي پوري خاطري آهي تہ مان سرسوتي جي چوٽيءَ مان ڪريل ڦول جي هڪ پنکڙي نہ آهيان.
پر ڪڏهن، ڪٿي ڪنهن پنهنجو پير رکيو هو، مان ان پير جو نشان آهيان ۽ مان ان پير جي ڳولها ۾ آهيان.
مان مردانا ڪپڙا لاهي، زنانا ڪپڙا پائي رهيو هوس. مونکي تمام خراب لڳي رهيو هئو. جواني منهنجي جسم ۾ داخل ٿيڻ لڳي هئي ۽ منهنجي خوابن ۾ اُهي چهرا اُجاگر ٿي ٿيا، جن ۾ گلاب جي پنکڙين ۾ گهوٽيل مکڻ ۽ چاندوڪيون هيون. ڪا جڻ، ڪٿ اڳيان اُچي ٻهندي. اکيون ڪوليان تہ ڏسان ڪڪڙ ٻانگ ڏيئي رهيو آهي. نم جي وڻ جون ٽاريون بہ منزلي ڪڏ پرسان پوت داخل ماتا جيان جهومي رهيون آهن. جهرڪين جي چهڪ. مٽيءَ جي مهڪ.
ها منزل گاہ جا فساد ٿي چڪا آهن. پڳت ڪنور مارجي ويو آهي ۽ سنڌ کان ٻاهر جا آيل اڳواڻ اسان جي وڏن کي سمجهائي چڪا آهن تہ اسان سنڌين ۾ ڪي هندو ۽ ڪي مسلمان آهن. تہ سنڌين بہ ائين وهسڻ شروع ڪيو آهي تہ ڀهرين هو هندو ۽ مسلمان آهن ۽ ڪين وسرڻ لڳو آهي تہ ڀهرين هو سنڌي آهن.

مون کي خراب لڳي رهيو آهي تہ مونکي هڪ ناٽڪ ۾ ڇوڪريءَ جي پومڪا ادا ڪرڻي آهي. مون کان ريهرسل ڪرائي ويئي آهي. مڪالما مون کي ياد آهن. سڪر ۾ پڳتون گهڻيون ٿيون آهن ۽ هاڻ ناٽڪ بہ ٿيڻ لڳا آهن. ناٽڪن ۾ هندو مسلمان سڀ اچن. ڳُلو ڳُلو ڪلن ۽ لڪي لڪي روئن. ناٽڪ ڪلا ڪين هندو ۽ مسلمان بدران سنڌي بڻايو ڇڏي. دراصل اهي فرق بہ اسان کي ٻاهران آيلن ٻڌايا آهن. سيني مندرن ۾ وينل پُڄاري اُتر هندستان مان آيل آهن. مڪي ۽ سنڌ ۾ فقط هڪ ست ساڳي ڳالهائي ويندي آهي: لا اِلٰہ اِل الله محمد رسول الله. اها ست بہ سنڌ ۾ ڪعبي کان بغداد معرفت محمد بن قاسم 712ع ۾ سنڌ آندي. سو هندو ۽ مسلمان پڻا سنڌ ۾ ٻاهر کان آيا ۽ هاڻ ٻاهر کان آيل اڳواڻ اسان کي اسان جا فرق ٻڌائي رهيا آهن تہ پهرين سنڌي نہ پر هندو ۽ مسلمان آهيو.

هندو اُهو جو پڳوان کي مڃي. مسلمان اُهو جو خدا کي مڃي. هندو ڌرم هڪ ڊپارٽمينٽ اسٽور آهي. جنم لاءِ برهما. پالڻ لاءِ وشنو. مارڻ لاءِ شو. وگهن ناس ڪرڻ لاءِ گڻيش. وديا لاءِ سرسوتي. ڌن لاءِ لڪشمي. جنم کان اڳ زندگي. موت کان پوءِ زندگي. جنمن جو چڪر. اسان جي ديوتائن کي ڇهرا- انهن جا بت.

محمد خدا جو پيغام پهچائيندڙ. الله هڪ. ان جو ڪوبہ روپ نہ. هڪ پيغمبر محمد. هڪ ڪتاب: قرآن. برابريءَ جو هڪ ئي رستو.

هندن ۾ ويد، پراڻ، اپنشد، سمرتيون، درگا جا نَو روپ.

مسلمانن ۾ قيامت، سڀ لاش قبر مان هڪ وقت اُٿندا ۽ خدا کين سندن ڪرمن موجب جنت يا دوزخ ۾ موڪليندو.

منهنجو پيءُ زميندار. ان وٽ هاري ناري ۽ اڳواڻ اچن ۽ بحث ڪن. مان اُهي ٻڌان، نہ تہ پڙهڻ ۾ مشغول. چار درجا سنڌيءَ جا پڙهڻ بعد چار انگريزي پڙهي پنجين ۾ داخل ٿيو آهيان ۽ ان جو امتحان ڏيئي چڪو آهيان ۽ هاڻي راجا مندر کان ٿورو اڳيرو ماڊل هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو آهيان. ماسٽر صاحب اخبارون پڙهڻ تي زور ڏي، جنهن مان خبر پيم تہ بي مهاياري جنگ چالو ٿي چڪي آهي. مهاتما گانڌيءَ، ”انگريزو ڇڏيو هندستان“ جو نعرو هنيو آهي. سباش چندر، آزاد هند فوج ٺاهي آهي ۽ محمد علي جناح مسلمانن جي هوم لينڊ لاءِ پاڪستان جي گهر ڪئي آهي. پر مان اِهو سچ چئي ڏيان تہ مون اڳيان اِهي ڳالهيون وقت گذرڻ بعد کُلڻ لڳيون ۽ صحيح پس منظر ۾ سمجهہ ۾ اچڻ لڳيون. گهڻا ڪوڙ سچ مون اڳيان ظاهر ٿيا آهن.

مان پنهنجي المستيءَ ۾، سنڌ ۾ ناٽڪ جي جڙ پوڻ لڳي. مگر سکر ۾ اَجا اِها حالت نہ هئي تہ ڪا چوڪري اسٽيج تي اَچي، جا حالت ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪڏهن هئي. سنڌ ۾ ناٽڪن جي شروعات حيدرآباد جي ڪاسائين ڪئي. اردوءَ تان الٽا ڪري ”خوبصورت بلا“، ”دل – نادان“، ”فرياد مجنون“. تڏهن ناٽڪ اڪادميون ڪونہ هيون جو ڪين اَڪادمي انعام ۽ سنڌ گورو پرسڪار ڏين. خيرپور رياست جي چُڪِي پي اُهي موتمار ڊائلاگ چوندا هئا جو سڄي دنيا جون نعمتون اُتي سجدا ڪنديون هيون. مون کي خراب لڳي رهيو هئو تہ مون کي ساڙهي ٻڌي پئي ويئي. ڇاتي تي بہ ڪپهہ ۽ ڪپڙي جون ٿهيل بہ ابتيون شئمپين لڳايائون. اکين ۾ ڪجل، ڳچن تي لعلي، ڳلن تي سرخي. ڪاننن سان لڳل لمبا وار. ڪمر وٽ ڪشي اٺ ڏهہ اڳٹ ٻڌايائون، جن جا ڳن هفتا قائم رهيا تہ هلي تہ نانگن جيان بل کائي. پنجي پئسي سير ڪير تہ پيسي پلو ۽ ماڻهو ڳائين: هلو پائي هلو پائيءَ لڳو پلو. تڏهن رپئي ۾ هڪ سئو ٻيانوي پايون هيون. هڪ پائيءَ ۾ چار پوريون ۽ دال يا نَو مرچائي تريل پڪوڙا ملندا هئا. سال شايد 1944 جو هئو ۽ سکر ناٽڪ منڊليءَ جو اهو فيصلو تہ جيڪڏهن ناٽڪ ڪامياب ويو تہ منڊليءَ کي سنڌ جو سفر ڪرائينداسين. ناٽڪ هئو اَنارڪلي. لاهور ۾ انارڪلي اسٽريٽ آهي. اُتي انارڪلي جي هڪ خيالي قبر بہ آهي جتي پڙهڻ ۾ نہ ايندڙ اردوءَ ۾ لکيل آهي: اي بادِ صبا (صبح جي هوا) – ذارا آهستي چل – يها سوئي هئي هي انارڪلي. انارڪليءَ کي تہ اڪبر جيئري چوطرف پٽيون لڳائي پورائي ڇڏيو، جنهن پيانڪتا تي اجا ڪنهن نہ لکيو آهي – مگر اها جڏهن مري ٿي – سندس دم ٽٽڻ تو لڳي – اکيون ڦاٽل ٿيون لڳن – جي ٻاهر نڪري ٿي اَچي تہ شاعر هوا کي چون ٿا – ڏس هتي انارڪلي سمهي پيئي آهي – ڏس آهستي هل – زور سان هلندينءَ تہ سندس ننڊ ۾ رخنو پوندو. سو، اڪبر، دي گريٽ تہ ڪيس مارائي ڇڏيو، مگر ماڻهن هميشه لاءِ ڪيس دل ۾ جاءِ ڏيئي ڇڏي.

ماڻهو....

ماڻهو سڀ ڪجهہ ڪري سگهن ٿا، اگر ڪين خبر پوي تہ ڪين ڇا ڪرڻو آهي. اِهو مان ڄاڻان ٿو ۽ وقت گذرڻ سان ٻڌائيندس تہ ڪين ڇا ڪرڻو آهي. چو تہ مان هڪ اُهو سنڌي آهيان، جنهن کي جڙ ڪان ڪٽي ڪنهن اوپري جڳهہ تي ڦٽو ڪيو ويو. اَنارڪلي تہ پٽين ۾ ڳاڙهي ويئي، پر تون ڪليل زمين، کليل آڪاس ۾ اڪيلو، بيوس، ٿڪل، اُجايل، ماندو پيو رهہ ۽ ايترو پري جو تنهنجي نظر بہ اسان تائين نہ

پهچي ۽ مون کي ڪنهن شاعر جيان چوٽو پوي: سرحد پار نظر کي وڃڻ ڏيو.
ناٽڪ ۾ مان پرنس سليم کي انارڪليءَ جي يومڪا ۾ چوان ٿو: ”مان آگري جي باهي. منهنجو ڪهڙو ملهه. مون کي ته اهو پريمي کپي، جنهن کي منهنجي گهرج هجي. جو منهنجون ننڍيون ننڍيون خواهشون پوريون ڪري، مان نه اچان جو وڻ هينان بيهي منهنجو انتظار ڪري. جو سدا سلامت هجي، مگر جو منهنجي لاءِ جان ڏيڻ لاءِ تيار هجي. آهي ڪوئي؟ ڪوئي آهي؟“
ته حاضرين مان هڪ جوان اُٿي چيو: ”مان آهيان. مان آهيان. انارڪلي“
تاڙيون وڃي ويون.
ناٽڪ ختم ٿيو ته ماڻهو اسٽيج ڏانهن ڪاهڻ لڳا. ڊائريڪٽر ٻانهن کان ڇڪي ٻاهر وٺي آيو ۽ ٽانگي ۾ وهاري مون کي گهر ڏانهن وٺي هليو. ٽانگو پنهنجي مخصوص انداز ۾ هلڻ لڳو. ٽاپ ٽاپ. ڇم ڇم. ٽاپ ٽاپ. ڇم ڇم. اگر مان ڇوڪري هجان ها ته اُن جوان تي عاشق ٿي پوان ها.
مون ميڪ اپ ڪونه لاٿي هئي. مٿي ۾ ماڙ تي پهچي مان دريءَ تي پهتس ته ڏٺم اهو ئي جوان بيٺو هئو. سامهون واري نم جي وڻ هينيان. ميڪ اَپ بدلايم وري دريءَ تي آيس ته اجا به بيٺو هو. جمع، ڇنڇر، آرتوار. ٽي ڏينهن ناٽڪ هليو. ٽئي ڏينهن هن اُٿي چيو، مان آهيان! مان آهيان!!.
ڪو مسلم جوان هئو. اڪين ۾ درد. فراق ۾ اداس اکيون کڙڪي تي. خبر ڪونه هيم ته ڪنهن وڏيري جو پٽ هئو.
آتوار شام وري مان مٿي ۾ هو وڻ هينان. مان سوچڻ لڳس ته آخر هو ڇو ٿو اچي. ڪيس ڇا کپي؟ اُن شام مان گهر ۾ اڪيلو هوس. مون ڪيس آڱر جو اشارو ڏنو ۽ هو اُمالڪ مٿي چڙهي آيو. مان کٽ تي وينس ۽ هو کڙڪي جي ٻني تي ويهي مون ڏانهن نهارڻ لڳو.
”توکي ڇا کپي. ٻه راتيون ۽ ٻه ڏينهن تون هيٺ بيٺو آهين“؟
”مون کي تون کپين اَنارڪلي“
”مگر مان اَنارڪلي نه آهيان.“
”مهلقا آهين تون. جان بهار. جان بلبل. طوفان محبت. جان – من. جاني جان. . .“

”مگر مان مرد آهيان.“
ائين چئي مان پنهنجي ساڙهي لاهڻ لڳس. وار بہ لاٿم. ڇاتي تان ٻڙا بہ.
شايد ڪيس صدمو رسيو. هن درد مان ڇلايو، ”هي ڇا انارڪلي!“
سندس مٿو ڦرڻ لڳو ۽ هو چڪر کائي بہ ماڙ منزل تان هيٺ ڪري پيو. مان ڇلانگ ماري دريءَ تي پهتس، هو اُبتو ڪريو هئو. سندس مٿو ڦاٽي پيو هئو.
ماڻهو جمع ٿيڻ لڳا.
توتاڙن تي اعلان ٿيا: هندو زميندار پرتاب راءِ جي پٽ وشنو، وڏيري نصير خان جي پٽ تنوير کي گهر ۾ گهرائي خون ڪيو. خون جو بدلو خون.
سکر جون بزارون بند ٿي ويون. اسان جي جڳهہ جي چوڌاري پوليس پهچي ويئي. ڪن هنڌان هندو مسلمان فسادن جون خبرون آيون. گهر جو هڪڙو ئي ياتي، پيءُ، خزانچي، سندس خانگي رڪوالا، ڌارمڪ اڳواڻ ۽ پوليس عملدار پهچي ويا. مون بيان ۾ حقيقت بيان ڪئي. اٺ ڄڻا مارجي ويا. سکر ۾ اُن ئي رات ڪرفيو لڳو. فساد ٻئي ڏينهن بہ جاري رهيا. پوليس گوليبازي ٿي. صوبي جا هندو – مسلمان اڳواڻ سکر پهچي ويا. سکر ۾ مارشلا لڳو. شوٽ – آئوٽ – سائيٽ جا آرڊر نڪتا.
گفتگو ڪهڙي؟-
- آهي ڪوئي؟ ڪوئي آهي؟-
- مان آهيان مان آهيان – انارڪلي!-
محبت جي ناٽڪ جو هڪ مقالمو، ويهن ڄڻن جي موت ۽ ٻن سئو ڄڻن جي زخمجڻ جو ڪارڻ بڻيو.
هڪ ناٽڪ جو مون ڪيو.
هڪ ناٽڪ جو اتهاس ڪيو.
هڪ وهم مان نڪتل حقيقت جو جنم ٿيو تہ هڪ هندو ڇوڪريءَ جو مسلمان عاشق – اسلام جو بچاءُ ڪندي شهيد ٿي ويو.
گاڏي ڇٽي ۽ ڪراچيءَ ڏانهن هلڻ لڳي. انجڻ جون سيٽيون ڪڏهن ڪڏهن اجا بہ ڪنن ۾ وڃن –ڪُو ڇڪ ڇڪ ڇڪ ڇڪ. ڪُو – ڇيڪلا هليا. گاڏي هلي. دور

جا منظر هليا.
فرسٽ ڪلاس جي اُن ڪمپارٽمينٽ ۾ فقط هڪ مان ۽ منهنجو پيءُ. ٻيو انگريزيءَ ڊريس ۾ هڪ مسلمان ۽ سندس هڪ دوشيزه ڌيءُ دريءَ وٽ ويٺي هئي ۽ هٿن ۾ هڪ اردو رسالو ”شمع“ هئس. مسلمان سگريٽ ٿي ڇڪيو.
ڇوڪريءَ ڪي سلوار ڪرتو پيو هئو ۽ اسان ڪي گاڏي ۾ چڙهندو ڏسي ڊُپٽي جو پلاند مٿي تي رکيائين. ائين ڪرڻ سان سندس ڊيڪيل ڇاتيءَ جو ڪجهه حصو وائکو ٿي پيو ۽ اُن جو اُڀار ڏسي ڇاتيءَ اندر هڪ ڪڏهن به نه ڇاتل جهٽڪي واري مهڪ جو احساس ٿيم. لڳم ته رت ۾ ڪجهه ٻُرڻ لڳو آهي ۽ ڇاتي ٿوري چوڙي ٿيڻ لڳي آهي. ڪوشش ڪيم ته سندس چهرو ڏسان جو ڍڪيل هو ۽ مان گهٽو وقت اوڏانهن نهاري به نٿي سگهيس.
مون کي ان وقت ان جوان جو خيال آيو، جنهن اَنارڪلي جي پومڪا ۾ منهنجي نقلي ڇاتي جو اُڀار ڏٺو هئو ۽ ڪيس به ان قسم جي خلش ٿي هوندي ته ڪيس ڇڪي ڇاتيءَ سان لڳايان ۽ رات جو هڪ ساهه ڪٽان.
مون کي اِهو به ويچار آيو ته ان قسم جي ڪشش مون اڳ ڪڏهن به نه محسوس ڪئي. ڇا اهڙا ڪي جسم، اهڙا ڪي رت ٿيندا آهن جي ٻين کان وڌيڪ ڇٽنگ لڳائيندڙ روح افروز ٿيندا آهن... اهڙي ڪشش ته مون ڦٽندڙ جوانيءَ جي ڪنهن به خواب ۾ محسوس نه ڪئي هئي.
ڪهڙو به چهرو هجي هن جو، مان به هن وڏيري جي پٺ جيان سندس پيڇو ڪندس....
نه نه، هيءَ ڪا ناٽڪ جي اداڪار نه آهي.
هوءَ واقعي هڪ ڪمسن دوشيزه آهي.
سکر ڇڏي وڃڻ تي مون کي ٿي خيال آيا:
- عشق ڌرم ۽ مذهب کان مٿي آهي.
- ڌرم ۽ مذهب هڪ ٻئي لاءِ باعث نفرت آهن.
- ڌرتيءَ سان پيار ايڪتا پئدا ڪري سگهي ٿو.
اسٽيشن تي هندو چانهه – مسلم چانهه، هندو پاڻي – مسلم پاڻي، هندو تعليم

– مسلم تعليم، هندو ڏرت – مسلم ڏرتي ۽ هندو راڄ – مسلم راڄ کي جنم ڏيئي سگهيا ٿي.
اسٽيشن تي هندن سان گڏ کي چڱا مسلمان به آيا.
”ديوان صاحب صدين کان رهيا پيا آهيو سکر ڇڏي ٿا وڃو“،
”شهر ٿو ڇڏيان – وطن نٿو ڇڏيان.“
”زمينون؟“
”مسلمان هاري ايماندار آهن. اهي سنڀاليندا“
”۽ به - منزلو گهر.“
”ڪلف هنيو اٿم. چابي ڪيسي ۾ اٿم. واپس اچي کوليندس. ڪيسي ۾ پيئي هوندي. سچ ته جٽئي سان ٻڌي اٿم.“
موڪلائڻ وارن جي اکين ۾ پاڻي هئو.
گاڏي هلي ته بابا چيو، ”تنهنجي لاءِ سکر ٿو ڇڏيان. هاڻ اِتي رهڻ مشڪل آهي. ڪراچيءَ ۾ اِها ڳالهه ڪنهن سان نه ڪج.“
گاڏي واري مسلمان انگريزي اخبار رکندي چيو، ”سائين ڪراچيءَ ٿا هلو.“
”ها.“
”اِتي ڏنڊو ڪهڙو ڪندا – زمينداري ته ڇڏي پيا هلو.“
”توڪل جو ترهو ٻڌو اٿم. ڪو ته رستو نڪري ايندو.“
”رهندا ڪٿيءَ،
”اوهين ڪراچيءَ جا آهيو“،
”ها.“
”اوهين ٻڌايو.“
”پرنس روڊ تي سنيون جڳهون اَٿوَ. چاليهن روپين تي ٽن ڪوٺين وارو فلئٽ ملي ويندوَ. پنيان آرٽلري مئدان ۾ به سنيون جڳهيون نهيون آهن. بنگلو کپيوَ ته بندر روڊ ايڪسٽينشن تي سنو ملي ويندو.“
”اوهين ڇا ڪريو؟،
”ڪليڪٽر آهيان“،

”ڪٿي؟“

”ڪراچيءَ ۾“

”تہ اوهين ڪجهہ مدد ڪري سگهو ٿا.“

”هلو – مون وٽ ڪجهہ ڏينهن ٽڪو – سڀ بندوبست ٿي ويندو.“

”پر . . . پر. . . . اوهين تہ مسلمان آهيو؟،

”سائين سنڌي آهيان. سنڌي اگر پهرين ۽ آخرين سنڌي رهن تہ مسلم ليگ، هندو مها سڀا يا خود ڪانگريس اسان جو ڇا بگاڙي سگهندي؟ هندو سنڌين تہ دنيا مان ناٽو ڪمائي سنڌ کي ناهيو آهي. مان ڪين سنڌي هندو کونہ چوان. مسلمان سنڌي بہ ايماندار ۽ تصوف جا ماڻهو آهن. مان ڪليڪٽر آهيان. سنڌ ۾ 67 سيڪڙو زميندار هندو سنڌي ۽ باقي 33 سيڪڙو مسلمان سنڌي آهن. زميندار هارين جو رت پيئن ٿا. جهڳڙو زميندارن ۽ هارين وچ ۾ آهي، مگر جيئن تہ هندو سنڌين جو آدم گهٽ ۽ لڳ ڀڳ سڄي واپار تي قبضو اُنهن جو آهي، انڪري مسلم ليگي، مسلمان سنڌين کي ڀڙڪائي رهيا آهن تہ هندو سنڌي مسلمان جو رت پي رهيا آهن. جهڳڙو طبقاتي آهي جنهن کي هتي مذهبي رنگ ڏنو ٿو وڃي.“

اُن دوشيزه اکيون کڻي بابا ڏانهن نهاريو ۽ ڪنڌ ورائي مون ڏانهن ڪيائين. ڄڻ گم سم. مون ۾ نہ، ڄڻ هزارين ڪوه ڪنهن ٻي منزل ڏانهن نهاريائين. مون کي لڳو اِها نظر منهنجي روح ۾ گهڙي ويئي آهي ۽ جيئن ڪِليءَ ۾ ڪپڙو ٽنگيو آهي، اِها نظر منهنجي روح ۾ اٽڪي پوندي، مون کي ائين بہ ٿو لڳي تہ هن منهنجي اکين جي وادين ۾ هيٺ ۽ گهٽو هيٺ، ڏنو وري بہ مون کي آهي. ۽ مون کي ائين بہ لڳي ٿو ڪيس ڏسڻ بعد مان هن ڪان پري رهي نہ سگهندس. ڇا هوءَ منهنجي ٿي سگهي ٿي؟ الله سائين اِهي الڳ مذهب ۽ ڌرم ڇو ناهيا آهن؟ سانوري آهي. چهري ۾ گهٽو لوڻ ۽ ٿامو اٿس تہ ڪنهن سان اڳ عشق نہ ڪيو اٿائين. يا خد – دک تہ زندگيءَ ۾ ملن پيا پر اهڙي ڪا نظر روح ۾ هڪ ٻئي روح جي ملڻ جو احساس ڏيئي اندروني طاقت کي ٻيڻو ڪري ٿي.

اوه. . . ڇوي تہ هلندڙ گاڏيءَ مان ٽپو ڏي تہ ڏيئي ڇڏيان!-

ها فلمن ۾ ڏيکاريندا آهن تہ ٻئي عشق ۾ پهرين پيار جا احساس اُن دور جيان عارضي لڳندا آهن، مگر پهريون عشق ٻئين عشق لاءِ تيار ٿو ڪري ان جو اجا تہ مون کي ڪو انپو ڪونهي.

مان ڪونہ ٿو چئي سگهان تہ سندس من ۾ ڇا آهي. بس هن نهاريو ۽ مان هن جو ٿي ويس. ٿي سگهي ٿو تہ مان هڪ نظر جي ڪشش ۾ پاڻ کي نٻيندو هجان ۽ اڳيان هلي ڪو نوس عشق ڪنهن ٻئي سان ڪريان، مگر هوءَ منهنجي ذهن جي نمائش گهر مان نڪري سگهي، اهو ممڪن نہ آهي. چاهي مان ڪٿي بہ هجان، آخرين دم تائين مان ڪيس وساري نہ سگهندس. مان ڪيس جيترو وساريندس — اوترو وڌيڪ مون کي ياد ايندي.

مگر مان وسارڻ جو ڇو ٿو سوچيان؟

وري خيال آيو: اگر مان هن ترين ۾ نہ چڙهان ها تہ هوءَ تہ سڪر نہ اچي ها. ٿي سگهي ٿو تہ ڪٿي ڪا ٻي ملي ها ۽ مان بلڪل ان ريت سوچيان ها. پر مان ائين ڇو ٿو سوچيان؟-

مان دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيو هئس. مون کي ٻنين ۾، وڻن ۾ اها ئي هڪ نظر آئي. هڪ گول آڪار رکيا. ان جا خط و خال. شايد گهرائي منهنجي اکين ۾ نہ، سندس اکين ۾ هئي. هوءَ گم سم هئي يعني هن سوچي سمجهي مون ڏانهن نہ نهاريو هئو.

پر بہ مون کي لڳو تہ هن منهنجي روح ۾ ليئو پاتو هئو، جتي هڪ مندر هئو، جتي هڪ چٽان هئي ۽ ان چٽان تي ڏسان تہ هوءَ سلوار ڪرتي دپٽي ۾ ٽنگ تي ٽنگ چاڙهي مخزن پڙهي رهي هئي.

جيڪي جنگ ڪن ٿا، جيڪي فساد ڪن ٿا، جيڪي هٿيار ناهين ٿا تن کي ڇا ڪڏهن محبت نصيب نہ ٿيندي آهي؟-

هڪ خيالي انارڪلي جي عشق ۾ هڪ جوان مري ويو تہ فساد خون ۽ مارشل لا. دڪان لٽيا ۽ بازاريون بند. ڪهاڙيون ۽ بندوقون هليون! — سڄو شهر بند! تہ هڪ عاشق شهيد ٿيو آهي، اُن جي سوڳ ۾ شهر بند ڪيو ٿو وڃي — سڀ روئي گلي ملن ٿا. ڄڻ هر ڪٽنب جو هڪ ڀاتي مري ويو آهي.

اِستري ۽ پرش جو پيار دنيا جي دائمي امن جو ظامن پئجي سگهي ٿو. عشق خدا هجي نه هجي، عشق ڀڳوان هجي نه هجي، عشق مذهب ۽ ڌرم هجي نه هجي، مگر عشق ايڪتا جو احساس آهي....

مون سوچيو، مان جاگرافيءَ ۾ ڪمزور آهيان ۽ گاڏيءَ ۾ عشق فرمائي رهيو آهيان. نه — هر چيز پنهنجي جڳهه تي هجي. هن پل جيڪو سچ منهنجي سامهون آهي، اُن کي اُتلايان پٽليان، سمجهان، قبول ڪريان. بابا ۽ ڪليڪٽر ڳالهيون ڪرڻ لڳا. دوشيزه به ڊپٽو سنڀالي متي وجي ليٽي ۽ مون طرف پاسو نه ورائي سڌي سمهي پيئي. ڪليڪٽر به ڳالهيون ڪري اُتي ئي ليٽي پيو. بابا کي ويني ئي ننڊ ڪٽي ويئي.

گاڏي هلي هي هئي. بهار سبب ٽپت ڪونه هئي ۽ اوچتو مان ڏسان ته پيلي ڊُپٽي جو آنچل ڦر ڦر ڪندو منهنجي منهن کي ڇهي رهيو آهي. جڻ پوپٽن جو هجوم گلن جي جهڳٽي کي ورائي ويو آهي.

مان آهستي اُتي اُن ڊپٽي جي آنچل کي متين جڳهه طرف رکان ٿو.

اِها شاعري پل هجي مگر بدتميزي آهي جو مان هڪ ننڊ ۾ ستل خوبصورت ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريندو رهان — اگر سندس پيءُ ۽ منهنجو پيءُ جاڳيل هجن ته ائين ڪري به نه سگهان.

اجنبيت جي پنهنجي مرجاتا آهي. اجا ته هوءَ مون لاءِ اجنبي آهي. مگر اُهو ڊپٽي جو ڦڙ ڦڙ ڪري منهنجي منهن کي لڳڻ جو رومانس به مان ڪڏهن وساري نه سگهندس. مگر مان ور ور ڪيس وسارڻ جو ڇو ٿو سوچيان؟-

هوءَ منهنجي بلڪل نزديڪ سمهي پيئي آهي ۽ مان ڪيس ڇهي نٿو سگهان، چمي نٿو سگهان. ڪي اَجنبي دوريون قائم آهن. مگر لڳي ٿو ته هوءَ اگر آهي ته منهنجي ئي آهي.

هوائن جي خوشبوئين ۾ مون کي ننڊ ڪٽي وئي. حيدرآباد بعد جڏهن ڪوٺڙيءَ جي پل آئي ته گرگراهٽ جي اواز ۾ اکيون کليون. ڀرين متي نهارين، اُتي هوءَ ڪانه هئي. پيشانيءَ تي لٽڪي آيل وارن کي ناهي ڀرين هڪ پل سامهون ۽ اُن بعد هيٺ نهاريم. درياه شاهه کي ڏسي اڪثر منهنجي ذهن ۾ کي اڻ

سجاتل برفاني چوٽيون ظاهر ٿينديون ۽ مان اڪيلو برفاني وادين ۾ هلندو رهندس. ڄڻ ڪنهن جي تلاش. مگر هاڻ اُهي برفاني چوٽيون اڪين ۾ نٽيون اچن. اُن موسم ۾ سنڌوءَ مان پاڻي ڪجهه گهٽ هئو. ڪٽي ڪٽي ڪي پيٽاريون ڄڻ تنها روح، ڪوٽڙي آئي تہ نظر منگهن ڏانهن ويئي. پوءِ ڪجهہ ساوڪ. اُن بعد ڪوٽڙي اسٽيشن ۽ وري سفر چالو. مان هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ نيپڪن ڪٽي باٿ روم ۾ ويس ۽ وارن ۾ هلڪو گل ناهي واپس اچي جڳهہ تي وينس.

ڪليڪٽر چئي رهيو هو، ”تہ اِها ڳالهہ آهي! خوامخواہ جوان جي حادثي سبب مارشل لا لڳو. نيڪ آهي. پل اوهان الڳ رهو. ڪليڪٽر آهيان بندوبست ڪرڻ ۾ تڪليف نہ ٿيندي، سون ۽ چاندي ڪٽي آيا آهيو تہ وياج جو ڏنڊو سنو ڪري سگهندا.“

مون هن ڇوڪريءَ کي چيو، ”مان هيءَ اخبار ڏسان؟،

هن جواب نہ ڏيئي رسالو مون کي ڏنو ۽ چاهڻ جي باوجود ڪو هٿ جو ڇهاءُ نہ ٿيو.

ڪليڪٽر پڇيو ”پٽ توکي اردو اچي ٿي؟“

”نہ.“

”ڪراچيءَ ۾ سکي ويندين. ڪراچيءَ ۾ اردو ائين هلي، جيئن لنڊن ۾ فرينچ.“ پائيپ مان سوٽو هڻندي پڇيائين، .تو ڪراچي ڏٺي آهي – سئيز ڪئنال جي اوپر ۾ ايشيا جو خوبصورت ۽ صاف شهر.“

”هاڻ ڏسندس. پلا اوهان لنڊن ڏٺي آهي؟،

”ڏٺي اٿم. اُتان ئي آءِ.سي.ايس ڪئي اٿم. تورا مسلمان سنڌي آهن جن آءِ.سي.ايس ڪئي آهي. تو جيترو هئس تہ فيصلو ڪيم تہ ڪليڪٽر ٿيندس. هاڻ ڏيءُ پئي چوي تہ پان مئجسٽريٽ ٿيندي.“

بابا پڇيس، ”گهڻو پڙهي؟“

”پهرين ۾ پهريون نمبر آئي تہ بيو ٿيون هڪ سال ۾ گڏ ڏنائين. وري هن سال چوٿون پڻ پاس ڪري پنجين جو امتحان ڏنو اٿائين.“

”پٽ تون؟“

”مون بہ پنجين جو ڏنو آهي.“
”تنهنجو نالو؟“
”وشنو“
”هيءَ منهنجي ڏيءَ آهي. نالو اٿس سحر. ڪيس ماءُ جو پيار ملي نہ سگهيو. گهر ۾ هڪ نوڪرياڻي ۽ هڪ گورنيس اٿس. ڪار هوندي بہ سائيڪل تي اسڪول وڃي. ڪيس احساس برتري آهي ئي ڪانہ. آخر بہ ڪليڪٽر جي ڌي آهي.“
”پوءِ اوهان ٻي شادي نہ ڪئي؟،
”مذهب تہ چئن جي موڪل ڏني آهي ۽ مان ماڻهو بہ بهادر آهيان، مگر اولاد هوندي ٻي شاديءَ ۾ هڪ مسئلو پئدا ٿيڻ جو خطرو رهي ٿو. جي زال کي اولاد ٿيندو تہ پهرين زال مان موهہ نڪري سگهي ٿو. اِهو جوکم کڻڻ نيڪ نہ سمجهيم.“
سحر هرڻ جهڙيون ڪاريون اکيون کڻي پنهنجي پيءُ ڏانهن نهاريو ۽ اکين مان چيائين ”ابا، منهنجا پيارا ابا.“
مون چاهيو تہ هن جو آواز ٻڌان، مگر هن نہ ڳالهايو. ڊرگ روڊ بعد ڪليڪٽر لطف الله ڪراچي تي ڳالهائڻ شروع ڪيو. ڪئنٽونمينٽ. لورس برج. ڪياماڙي. منهوڙو منگهو پير. ڪلفٽن. ٽائون هال. ڪارپوريشن. نہ نہ. ڪراچيءَ ۾ هندو – مسلم فساد ڪونہ ٿيئي. منهنجي ڌي ڪڏهن ساڙهي بہ پائي. ڪليل سماج ۾ ساڙهيءَ سان هندو مسلم جو پتو ڪونہ پوي. ها، مان ڊي.جي سنڌ ڪاليج جي پئدائش آهيان. رهيس مينارام هاسٽل ۾. . . . . ۽ اُهي ڏينهن . . . . . . . . . . .“
ڪراچي پوليس اسٽيشن تي ڪيس وٺڻ لاءِ ڪمشنر آف پوليس. ڪراچيءَ ڪارپوريشن جو ڪمشنر ۽ ٻيا اڳواڻ آيا. هڪ سنڌس بندوق ڪنئي، ڪن اسان جو سامان ڪنيو.
اسين ٻاهر اچڻ لڳاسين.
سحر چار قدم پنيان رهجي ويئي.
مون موقعي جو فائدو وٺي ڪيس چيو، ”مان توسان ملڻ ٿو چاهيان، ممڪن

آهي؟“

هن هلندي جواب ڏنو، ”ڪنهن بہ شام بنگلي تي اچج.“

من ۾ جڻ پيانو هلڻ لڳو. لڳو تہ سامهون پيانو پيو آهي ۽ مون هن ڪي ڇهيو ڪونهي ۽ ان وڄڻ شروع ڪيو. هڪ ڪڏهن بہ بند نہ ٿيندڙ سنگيت. بنگلي تي اچج. مصري تہ وات سان ڪائبي آهي مگر لڳو تہ ڪنن ۾ جو آواز داخل ٿيو، ان ۾ مصريءَ جو ميناج هئو. اگر اکر پيچي سگهجن ۽ هوا ۾ ڦٽا ڪجن تہ لڳي تہ هڪ هڪ اکر پوري وچوٽي ۽ دٻاءَ سان ٻاهر نڪتو آهي. اگر اکرن ۾ روشني يا مهڪ هجي تہ سامهون تارن جي هڪ دنيا يا گلن جي هڪ ڦلواڙي نهي پوي.

مون ڪي ناٽڪ ۾ ڪمر لچڪائي هلڻ لاءِ چيائون ۽ زور سان اَٽ ڏهہ اڳٽ بہ ٻڌائون تہ ڪمر ڪي نانگ وانگر ٻل ڪارائيندو هل. مگر سحر جي هلڻ ۾ اهڙو ڪو ناٽڪي انداز نہ هئو. البت ڏٺم تہ سندس هلڻ وقت سندس پيلي ڪرتي ۾ پهرين چُڻَ هڪ هنڌ تي نهيا ۽ رفتہ رفتہ الوپ ٿي ٻئي هنڌ تي نهيا. ڪي پل سمجهيم تہ ڪنهن نشي ۾ مان جهومي رهيو آهيان، مگر پان سنڀاليم جو هن پنيان نهاريو.

مون قدم تيز ڪيا ۽ سندس پر ۾ هلڻ لڳس. سوچيم تہ مون دنيا ڪي پنهنجي نسبت ۾ ڪٽي ڏنو آهي ۽ مون پاڻ ڪي هڪ تنها روح سمجهيو آهي. هن سان گڏ ٿو هلان تہ لڳي ٿو تہ اسين نتا هلون — ڌرتي تي هلي، آسمان تو هلي.

ڪليڪٽر گاڏيءَ ۾ تہ ڏاڍي آزاديءَ سان ٿي ڳالهايو، مگر هان چپ چاپ هلي — رهيو هئو. ڪاريون اچي هڪ ڊاڪ بنگلي تي بينيون.

اسان جو سامان اندر رکيو ويو.

مون همٿ رکي ڪليڪٽر ڪي چيو، .سر، ڪڏهن اوهان جي دولت خاني تي اچان؟“

”اهو تہ مان توکي چوڻ وارو هئس. ڏس مون وٽ ڏاڍا سنا سنڌي ڪتاب اٿئي، شاهہ جو رسالو پڙهيو اٿئي؟“

”نہ.“

”پوءِ تون پاڻ ڪي سنڌي ڪيئن ٿو سڏائين؟ اچ ئي ڪٽي وچ.“

”بابا ڏانهن منهن ڪندي ”ڪلاڪ بعد ڪار ايندي. اوهين به اچجو. رات جو ماني اسان وٽ کائجو. پنهنجو خيال ڪجو. خدا حافظ.“
ٻي مهاڀاري جنگ سبب ڪراچيءَ ۾ هلڪي بليڪ – آئوٽ هئي. بلبن چوڌاري ڪارا پنا. رستي تي، گهرن ۾، ڪارين جي بجلين چوڌاري – ڪراچي هڪ اهڙا عورت لڳم جنهن وٽ ڪو زيور نه هئو، جو زيب بخشيس. پر رات جيتري وڌيڪ ڪاري اوتري رات جو گهرو احساس. اسين پيءُ پٽ سنان پاڻي ڪري تيار ٿياسين ته ڪار به اچي ويئي ۽ ڪار هلڻ لڳي. ڪار هلي رهي هئي ۽ رستو پنيان ٿي رهيو هئو. هن جي رفتار وڌيڪ تيز هئي ان ڪري ڪار جڻ آهستي هلي رهي هئي. ڪار هلي ۽ هلي رهي هئي. اُن بعد به هلي رهي هئي. ڇا هن رستي جو ڪو انت ڪونهي؟- هي سفر آخر ڇو نٿو ختم ٿئي؟ پاڻي مان پي رهيو آهيان؛ مگر مون کي هيءُ ڪهڙي پياس لڳي آهي. اُساٽ اکين کي به لڳي آهي. ۽ منهنجو نالو ڪهڙو آهي؟ وشنو! بس مائٽن رکيو ۽ مون قبول ڪيو. اڄ ڪان مان پنهنجو نالو بدلايان ٿو. ڪو نالو جو سحر سان ٺهڪي اچي! ڪهڙونالو؟ مجنو؟ نه نه، فرهاد؟ نه نه، پنهون؟ نه نه. اِهي آخر ۾ الڳ ٿي ويا. ڪو نئون نالو. ساحر؟ ها ها، ساحر. هوءَ سحر مان ساحر. مگر هيءَ ڪهڙي پياس؟ هيءَ ڪڏهن به نه ٻجهندڙ پياس. ۽ هي رستو؟ ائين ته ڪونهي ته جو رستو مان لنگهي آيو آهيان، اُهو ڦري اڳيان وڃي هن رستي سان جڙي ٿو وڃي؟
مان تاڻ ۾ اکيون بند ٿو ڪريان. لڳي ٿو جسم جون رڳون سخت ٿي رهيون آهن ۽ ڪا زبردست ننڊ منهنجي اکين ۾ داخل ٿي رهي آهي. مان اندر ۾ جدوجهد ٿو ڪريان. اُهي ئي برفاني پهاڙ ۽ وايون. ويراني ۽ خاموشي ۽ مان اڪيلو. مان چاهيان ٿو ته رڙ ڪريان جو ڏسان ٿو ته بابا چئي رهيو آهي، ”پٽ اُٿ. ڪليڪٽر صاحب ڇا چوندو؟“
ته آخر هيءُ رستو ختم ٿي ويو! نه. ڪمبخت اڃا به اڳيان ٿو وڃي، البت ڪار بيهي رهي آهي. مان لهان ٿو. ڪليڪٽر خود مٿي وني هلي ٿو. هوءَ ڪانه آئي آهي. لڳي ٿو، مٿي ۾ سور پوڻ لڳو آهي.

اسين هال ۾ پهچي تا وڃون.
هوءَ پياني پرسان ويٺي آهي. ڪيس ڏسان ٿو ۽ هڪ ڪن ۾ مٺي جو سور لهي وڃي ٿو.
بابا سان رسمي طور ڳالهائڻ بعد ڪليڪٽر چيو، ”سحر پٽ، هن کي پنهنجي لئبرري ڏيکار ۽ ڪيس شاهه جو رسالو ڏج“. مون ڏانهن منهن ڪري چيائين، ”جنهن ڏينهن سنڌين شاهه لطيف کي وساريو، سنڌي صفحه هستيءَ تان مٽجي ويندا.“
مان آهستي اُن پياني ڏانهن وڌيس. چاهيم ته فاصلو ڪار واري رستي جيان اٿنت ٿي پوي، جيئن مان ڪيس گهڻو گهڻو ڏسي سگهان مگر پتو ب ن پيو ت ايترا قدم هڪ ڪن ۾ ڪيئن ڪنيم.
هوءَ هڪ روم ۾ وٺي هلي، جتي ڪتابن جا ڪيترا ڪٻٽ هئا. انگريزي، سنڌي اردو.
”ڪهڙا ڪتاب پسند ڪرين وشنو؟“
”مان وشنو ڪون آهيان.“
”پر ٽرين ۾ مون اهو نالو ٻڌو.“
ا:ها صبح جي ڳالهه آهي.“
هن آنچل جي ڪنڊ وات ۾ اٽڪائيندي چيو، ”اوهو، اهو صبح هئو! يعني اوهان جو نالو الڳ پهرن ۾ الڳ. صبح هڪ، شام ٻيو. منجهند هڪ، رات ٻيو. سنجها هڪ، سحر ٻيو.“ ۽ هوءَ مشڪڻ لڳي ۽ ٽورو ڪلي ب. لڳو ڪنهن جهرڻي يا چڻجي ڪنهن فائونٽين پرسان ويٺو آهيان.
”منهنجو نالو آهي ساحر. منهنجو پنهنجو چونڊيل نالو. سوچيم ت ... چئي ڏيان.“
”ها.“ هن مون طرف منهن ڪيو.
”سوچيم ته توسان مئچ ڪندو.“
لڳو ته ڪنهن گمنام ٽارچ مان هلڪي ڳاڙهي روشني سندس چهري تي پيئي.
”مگر تو ته مون کي فقط اڄ ڏٺو آهي.“
”نالو ب اڄ بدلايو اٿم.“

”ڇا عشق ۾ گرفتار ٿي چڪو آهين؟“
مان چپ.
ٻڌاءِ.“
”عشق ڪو انڊين پينل ڪوڊ پيچڪڙيءَ جو عدالتي آرڊر ڪونهي جو گرفتار ٿيان. فقط هڪ انجام ڪر.“
”ڪهڙو؟“
”پنهنجي زندگي بابت ڪو به فيصلو ڪرين، اُن ڪان اڳ مون سان صلاح ڪج.“
”تيستائين توسان ملندي رهان- ڪئين؟“ اُهائي جهرٽي واري ڪل.
”اري پائي، مون وٽ اندر ۾ هيترو ڪجهه ٿي ويو آهي ۽ تو وٽ ڪجهه آهي ئي ڪونه!“
هن گنڀير ٿي پنهنجو ساڄو هٿ منهنجي ٻانهن ۾ وجهي چيو، ”ٻڌ ساحر، تون ٿرين ۾ سمهيو پيو هئين ۽ مان جيءُ پري توکي ڏسي رهي هيس، مون کي لڳو ته تون ڪنهنجو به هجين مگر مان تنهنجي آهيان. خدا مون کي فقط تنهنجي لاءِ ٺاهيو آهي. مون کي لڳو ته تون مون وٽ ايندين- اڄڻ ڪان اڳ اڄڻ جو پڇندين.“
”ته سحر ٻڌ، اسين ڪا جلد بازي نه ڪنداسين ۽ هاڻ هلون بس شاهه جو رسالو ڏي. يا تون ڪٽي اچ، مان هلان ٿو.“
”نه ترس.“ هن هٿ هٽائيندي چيو، ”من ۾ ڪو گناهه جو احساس نه ڪر. بابا کي مان سڄاڻان، گڏ ٿا هلون.“
مان اُن بنگلي جو ڪهڙو بيان ڪريان، جڏهن ته هوءَ منهنجي سامهون هئي، ڏکي هئي، مان وڏيڪ ڏکو ۽ قداور، ڪلها موڪرا.
اوهه- هيءَ زندگي ڪيتري خوبصورت آهي. اُن جو درد خوبصورت آهي. ان جا زخم خوبصورت آهن. هن جي هٿڻ سان مون لاءِ زندگيءَ ۾ ڪو مطلب ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيڪر چڪي چاتيءَ سان لڳايانس. نه، مان فقط ايستائين سوچي ئي سگهان ٿو.
”توکي لڳي ٿو ته اسين اڳي به ڪڏهن مليا آهيون؟ جڏهن عمر ۾ اڃا به وڏا

هئاسين؟“ سحر پڇيو.
”ها لڳي ٿو. مگر ڪڏهن ڪٿي، ڪجهه ياد نٿو اچي!“
”مون کي لڳي ٿو تون منهنجي احساس جو روح آهين ساحر.“
”مون کي لڳي ٿو تون منهنجي روح جو احساس آهين سحر.“
۽ اسين واپس هال ۾ آياسين.
بابا ۽ ڪليڪٽر ڳالهين ۾ مشغول هئا ۽ ڪُلا ۽ ٻڏا ٿهڪ ٿي ڏنائون. بابا به ڌوتي نه، انگريزي پتلون پاتي. ڪليڪٽر اسان ٻنهي مان ڪنهن ڏانهن به نه نهاري پنهنجي ڪردار جي واقفيت ڏني. هو ٻئي ڪو شراب پي رهيا هئا ۽ سحر پنهنجي هٿن سان شربت جو هڪ گلاس آڻي مون کي ڏنو.
”۽ تون؟“
آهستي چيائين ”مون ته ڪافي پيتي آ سائين.“
مون کي لڳو ته هزار دفعا ٻڌل اِهو لفظ مون کي صاف، ڌوتل، اڇوتو اڳ نه ٻڌل لڳو. پورو هڪ برهمانڊ هئبسو ۾ بند آهي.
بابا هڪ دوست وٽ مني در هليو، جنهن کي سکر ۾ دارونءَ جو ڏنڌو ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪوٺي هئي. ٻڌم ته تنهن زماني ۾ لک ڪمايا هئائين. پيو سکر ايندو ويندو هو. نالو هئس پرسرام. بابا جون ڳالهيون ٻڌي هن مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ بابا چيائين، ”سو تون بندر روڊ تي رهندين ايڪسٽينشن تي؟“
بابا ٻئي ٽنگون ٻئي موڙي تي رکندي چيو، ”ڪراچي سهڻو شهر آهي يار. هتي ڪجهه ڏينهن گهمڻ اچجي ته مزو اچي. باقي آهي ڇا؟ ايڪسٽينشن جا بنگلا سنا آهن، مگر گهٽيون ويران. رات جو ڇڻ راڪاس گهميو وڃي. ڪٿ سکر جي گوڙ شور تي هريل. اڪيون به ماڻهو ڏسن ته لڳي هتي ڪا سماج آهي. ڇاتل سڃاتل چهرا ۽ انداز. نيڪ آهي، ٿورا گهڻا فساد ٿين ٿا. جيئن ماڻهن جي صحت ڪڏهن خراب ٿيندي آهي ته قوم به ڪڏهن بيمار پوندي آهي ۽ ”تنگ آيد- جنگ آيد“ وانگر ڪجهه ٿي پوندو آهي، سو وقتائتن فسادن تي هري ويو آهيان. پر هاڻي وشنو جي جان کي خطرو هئو، ان ڪري ڪراچي هلي آيو آهيان. ڏوهه ته هن جو ڪونه آهي پر ماڻهن کي جنون چڙهي ته ڇا ڪجي؟!“

”ڪارو در ائين اٿئي جھڙي سکر جي غريب آباد! اتي رھندين.“
”برنس روڊ وري بہ ٺيڪ آھي. ڪجھ اچ وڃ تہ آھي“
سو اسين ڪراچي شھاڻي لا ڪاليج پرسان مين روڊ جي ھڪ بلڊنگ ۾ رھڻ لڳاسين. مون سائيڪل ورتي. روز ”جنت نما“ بنگلي تي وڃڻ شروع ڪيم.
پريمئر ھاءِ اسڪول ڇھين درجي ۾ داخلا ورتم. گھر ۾ ھڪ بورچي رکيوسين جو ڪاڏو ٺاھيندو ھو ۽ صفائي بہ ڪندو ھئو. ڪيس ھڪ الڳ ڪوٺي ڏني سين.
شام ڪجھ ھن ريت گذرڻ لڳي. سائيڪل. ھاءِ ڪورٽ جو چڪرو. ڪاٻي ڪان وڏو مئدان ۽ وچ ۾ مٽيءَ جا ڪجھ اسپيڊ بريڪر نھيل. سائيڪل مٿي وجي ۽ اٽڪل ڇھ فوٽ ھوا ۾ ترندي، پٽ تي وڏيل رفتار سان ھيٺ ڪري. اُن بعد صدر جو رستو. وري ڪاٻي ريگل طرف ايم. جي روڊ تي ھاڻ محمد علي جناح روڊ آھي. ساڄي ٽرام ڪاٻي مان. ٽرام تيز ۽ مان اجا بہ تيز.
اسڪول جا ٻہ چار گھرا سنگتي پنيان پوندا، مگر مان ڪين نڪ تي ھٿ رکي ويچارا ڏيندو اُڏامندو ويندس. سائيڪل جي حرڪت من ۾ شھنشاھي احساس ٿي بخشيو.
فقط ھڪ دفعو دڪان بند ھئڻ سبب پنڪچر نھي نہ سگھيو. بس ۾ وينس تہ صدر مان ٻہ ڇوڪريون چڙھيون. مون ڪان اڳيان واري جڳھ تي وينيون. نہ چاھيندي بہ اُنھن جي گفتگو ٻڌم، جنھن ظاھر ڪيو تہ ڪنواريون ھيون.
”تہ توکي ڪھڙو گانو پسند آھي؟“
”چڪ چڪ سيان- سيان- چڪ چڪ....“
”تہ پوءِ ھو بہ وڻيو ھوندءِ؟“
ڪھڙو؟“
”جواني ڪي ريل چلي جائي ري. يھ چلي. يھ چلي....“
ھہ ھہ... ۽ توکي!“
چاتيءَ تي ھٿ رکي، ”مار ڪٽاري مر جانا. يھ اکيان ڪس کو دکانا نا!....“
لھندڙ سج جي پيلي روشني ۾ سون جي نھيل ڪراچي. وڏا شاھي رستا. فٽ پاتون ۽ تنھائي. اُھو شھر جو خود ۾ ھل اسٽيشن. پاسن ڪان وڻ. مارچ جا پيلا

گل. وٽن ۾. زمين تي. اڪين ۾. ڪا بہ ڳيا گيهہ نہ. هلندو وڃجي. ڪلفٽن وڏيڪ تنها ۽ صدر بزار جڻ وهندڙ سنڌو. ماڻهو بيٺا آهن ۽ رستو هلندو ٿو وڃي. بورڊن تي فقط ٻہ ٻوليون: سنڌي ۽ انگريزي، اُردو لائيٽ هائوس ۽ ڪارپوريشن بعد ڏسڻ ۾ اچي.

اسان مئٽرڪ پاس ڪئي سين مگر سحر نہ ڪڏهن منهنجي گهر آئي ۽ نہ ڪڏهن مان ڪيس سندس گهر ڪان ٻاهر وٺي ويس.

مان بنگلي جا ڏاڪا چڙهندس تہ ڏاڪا جڻ سنگيت جا پد ٻڌجندا هوا ۾ سنها پردا لهرائيندا. هوءَ اهو ڄاڻندي تہ منهنجو وقت ٿي ويو آهي، پيانو وڄائڻ شروع ڪندي. ڪنڌ ۽ ڪلهن ۾ لوڏ. اکيون ڪابي- ساڄي مون ۾.

پوءِ ايندي وهندي ۽ شعر ٻڌائيندي. ڪڏهن ڳائيندي: جب من ۾ ستائي غم- تو ڇيڙ سڪي سرگم.....

مان اڪثر چپ- سوچيندس: مون زندگي ڏٺي آهي ۽ زندگي ٿوري وقت ۾ مخصوص ماحول ۾ ڏٺل رومانچڪاري آهي. محبت ڪجهہ بچائي رکجي. پوري محبت ختم ڪرڻ بعد زندگيءَ ۾ ڪو خاص مطلب نٿو رهي. ڪجهہ هجي، جو مسلسل هجي. ۽ نئون هجي. پيار پل پهرين اکين تائين هجي. ا:هي ڦهليل گيسو. اِهي اُيار. هاٿيءَ جي رانن جهڙيون لچڪ ڀريل ٽنگون- مرمري ٻانهون. ڀري ڏسندڙ اکيون. رس ڀريل چپ ۽ هڪ محبت جو اظهار ڪندڙ ننڍو وات. پاڪر ۾ ڀري ڪيس آڪاس ڪٽي وڃي، اهڙي دعوت ڏيندڙ نوڪ وٺ معمولي وراڪو ڪيئيندڙ نڪ. خوابن ۾ سمايل هئڻ جو احساس ڏيندڙ ڊگهي ڳچي. سانوري. جڻ تہ رات ۽ پرڀات وچ ۾ سرجڻ جو تلخ احساس ڏيندڙ پرهہ ڦٽڻ جي شروعات.

ڪڏهن مان بہ ڳائيندس.

وه ڪون آج آيا- سويري سويري،

ڪ دل چونڪ اُٺا- سويري سويري.

سحر سان منهنجي پهرين ملاقات مون لاءِ ڏينهن جي شروعات آهي.

ڪليڪٽر ايندو تہ اسانجي شربتن جا گلاس خالي ٿي چڪا هوندا. ٽوپلو هٿ ۾،

ڪنڌ سان هيلو ۾ هڪ مشڪ ۾ سڌو اندر. ٻہ سال مون اِن جنت نما بهشت ۾ ماني ڪاڌي. هڪ ئي ڊائيننگ ٽيبل. ڪليڪٽر جون ڳالهيون: هٽلر کي آخر روس مارڻندو. مگر حيدرآباد جا هندو سنڌي چتا تي پيا آهن. ڪراچيءَ ۾ بارود گڏ ڪري رهيا آهن. اري ٻائي، جي گڏ رهڻو اٿوَ تہ اِهي قوت جون ڳالهيون ڇڏيو. شاهہ پڙهو، ڪنور ٻڌو ۽ سحر ۾ ساحر ڏسو. ٻائي هاڻ تون لچ ڇڏ. صرف مون کي نہ ڏس، ڪاڻ ٻہ. ڀلا هاڻ توهان مئٽرڪ پاس ڪئي آهي ۽ هاڻ تورو ٻاهر بہ ڏسو. مون کي هڪ هندو ڇوڪري نہ ملي؟ منهنجو ڏوهہ؟ مان مسلمان هئس! پوءِ مون حليما سان شادي ڪئي. ٻائي اڪبر جوڌ ٻائيءَ سان شادي نہ ڪري تہ پوءِ انصاف جو فرشتو جهانگير ڪيئن پيدا ٿئي؟- اڙي ٻئي شرم تا ڪريو؟- ٻن الڳ نسلن جو رت اعليٰ انسان پيدا ڪندو آهي.... ان ڪري ڳاڏيءَ ۾ اڪ ٽيٽ ڪري مون توکي ڏنو ۽ خدا جو قسم تون مون کي ڄڄي وئين ۽ جڏهن ڪراچيءَ اسٽيشن تي سحر چار قدم پنيان رهجي وئي ۽ تون بہ مون ڏانهن نهاري پيلي شڪل سان چار قدم پنيان ٿِئين تہ مون فيصلو ڪيو اگر اوهين دوست ٿيو تا.......

دوست!..... ها ها ها..... تہ مان وچ ۾ نہ ايندس! عورت ۽ مرد دوست رهي سگهندا آهن. شادي ڪجي نہ ڪجي اُها ٻي ڳالهہ آهي. ملاقات جي پهرين شام تون جڏهن سحر سان لئبرري مان ٻاهر نڪتين تہ نہ تنهنجو چهرو سهميل هئو ۽ نہ اکين ۾ چمڪ هئي. اِهو سنڌي ڪلچر آهي. اشرافت.

اِن ڪري تون هتي اَچڻ لڳين تہ وٽڻ لڳين. مان لبرل آهيان جو يورپ ڏٺو اَٿم. مون کي هندو عورت نہ ملي تہ اُن هڪ سبق سيکاريو تہ مذهب رڪاوٽ نہ ٻڌجڻ گهرجي. اُهو سڀ قبول ڪجي، جنهن مان ڪجهہ جُڙجي. ڪم جوڙڻ جو ڪرڻ گهرجي.

مان توهان کي سچ پچ ڪار ڏيئي نہ سگهندس جو سرڪار جي آهي ۽ خانگي ڪمن لاءِ ڪم آڻڻ ايمان جي ڳالهہ نہ ليکبي. مون طرفان ڪا بندش نہ آهي. اوهين دنيا ڏسو.

سو اسين هاڻ ٻاهر نڪرڻ لڳاسين. اڪثر آتوار صبح ۽ ڪنهن شام.

ساون ڪي نظارلآ هين
اَها- ها آ..........
پتو نہ پوندو هئو تہ اَسين ڪير آهيون.
هڪ دفعي ائين ٿيو تہ اسين لورس برج تي وينا هئاسين مون کي خيال ٿيو تہ سياٽي لاءِ بچايل خزاني مان هڪ چمي چورائي ڪيس ڏيان. اسين ڪلفٽن طرف ويندي آمريڪي هاسٽل پرسان هڪ بنگلي مان رستو ڪڍي، ڪنهن طرح اُتي پهتا هئاسين. اسان کي دين دنيا جي ڪا خبر نہ هئي. آزاديءَ جي هلچل کان بہ ٻاهر هئاسين. اسان جي محدود دنيا پوري برهمانڊ کان وڏي هئي جو دل نندي آهي پر من جو سنسار وڏو آهي.
مون هن طرف منهن ڪيو تہ هن مشڪيو. هن پنهنجو هٿ وڌائي منهنجي چپن تي رکيو. ”سائين ڪجهہ سياڻ لاءِ بہ ڇڏيو.“
”مگر هيءَ آگ......“
هو ڪلڻ لڳي. هن ڪنڌ متي آڪاش ڏانهن ڪيو.
۽ اهو سڀ مون کي سندر لڳو.
۽ اُن کن.....
اوچتو هڪ جيپ سامهون بيني. اڳيان بہ ۽ پنيان چار آمريڪي سولجر بينا هئا. ڊرائيور سحر کي اک هٽندي چيو، ”ڪم. ڪم هيئر. آءِ ول ڳِو يُو مني.“ (هيڏانهن اچ. مان توکي پئسا ڏيندس.)
سحر ٻني تان هيٺ لهي چيو، ”ساحر، سائيڪل کڻ ۽ هل. هتي خطرو آهي.“
”تون منهنجي سائيڪل تي اڳيان ويهہ. مان سائيڪل اُڏايان ٿو.“
هوءَ اُمالڪ سائيڪل تي اڳيان ويني ۽ مون سائيڪل تي سوار تي نيني جيٽي طرف پيڄڻ شروع ڪيو. تيز. ۽ تيز سحر جا وار منهن تي اَچڻ لڳا. هن جي پُٺي منهنجي ڇاتي کي لڳي رهي هُئي ۽ مان من ۾ چئي رهيو هوس: پريو، هن کن بچاءِ، وري ڪيس وني هتي نہ ايندس. هيءَ فقط منهنجي دنيا نہ آهي مگر هن جي پنهنجي دنيا بہ آهي. ڪيس ڪڪ جو بہ ايذاءُ اچي، مان سهي نہ سگهندس.
پنيان جيپ اچي رهي هُئي. هنن رفتار تيز نہ ڪئي. اُن طرف رستي تي بتيون

نہ هيون ۽ رستو بنهہ سنسان هئو. آخر جيپ اڳيان اچي بيٺي. ٻن ڄڻن سائيڪل بيهاري مون کي جهليو ۽ ڪٽي رستي جي پاسي کان پريان ڦٽو ڪيائون. ٻن آمريڪي سولجرن سحر کي ڪٽي جيپ ۾ ويهاريو ۽ جيپ وراڪو ڪائي پنيان آمريڪي هاسٽل طرف ڊڪڻ لڳي. مان اُٿيس. سائيڪل کنيم ۽ جيپ پٺيان ڊڪڻ لڳس. جيتري طاقت هيم سا لڳايم. سائيڪل تمام تيز هلي رهي هُئي ۽ جيپ اجا بہ تيز. پر مان اُن جي نزديڪ ٿيڻ لڳس. اوندهہ ۾ خبر نہ پيئي. ڪنهن بندوق ڪنئي. گولي هلائي. مان زخمي ٿي ڪري پيس. ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺم: جيپ وڃي رهي هئي. جيپ وڃڻ لڳي هئي. جيپ وڃي چڪي هئي. پنيون ڳاڙهيون بتيون جهڪيون ٿينديون ويون. اوندهہ ٿيندي وئي ۽ ڳاڙهي روشني گم ٿي ويئي. پر مون کي لڳو تہ اجا بہ اُن اونڌهہ واري رستي جو سڄو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو.

منهنجون اکيون پوسرڻ لڳيون، ڪلهي ۾ سور پوڻ لڳو ۽ مان بيهوش ٿي ويس.

ڪراچي سول- هاسپيٽل ۾ اکيون کوليم تہ ڏٺم بابا پاسي کان وينو هئو. پريان بہ پوليس وارا بينا هئا. مون ڪنڌ پنيان ورائي نهارڻ جي ڪوشش ڪئي مگر سحر اُتي ڪانہ هئي. چؤطرف نهاريم: نہ سحر هئي ۽ نہ ڪليڪٽر.

”بابا، آمريڪي سولجر مون تي گولي هلائي!“

”تون اِن پاسي وئين چو؟“

”ڪالهہ دل ٿي.“

”ڪالهہ؟ ٿي ڏينهن اڳ.“

”بابا سحر ڪٿي؟“

”بہ ڏينهن اڳ ان جو لاش......“

”سحر جو لاش! بابا سحر جو لاش! بابا سحر مري ويئي.“

”هن جو لاش لورس برج هينان ريل جي پٽن تي ڏٺو ويو!“

”بابا...... سحر مري ويئي!“

”رات جو دير تائين ڪليڪٽر توهان ٻنهي کي ڳولهيندو رهيو. پوليس پهرين

توکي ڏنو. توکي هتي ڪليڪٽر ئي آندو. تون بيهوشيءَ ۾ چئي رهيو هئي: پريو، سحر کي بچاءِ. پريو، سحر کي سولجرن کان بچاءِ....."

"پوءِ بابا؟"

"ڪليڪٽر کي ٽيون ڏينهن پوليس ٻڌايو تہ......."

"۽ پوءِ؟"

"ڪليڪٽر واردات تي ويو. هن ڏيءَ جي لاش جا ٽڪر ڏٺا ۽ هن بندوق کڻي پاڻ کي ماري ڇڏيو."

منهنجي اکين اڳيان، منهنجي اکين ۾ آيل ڳاڙهاڻ سبب، اُهو لال ٽيل رستو نظر آيو...... منهنجي پنهنجي اکين جي سامهون منهنجي دنيا برباد ٿي ويئي. ان جو مون کي غم تہ آهي مگر سحر کي ڪيڏي تڪليف ٿي هوندي ۽ هو گريٽ ڪليڪٽر.... ڪجهہ بہ تہ نہ آهي زندگيءَ ۾. باقي مان چو بچيس. گولي ڪلهي تي چو، سيني ۾ چو نہ لڳي!

جنهن منهنجي چپن تي هٿ رکيو، اُن سان ڇا ٿيو.....؟ منهنجو لڱ لڱ ڪنبڻ لڳو. مان ئي ڏوهار آهيان. مون کي ڦاسي تي لٽڪايو وڃي. مان جيئڻ نٿو چاهيان.... مان جيئڻ نٿو چاهيان.... جيئڻ ۾ ڪجهہ آهي بہ تہ ڪونہ.

۽ هڪ دفعو وري مان بيهوش ٿي وڃان ٿو.

پوليس بيان بعد عدالت ۾:

"تنهنجو سحر سان ڪهڙو ناتو هئو؟"

"شايد اَنام........"

"تون هتي ڪيس چو وٺي وئين؟"

"ڪڏهن بہ تہ نہ ويو هوس هتي."

"پر تون ويو هئين، ڪيس وٺي. اُن جو ڪهڙو ثبوت آهي تہ ڪيس تو نہ ماريو آهي؟"

"ثبوت تہ ڪونهي ۽ مان اِن جرم کي مڃان ٿو تہ هن جي موت جو ڪارڻ مان آهيان ۽ مان چاهيان ٿو تہ مونکي اِن جرم لاءِ ڦاسي ڏني وڃي."

"ڇا تو ڪيس ريپ نہ ڪيو؟"

”مان سنڌي آهيان.“

”ڇا مطلب آهي تنهنجو!“

”مان اشراف آهيان“

”توکي گولي ڪنهن هنئي؟“

”آمريڪي سولجر.“

”اُهي اُتي ڪيئن آيا؟“

”جيپ ۾ آيا، ڪٿان آيا؟ دوزخ مان.“

”مذاق ٿو ڪرين؟“

”سچ ٿو چوان.“

”تو ڪين ڇا ڪندو ڏنو؟“

”تہ هو زبردستي منهنجي سحر کي ڪٽي وجي رهيا آهن.“

”تو کي خبر آهي تہ دنيا کي بچائڻ لاءِ آمريڪا دنيا ۾ سڀ کان اڳتي آهي؟“

”مون گردن اوچو ڪيو، پر ڪيس جواب نہ ڏنم. هو پاڻ بادشاهہ کان وڌيڪ بادشاهہ جو وفادار ٿي لڳو.

”تون مڃين ٿو تہ ڪليڪٽر لطف الله جي موت جو ڪارڻ تون آهين؟“

مون ڪنڌ ڌوڻيو.

”تہ تون چاهين ٿو تہ توکي ڦاسي ڏني وڃي؟“

مون اکيون ٻوٽي ۽ کولي نهار سان ها ڪئي.

”تو کي بہ ڦاسيون اچڻ گهرجن.“

مون هلڪو مشڪيو.

”سڪر ۾ تون وڏيري جي پٽ کي ڪتهڙي مان ڦٽو ڪيو! قبول ڪرين ٿو؟“

مون ڇرڪ ڀريو، پر لڳايل نئين الزام تي ڳالهائڻ لاءِ مجبور ٿيس.

”اوهين تہ سڀ ڄاڻو ٿا.“

”يعني تون اُهو گناهہ بہ قبول ڪرين ٿو؟“

”مان اُهي سڀ گناهہ قبول ڪريان ٿو جي مون نہ ڪيا آهن؟“

”ڪهڙو گناهہ آهي جيڪو تو نہ ڪيو آهي؟“

”اوهين ٻڌايو.“
”تون هن ڏرتيءَ تي بار آهين.“
”بار ڊوهيو؟“
”توکي موت جو ڊپ نٿو ٿئي؟“
”اوهين منهنجو گناهه ثابت ڪرڻ جي بيٺ ۾ مقالميبازي ڪرڻ پسند ڪريو ٿا. لڳي ٿو اوهان سڪندر ۽ پورس جا ڊئلاگ ٻڌا آهن. پر مان ٻه اوهان کي هڪ ڳالهه ٻڌائي ڇڏيان. مرڻ وارو ڪڏهن پنهنجو موت نٿو ڏسي اِن ڪري موت کان ڊپ نه ڪجي. هڪ ته جي اُهو نه ايندو ته ڊپ ڪرڻ جي ڳالهه ڪونهي ۽ ٻيو ته جڏهن ايندو ته مرڻ واري کي اُن جي خبر ڪونه پوندي. ڪوبه ڇئي نه سگهندو ته هن پنهنجو موت ڏٺو آهي، اِنڪري موت جو ڊپ ڪرڻ جو ڪو سبب ڪونهي.“
هن ڦڙتيءَ سان پاسو ورائي جج ڏانهن منهن ڪيو ۽ چيو مي لارڊ! هن کي اهڙي نموني سان ڦاسي ڏني وڃي، جيئن هن کي پنهنجي گناهه سان گڏ پنهنجي موت جو احساس ٿئي.
جج مون ڏانهن نهاريو. شايد مان ڪيس وڻيس. جي قلم مون مٿان لڳايا ويا، اُن تي اپيلاس ڪرڻ لاءِ هن فتويٰ لاءِ هڪ ڏينهن ڪارروائي بند رکي ۽ ٻئي ڏينهن جڻ مون تي احسان جتائڻ لاءِ هن مون کي چوڏهن سال سخت پورهئي سان سزا ڏني ته خون هن تي ثابت ٿي چڪو آهي مگر اُهو هن جي معصوم شڪل مان ظاهر نٿو ٿئي. مگر قانون جي عزت رکڻ لاءِ مان ڪيس سزا ڏيڻ لاءِ مجبور آهيان.
مقدمو ٻڌڻ لاءِ سڪر جا ٻه ڪي ماڻهو آيا هئا. فتويٰ ٻڌي بابا مٿي تي هٿ رکي پَٽَ تي ويهي رهيو ۽ مان هٿن ۾ هٿڪڙي ڏانهن نهاري چپ چاپ پوليس جيپ ۾ وڃي وينس. مون کي جيلي ڪپڙا پارائي ڪنڊ واريءَ ڪوٺيءَ ۾ ڦٽو ڪيو ويو ته مون کي لڳو ته مان هٿ ۾ ۽ جوانيءَ ۾ پهريون دفعو سڏڪا ڀري روئي رهيو هئس. سحر. سحر. سحر. منهنجي پياري. منهنجي مني. منهنجي جان....
سچ ته منهنجي توسان سچي محبت نه آهي جو تون نه آهين ۽ مان زنده آهيان!

مان پَٽَ تي اونڌو ٿي سمهي پيس. مون کي لڳو منهنجي اکين مان گرم گرم پاڻي وهي رهيو هو.
سوچيم تہ پَٽَ سان مٿو پيجي پاڻ ماري ڇڏيان. مان روئي رهيو هئس. رات گذري رهي هئي ۽ مان بنهہ خالي، اڄاترو اطرفو ٿي رهيو هوس. رات آئي پر ننڊ نہ آئي. مون ساڄي بانهن ڏکهي ڪئي ۽ ڪابيءَ تي سر رکي سوچڻ لڳس تہ ڇا اهو ممڪن آهي تہ مون کي بم ملن ۽ مان جيل مان پيجي پوري آمريڪي هاسٽل اُڏائي ڇڏيان....
ٿي سگهي ٿو تہ اوندهہ ۾ سحر ڏٺو هجي تہ مون کي گولي لڳي آهي ۽ مان ڪري پيو آهيان. ٿي سگهي ٿو تہ سحر سمجهيو هجي تہ مونکي گولي لڳي آهي ۽ مان مري ويو آهيان. هن چيو هوندو : خدا، مون کي ڪجهہ بہ ٿئي مگر منهنجي ساحر کي ضرور بچائج.
پيلا ڪيس ترسڻ ڪپندو هئو. اگر سندس بي حرمتي ڪئي بہ وئي تہ اُن ۾ هن جو ڪو ڏوهہ ڪونہ هئو. ظلم بہ هن سان ٿئي ۽ هوءَ سزا بہ پاڻ کي ڏئي. برابر جسم پاڪ ٿيندا آهن، مگر حرامين جي حرڪتن سبب اُهي خراب ليکجڻ نہ گهرجن، ڇو تہ پاڪيزگي جون جڙون روح ۾ ٿينديون آهن. ٿورو مون لاءِ ترسي ها، مان ڪيس پاڪر پايان ها. چمان ها. سندس اکين ۾ آيل ڳوڙها اُگهان ها. چوان ها: مون لاءِ تون اهڙي ئي آهين جهڙي هئينءَ. مان توکي اوترو ئي پيار ڏيندس. نہ جسم تجارتي چيز آهي نہ تو تجارت ڪئي آهي.
تون مون لاءِ ٿورو ترسين ها مهنجا پريم.
ٿورو....
هڪ پل....
منهنجي پيار جي ڪجهہ وصعت ڏسين ها.
ڇهان نہ ها توکي، اگر تون نہ چاهين ها.
بس قريب رهان ها تنهنجي، هڪ چت هينان.
ٿورو ترسين ها.
خدا توکي مون لاءِ ناهيو اهڙو

جو ڪيس مون تي رشڪ ٿيو
۽ هن توکي پاڻ وٽ گهرايو
۽ پنهنجي خدائيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو!
مان اُن رات جيل ۾ ٿڙڪندو رهيس. مونکي لڳو تہ هن برهمانڊ ۾ ڪا تنظيم هجي نہ هجي، مگر هتي اهڙو ڪو ’گاڊ‘ ’خدا‘ ’ڀڳوان‘ڪونهي جو پالڻهار، ڏک سک ۾ مدد ڪندڙ ۽ مجبور جي دانهن ٻڌندڙ هجي. يا شايد هو ڊپ ۽ خوف جي پئداش آهي شايد هو ڊپ ۽ خوف کان ڀڄڻ جو رستو آهي. پيغمبر، سنت فقير، درويش فقط زخمن تي ملم هڻڻ لاءِ پئدا ٿيا آهن.
بابا، سيٺ پرسرام ۽ سکر جي هڪ مسلمان دوست سان گڏ آيو. ڪجهہ وقت ڪجهہ چيائين ڪونہ..... فقط شيخن پنيان بينل پٽ کي ڏسندو رهيو ۽ اُن بعد آهستي چيائين:
”جڳهہ جي چابي جٽئي سان ٻڌي رکي اٿم. ان تي تنهنجو حق. ٻنيون يار الله بخش کي ڏنيون اٿم. جي زمين تي هر ڪيڙين زمين تي اُن جو حق. وقت گذري ويندو. تون آزاد ٿيندين تہ پوءِ مان تيرٿن لاءِ هردوار هليو ويندس. هاڻ نٿو وجان جو ٿي سگهي ٿو گهٽي دک سبب واپس ئي نہ اچان. تنهنجو ڪو ڏوهہ ڪونهي، ۽ تون جيل ۾ بند آهين. آزادي ايندي تہ نوان قانون نهندا. آزادي ايندي تہ تون آزاد ڪيو ويندين.
ڏک نہ ڪر. اَجا مان آهيان. سڀ ڌن دولت تو لاءِ ڪمائي اَٿم. فقط ڏٽي جو نالو ڪڻ. هوئي تنهنجا دک دور ڪندو.“
مان هن جي ان اٽل وشواس اڳيان ڪجهہ ڳالهائي نہ سگهيس. اگر ڀڳوان ڪوڙ آهي تہ اهو ڪوڙ ڪيترو طاقتور آهي جو من چاهي ٿو تہ اُنکي مڃجي.....
پر اهو هجي، انهن لاءِ جن لاءِ هو سهارو آهي. مون لاءِ اَهو ٿي نٿو سگهي.
مون آهستي چيو، ”بابا، ٻنيون ڏيئي اوهان سنو ڪيو. حق کي مڃڻ سان هيءُ ملڪ خوشحال ٿيندو.“
الله بخش مٿي تي هٿ رکيو.
ڪراچي جيل ۾ گهڻا قيدي سياسي هئا. هو اِن ڪري جيل ۾ بند هئا جو هنن

ديش جي آزادي چاهي ٿي. گيت ڳائيندا، بحث ڪندي، ڪتاب پڙهندي ۽ وقت گذرندي آزاد ٿي ويندا. منهنجو ڪم چڪي پيهسڻ مان چڪيءَ کي پيسهيان. چڪي مون کي پيسهي. وقت مون کي ڪٽڪ جو ڏڏر ڪندو رهي.

انقلابي هڪ اڌ ڪتاب منهنجي ڪوٺيءَ ۾ ڦٽا ڪندا وڃن. سال بعد سيڪنڊ ورلڊ وار ختم ٿي. سال بعد مون کي جيل جي ان حاطي وارن اَٺ ڪوٺين جو واردرن بڻايو ويو ته ٻين قيدين تي اک رکان. مون لاءِ مشهور ٿيو ته مان بي گناهہ هوس.

ڪلڪتي ۾ مسلم ليگ پاڪستان جي تقاضا کي تيز ڪيو ۽ بنگال ۽ پنجاب جلڻ لڳا. 15 آگسٽ 1947 هندستان جو ورهاڱو ٿيو پڌرائي اڳ ٿي ۽ جون ۾ جيلر گهرايو.

”توکي پنهنجي جوکم تي هڪ موقعو ڏيئي سگهان ٿو.“

”ڪهڙو؟“

”سنڌ پاڪستان ۾ وڃي رهي آهي“.

”ها.“

”اگر تون پاڪستان مان هندستان هليو وڃين ته توکي مان ڇڏي سگهان ٿو.“

”پر مان سنڌ مان ڇو وڃان؟“

”لڏ پلاڻ ته ٿيڻي آهي. مان چوندس ته تون جيل مان ڀڄي ويو آهين.“

”اِهو ڪم توهان ڇو ٿا ڪرڻ چاهيو؟،“

”ڇو ته تون بي قصور آهين.“

”۽؟“

”۽ تون منهنجي قوم جي هڪ ملسم عورت سان عشق ڪيو آهي. مان مسلمان آهيان، سو ايمان جي تقاضا آهي ته مان توکي ڀڄڻ ۾ مدد ڪريان؟،“

”وڏيڪ؟“

”تون چاهين ته تون مسلمان ٿي سگهين ٿو. توکي مان سهڻي ڇوڪري وٺي ڏيئي سگهان ٿو.“

”اِهو توهان جو ايمان چوي ٿو؟،“

”نہ!“

”توھان مون کي ائين بہ پڇائي سگھو ٿا.“

”ويندين ڪيڏانھن؟“

”وار ۾ اَڌ ڪراچي خالي ٿي ويئي. ڏاڙھي مڇون بہ رکايون اٿم، نالو بدلائي ڪٿي رھي پوندس.“

”نيڪ آھي.“

سو پاڪستان ٿئي، اَن ڪان اڳ راتو واھ مان جيل مان ڀڄايو ويس. مون جيلر صاحب کي وينتي ڪئي تہ ٿورا پئسا ڏينم ۽ ھڪ ٽئڪسيءَ جو بندوبست ڪري ڏي.

۽ مان رات جو اٽڪل ٻي بجي ڪراچيءَ ايڪسٽينشن تي ڪليڪٽر لطف الله جي بنگلي پريان واري فوٽ پاٿ تي ھيٺ لھي بيٺس.

بنگلي ۾ ڪا روشني نہ ھئي. مان ڪافي وقت يڪ ٽڪ اوڏانھن نھاريندو رھيس. ڪو پيانو نٿي ھليو.

ٽئڪسي ڊرائيور چيو، ”صاحب، ھلندا؟ لھندا؟

”تون ڪٿان چانھ پي اچ. مان ڪجھ وقت ھتي بيھندس.“

لائيٽ ھائوس وجان، اُتي ئي چوويھ ڪلاڪ چانھ ملي. اوھان لاءِ وٺي اچان.“

”نہ.“

ٽئڪسيءَ واري پئسا نہ گھريا. پٺاڻ ھئو اِن ڪري ھو نہ بي ايماني ڪري ٿي سگھيو ۽ نہ ٻئي مان اھڙو انديشو رکي ٿي سگھيو ٿو. جوان جي زبان تي ھڪ پشتو گيت آيو ۽ ھو ھليو ويو.

اُھو لنبو ڪارو رستو، ان تي لال لال رت - ۽ پوءِ بہ پٽنا. سامھون گاڏي. پٽن وچ ۾ سحر. ڪليڪٽر جو پاڻ کي بندوق ھڻڻ. پياني ۾ پيانڪ آواز تا ٻڌڻ اچن. اوندھ جڻ چنبا کڻي ڪائڻ تي اچي.

اوڪي. ڊارلنگ، الوداع.

مون پاسو بدلايو. ٽئڪسي آئي. مان ان ۾ چڙھي وينس. پڇيائين، ”ڪيڏانھن؟،

”برنس روڊ.“

بابا حيران ٿي ويو. سڀ ڳالهہ ٻڌائيمانس. صبح جو رتن تلاڻ پرسان هڪ منزل تي مسواڙ تي فليٽ وٺي آيو. چاٻي ڏنائين ۽ اُن ئي ٽئڪسيءَ ۾ اوڏانهن موڪلي ڏنائين.

پوءِ نوڪر هٿان وڪٽوريا ۾ سامان موڪليائين. رات آيو تہ چيائين، ”تون ڪجهہ ڏينهن ٻاهر نہ نڪرج، وقت خراب آهي. پرسرام کي چئي مانيءَ جو بندوبست ڪندو ساڻ ۽ ڪير وغيره موڪليندس. چانهہ پاڻ ناهجانءَ. سنڌ ۾ اسان جو داڻو پاڻي ختم ٿيڻ تي بيٺو آهي. چنتا نہ ڪج. اسين وقت جي آزمائش مان تري پار پونداسين.“

مان ٻين ڪان تہ پڇي سگهيس ٿي، پر پاڻ ڪان پڇي نٿي سگهيس. مون وٽ ڪتاب هئا. ريڊيو هئو.

اخبارون لڪائي گهرائڻ لڳس. هندستان فرقيوار آگ ۾ جلي رهيو هئو ۽ 15 آگسٽ 1947 تي ان جو ورهاڱو ٿي ويو.

مگر مون ضد ڪيو تہ مان سنڌ نہ ڇڏيندس. بابا منهنجي ڳالهہ مڃي تہ نيڪ آهي – توڪل کي ترهو ٻڌي رهي ٿا پئون.

ڪليڪٽر وٽ مون اردو سکي ۽ ڪي ڪتاب بہ پڙهيم. جيل ۾ سڄو قرآن شريف پڙهيم. شريعتي قائدا پڙهيم. گيتا پڙهيل هئم، پوءِ بائيبل پڙهيم. جارج برناردشا، برٽينڊ رسل پڙهيم. ڪي ڪتاب فيلسوفيءَ جا بہ پڙهيم.

مون کي لڳو تہ:

- هندستان قوم جي نئين تصور موجب نئين قوم ٺهڻ جي اوسر ۾ هئو.
- هندستان جي سڄاٽپ اُن جو ڪلچر هئو.
- پهرين هتي دراوڙ پوءِ آرين ڪلچر هئو. ٻنهي ڏي وٺ ڪئي. هندو ڪلچر ۽ مسلم ڪلچر مان هڪ مرڪب ڪامپوزٽ ٺهيو هو، جنهن موجب سڀ هندستاني برابريءَ جي سطح تي ساڳيا هئا.
- ڪلچر ائين تہ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ويس وڳي، رسم رواج، اُٿڻ ويهڻ، کاڌي پيتي سان لاڳو هئو، مگر ڪلچر پنيان تاريخ جو اثر هئو ۽ ان مٿان آرٿڪ ۽ سماجڪ دٻاءَ ڪم ڪري رهيا هئا، مگر ڪلچر مکيہ طور زمين جي

هڪ خطي ۾ رهندڙ ماڻهن جي گڏ يوڳيل انيون مان اُپجيو ٿي. جو جوڙڻ جو ڪم نہ ڪري اُهو ڪلچر نہ آهي ۽ اُن ڪري هندو ڪلچر ۽ مسلم ڪلچر ٽڪر ۾ اچن بدران هڪ ٻئي کي پنهنجو بهترين علم ڏين. ٽڪراءُ ورهاڱي ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. ورهاڱو وڏيڪ درد ۽ مسئلا پيدا ڪندو.

- هندستان جي صوبن جو بہ ڪلچر مرڪب آهي. سنڌ جو ڪلچر صوفي آهي چو تہ اهو ڪامپوزٽ ڪلچر آهي.

- هندستان جي آزادي ۽ پاڪستان جو جنم پنهنجي ڪک ۾ اُهي لعنتون ڪڻي ايندو، جي برٽش راڄ کان اڳ هتي قائم هيون. اسان کي آزادي گهرجي. سڄي مڪمل.

- صوبن جا ڪلچر - سب ڪلچر آهن.

- ورهاڱو تاريخ جي وڏي تجربي، ڪامپوزٽ انڊين ڪلچر کي ختم ڪري سگهي ٿو.

مون اِسڪول جا ٻہ چار يار ڳولهي ڪديا ۽ جيپ ڪٽي سنڌ جي سفر تي نڪري پياسين. 15 آگسٽ آئي ۽ ويئي. اسان جو سفر چالو مون چندر شيکر آزاد ڪٽ ڏاڙهي قائم رکي ۽ سلوار پائڻ شروع ڪيم. سفر ۾ ڏٺم تہ سکر ۽ حيدرآباد ۾ ڪجهہ ٿاءُ هو. پاڪستاني جهنڊا جتي ڪتي لڳي ويا هئا. عام ماڻهن ۾ ڪجهہ اتساهہ هو تہ هاڻ اسين هر هندو ظلم کان بچنداسين، جو هنن زمينداري ۽ ڪامورا شاهيءَ ۾ متن ڪيو هو. مگر هندو سنڌي سنڌ ڇڏي وڃن اهڙي ڪا ڪالهہ نہ هئي.

مون سکر ۾ اُها جڳهہ بہ ڏٺي، جنهن جي چاٻي بابي جي جٽئي ۾ ٻڌل هئي. ڪٿي ترشي ٿي پيئي تہ قوم پرست مسلم سنڌي، هندو سنڌين جي بچاءَ ۾ تي آيا.

واپس ورندي نوابشاهہ ڀاهران هڪ هنڌ جهنگل ۾ ڪنهن جڳهہ هلڪو ٽيڻ لڳس تہ جهنگل مان ڪنهن پڪاريو:

”هندو هندو، پڪڙيو پڪڙيو.“

ماڻهو جمع ٿيڻ لڳا. هڪ جنونيءَ چيو، ”هي ماڻهو هندو آهي، مسلمان هجي ها

تہ هن جو طهر ٽيل هجي ها. هن مسلم ويس ڌارڻ ڪيو آهي. اڙي او واڻيا ڪلمو تہ پڙهي ٻڌاءِ...."
مون قلمو پڙهيو.
چيائين، سيني اڳيان سلوار لاهہ"
جوان اڳيان آيا. هڪ چيو، "هندو آهي تہ چا سنڌي تہ آهي. انهن سنڌين سنڌ کي ٺاهيو آهي. ٺورائيءَ ۾ آهن، تہ چا ٿيو. اسان تہ پاڻ کين بچايون!"
"نہ، هندو هندستان وڃن. اسان کي سندن زمينون ۽ مڪان ملندا. اسين سندن واپار تي قبضو ڪنداسين. سنڌ جو سڄو ڪاروبار اسين هلائينداسين. ماريو ماريو...."
ٻئي جوان لنيون ڪڍي اسان جو بچاءُ ڪرڻ لڳا. اسين جيپ ۾ چڙهياسين ۽ پڳاسين. هنن مان ٻئي چيو، "اسين پنهنجي جان ڏيئي بہ اوهان کي بچائينداسين، خدارا ڊپ سبب سنڌ نہ ڇڏجو ۽ مذهب نہ بدلائجو.
6 جنوري 1948
ڪراچيءَ ۾ اسپيشل گاڏين مٿان گاڏيون اچي رهيون هيون. اُتي روز هزارن ۾ گجرات، اُتر پرديش ۽ بهار مان مسلمان پهچي رهيا هئا. هنن اعلان ڪيو تہ هنن پاڪستان برپا ڪيو آهي. اُنهيءَ جو عيوضو کين ملڻ گهرجي. هندن کي ماريو، سکن پنجابي مسلمانن کي ماريو آهي - سڄي سنڌو ندي رت سان پريل آهي.
اُنهن مهاجرن پيجرا پور وٺ نون سکن کي ماري ڇڏيو. صدر ۾ بزار لٽيائون. رتن تلاءَ تي ڦرون ڪيائون. اسين مٿي پهرين منزل تي هئاسين: مان ۽ بابا.
بابا چيو، "پٽ، پوليس اڳ ۾ ئي تنهنجي پنيان آهي. هل تہ هندستان هلون. جڏهن حالتون نهنديون وري واپس ايندسين. ڪڏهن تہ منهنجي بہ ٻڌ پٽ. اگر بہ يائر گڏ رهي نٽا سگهن تہ پل الڳ ٿين. هل تہ ڪليل ۽ آزاد هندستان هلون"
"نيڪ آهي بابا، جيئن اوهان چوندا."
ڪراچيءَ ۾ پهريون ڪرفيون ۽ پوءِ مارشل لڳو. ٿورن ڏينهن ۾ ناپر آئي. مان بدليل ويس ۾ جيلر وٽ ويس. هن سڃاتو.
"ڪيئن آهين؟،

”وجان ٿو هندستان.“
”نيڪ ٿو ڪرين.“
”هڪ عرض آهي...“
”ڪهڙو؟“
”مون کي ڪليڪٽر لطف الله ۽ سحر جون قبرون ڏسڻيون آهن.“
”هتي ڪراچيءَ ۾ ئي آهن.“ جيلر چيو، ”مسافر خاني پرسان بندر روڊ تي ئي آهن.“
”اوهان ڏنيون آهن؟“
”تون اُت.“
هن مون کي جيپ ۾ وهاريو. مان ڪراچي ڏسڻ لڳس. لڳو تہ اڳ جڻ نہ ڏٺل اٿم.
مون کي لڳو تہ مان اُتي هڪ ڌاريو شخص هئس. سڀ ڪجهہ اجنبي. اکين تي هريل منظر پنهنجي فطرت بدلائي رهيا هئا.
هڪ هنڌ جيپ روڪائي مون نرگس جا پيلا گل ورتا. جيلر مون کي ٿورو پريان بيهي ٻئي قبرون ڏيکاريون.
”مان ترسان ٿو.“
”نہ، توهان وڃو. خدا ڪري اوهين خوش هجو. پنهنجو خيال ڪجو سلام.“ مون کيس سلام ڪيو.
سندس اکين ۾ پاڻي آيو ۽ جڏهن سندس درد مشڪ ۾ تبديل ٿيو، هن چيو: خدا حافظ.“
مان پهرين ڪليڪٽر جي قبر وٽ آيس ۽ اُتي هڪ گل رکي، اُن قبر کي سلام ڪيم.
اُن بعد مون جهڪي باقي گل سحر جي قبر تي چاڙهيا ۽ مون ڏٺو تہ مان ٻئي ٻانهون ڦهلائي اُن قبر کي لپٽي پيو هوس. اکين جي ڪُنڊن ۾ تيزاب... جڻ اُتي رت جمع... منهنجي سحر، منهنجي مٺي پياري سحر.... هتي نہ ٻٽجندو ڪو تاج محل، مگر تنهنجي ياد هڪ تاج هوندي. منهنجي جان. . . مان توسان ۽ ڌرتيءَ

سان دغا ڪري وڃي رهيو آهيان، اگر ٻيو جنم آهي تہ مان تنهنجي زره ٻڌجندس.... مون هڪ آواز ٻڌو: جب من ڪو ستائي غم. . . اُهو گيت هلندو رهيو ۽ مان ڪلاڪن جا ڪلاڪ اُتي پيو رهيس ۽ ٻئي ڏينهن بابا سان گڏ ٻنهي گهرن مان ٽپڙ گهرائي، اُٺ گاڏيءَ ۾ رکايم. اُٺ جي ڪنيل هڪ هڪ قدم تي مان پنهنجي وطن کان ڏُور وڃي رهيو هوس. دور ٿي رهيو هوس ۽ دور ٿيندو پي ويس.

رت جو هڪ درياهہ پريمين جي پل واري رستي تي وهيو هئو ۽ هڪ درياهہ ڪراچي بندرگاهہ ڏانهن ويندڙ رستي تي وهي رهيو هئو.

ڪراچيءَ جو رنگ روپ بدلجي رهيو هئو. اُتي ڪيترن هنڌن تي خيما لڳا ۽ ميرين شيروانين ۽ جناح ڪئمپ سان سنهڙا سيپڪڙا مهاجر اخبارن جون سرخيون ٻڌجي رهيا آهن. پاڪستان لاءِ اسان قرباني ڏني آهي. پاڪستان لاءِ اسان هندستان ۾ گهر ۽ ڏنڌا ۽ جائدادون ڇڏيون آهن. هر ٽرين جا هندستان کان پاڪستان اچي ٿي، اُن ۾ پاڪستان کي جنم ڏيندڙ بهادر آهن. ڪي زخمي آهن، ڪن جا لاش آهن. هندستان ويندڙ فقط هڪ گاڏيءَ تي حملو ڪيو ويو آهي. سنڌي مسلمان هندن جو بچاءُ ڪري رهيا آهن. پاڪستان کي سنڌي مسلمانن کان بچايو وڃي، ۽ اسان جو ازم آهي: هنس هنس کي ليا (هلآ) پاڪستان- لڙ لڙ (ڪلآ) لين (گـلآ) پاڪستان!

فوٽ پاٿن تي هوٽلون کلي ويون آهن: هوٽل اسلاميہ! ڪاڏي مٿان ڍير مکين جا. چؤطرف برقعن جون قطارون جي اڳ ڪراچيءَ ۾ نہ هيون ۽ بندرگاهہ ڏانهن ويندڙ اُٺ گاڏين جو ڪاروان.....

ڇاتي ۾ نشتر ٿا هلن تہ ڇا فرقي پرستي هندستان ۽ پاڪستان جو مقدر آهي؟..... ڌرتي پتر ڌرتي کان اُکاڙيا ٿا وڃن........ بار هوا ۾ ۽ هيٺ نيضا. ڪنهن نہ ڏنيون شرم گاهن ۾ ڪعبيٰ ۽ ڪاشيون.......

او وطن او وطن..... اِها تہ اسان جي منزل نہ هئي تہ اسين توکان ئي الڳ ٿي وڃون!......

منهنجون اکيون بند ٿيڻ لڳيون. مون کي لڳو تہ مان ڪو زخمي پکي آهيان ۽

هيٺ وٽن ڪي باهه وڪوڙي ويئي آهي، سڄي سنڌ مان دونهان اُٿي رهيا آهن. ڪن پاسن ۾ بادلن مِهَر جو مينهن وسايو آهي. دونهين ۾ اکيون پوسرڻ ٿيون لڳن. بارش سبب چيڪي مٽيءَ جي خوشبو نڪ ۾ گهمڻ تي لڳي. مان شيخن پنيان بند آهيان ۽ ڪير پيانو تي ڳائي رهيو آهي: جب دل ڪو ستائي غم........

هڪ ڪار، رستو، رت چٽڪائيندڙ جيپ ۽ مان......

مان اکيون کوليان ٿو: ڪراچيءَ ۾ ڪيترو ڪجهه سهٽو هئو، جو گم ٿي ويو آهي. سحر، ڪليڪٽر ۽ سنڌ؟ لڳي ٿو ته جو ”شاه جو رسالو“ ڪپڙن ۾ لڪائي ڪنيو اٿم، اُن ڪي سنڌ وساري ڇڏيو آهي.

۽ مان ۽ مون جهڙا هزارين ڏکيا، ڏڪاٽيا، ليٽڙيون پائيندا ڪنهن سياهه اونهائي ۾ ڪرندا ٿا وڃون.....

اُن اونهائي جو ڪو ڇيهه آهي يا نه، ڪجهه پتو نٿو پوي، جو اوسان خطا آهن ۽ ڪرڻ بدستور جاري آهي.

ڪراچي مان نڪرڻ وقت ڏٺم ته ماڻهو ڪجهه اِن ريت بهاري رهيا هئا ڄڻ ته اسين هنن لاءِ اوپرا هئاسين. نه اکين ۾ حَسرت نه مسرت. نه عجب، نه خوشي. ڄڻ حالتن تان استعفيٰ ڏنل.

اونين جي اکين ۾ ڪجهه چمڪ هئي، شايد ايترو هنن اڳ ڪمايو نه هئو.

بندر گاهه تي پاڪستاني آفيسر چست. پاٽيءَ جا جهاز بينا هئا. لنبيون قطارون. ڪي ماڻهو سامان پٽ تي رکي چادرون وڇائي وينا هئا. بدن جون اکيون البت آليون.

اسان سان گڏ الله بخش ۽ پرسرام به هئا ۽ مان ڪين هڪ هنڌ ڇڏي اُن ڦهليل ميدان تي چڪر هڻڻ لڳس. اُتي هر قسم جا ماڻهو هئا. عامل، پائيبند، واڻيا. ڪراچي، حيدرآباد، سکر، شڪارپور، لاڙڪاڻي جا. هزارين ڳوٺن جا.

دل ٿي ته هڪ سگريٽ چکيان ۽ مون پنڌ ڪري هڪ دڪان تان گولڊ فليڪ ورتو. لٽڪندڙ نوڙيءَ جي جليل پڇڙيءَ تان دُکايم ته ڏيان ٽن ڪاليجي جوانن ڏانهن ويو، جي ڪنهن بحث ۾ مشغول هئا.

مون کي لڳو ته اُهي ٿي جوان ڄڻ هندو سنڌين جي خيالات جي ترجماني ڪري

رهيا هئا.
- مان؟ نہ، هميشه لاءِ نٿو وڃان، هسٽريءَ ۾ اهڙا ڪئي دور آيا آهن، جڏهن جاتيون ۽ قومون هاليڊي ڪن- مان چاڻان ٿو تہ مان وري واپس ايندس. هيءُ وڇوڙو عارضي آهي.
- گهٽ ٻوسٽ ۽ بند سماج واري پاڪستان کان آزاد کليل سماج وارو آزاد هندستان، اسان جو دائمي اجهو رهندو. هندو هئڻ سبب اسان کي تناءُ ۾ نہ رهڻو پوندو. ٿورو وقت تڪليف ٿيندي ۽ پوءِ اسين سک ۽ آزاديءَ جي زندگي جئنداسين.
اَجا ٻہ سال اڳ سيڪنڊ ورلڊ وار ختم ٿي آهي، جنهن ۾ ڇهہ ڪروڙ ماڻهو مري ويا آهن. تاريخ اڳ ڪڏهن گئس چئمبر، زوري زنا ۽ عالمگير بربادي نہ ڏٺي آهي. هيروشيما ۽ ناگاساڪي تي ائٽمي بمن جو ڪرڻ ۽ جرمني، ڪوريا، هندستان جو ورهاڱو، هن صديءَ جون وڏيون دکدائڪ حقيقتون آهن. هاڻ اسان بي وطن، بنا ڌرتي وارا اياڱا جلا وطن شخص ٿي ويا آهيون. هندستان اسان کي پناهہ خير ڏيندو، مگر اسان جي آتما اُتي ڪاڃڻ لڳندي ۽ اسين اندران پورا ٿيندا ويندا سون.
مون کي سگريٽ ڇڪڻ ۾ مزو آيو، پر من هڪ نامعلوم خوف ۾ ويڙهجي ويو. اسين هڪ اُن زمين ڏانهن وڃي رهيا هئاسين جا شاهي مگر اڻجاتل هئي. پتو نہ هئو تہ اسان جو مستقبل ڪهڙو ۽ ڪيئن هئو. من ۾ گهٻراهٽ ٿيڻ لڳي.
۽ مون پنهنجو هلڻ جاري رکيو.
چوڌطرف نظر ڦري رهي هئي. اُٺ گاڏيون، وڪٽوريا ٽرڪون ۽ موٽرون اچي رهيون هيون. پاڪستاني هوم پوليس ۽ گارڊس نهايت فضيلت ۽ انتظام سان ملڪ بدر ٿيندڙ ماڻهن کي مدد ڪري رهيا هئا. ڪاڏي، چانهہ، پان لاءِ الڳ قطارون هيون. البت ڪن ڪسٽمر وارن جون پرون تاٽيل هيون.
هڪ ڪٽنب، زال مڙس ۽ ڏيءُ مزدور کان سامان ڪٽائي پي ويا. اوچتو ڏيءُ ماءُ کي ڪجهہ چئي رڪجي ويئي. تہ هڪ جوان اچي اڳيان بيٺس. مان هلندي پٽ

پرو بيهي رهيس. جوڙو هڪ ٻئي ۾ ائين مهو هو ڄڻ ليلا مجنون قبر مان نڪري اُتي پهچي ويا هئا، ۽ الڳ ويسن ۽ ٻولن ۾ هڪ ٻئي کي مخاطب ٿيا هئا.

”رجني، چاهيان ٿو مان ٻه انڊيا هليو هلان، سنڌ جا اصل مالڪ هندو آهن، سنڌ ديس مان نيڪالي مون کان سٺي نه وڃي. ٻين ماڻُ پيءُ سبب مان هلڻ کان مجبور آهيان.“

”هاڻ چا ٿو ڪري سگهجي. تون ٻه اجايو نوابشاهه کان لڪي لڪي پيو پنيان اچين. توسان محبت ڪئي اٿم ته اُن تي ثابت قدم رهديس. هميشه تنهنجي ٿي رهندس.“

”خدا جو قسم- مان ٻه تنهنجو ٿي رهندس. مان قيامت تائين تنهنجو انتظار ڪندس.“

ڇوڪريءَ جو اکيون ڄڻ هڪ هنڌ بيٺل. ڪيڏانهن ڦريون ڪونه. اُها گفتگو ٻڌي منهنجو من سحر ڏانهن ڊڪڻ لڳو. ڏسان ٿو ته ورهاڱو آدم کي الڳ ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، مگر دلين کي الڳ ڪري نه سگهيو آهي. هي ٻه شخص جن جي محبت ورهاڱي جو شڪار ٿي آهي، اُها محبت پنهنجي صداقت سبب ورهاڱي کي رد ڪري چُڪي آهي.

مان وري هلڻ لڳس. هڪ ڪسٽم آفيسر مُڇ کي تاءُ ڏيئي، آڪڙ مان هڪ سوٽيڊ بوٽيڊ سنڌيءَ کي چيو، ”ديوان، هتين خالي پيو وڃين؟“

مسيحا جيان اکيون ڪٽي ديوان مشڪي چيس، ”تلاشي وٺندين جهلجي پوندس! هتين خالي ڪونه ٿو وڃان- مان پنهنجي سيني ۾ شاهه، سچل ۽ سامي کنيو پيو وڃان.“

پرڏيهي فوٽو گرافر گجهن جيئن لامارا ڏيئي رهيا هئا. هڪ جوان ڪيسي مان سنڌ جو نقشو ڪڍيو ۽ فوٽوگرافر ڏنهن نهاري مشڪڻ لڳو، ته سنڌ ڇڏي ٿو وڃان ۽ سنڌ پاڻ سان ڪٽي ٿو وڃان!

ٻه ٻڍيون مٽي تي هٿ رکي وينيون هيون. سندن اکين سامهون ڪا چتا هئي، جتي سندن سپنا جلي پسم ٿي رهيا هئا ۽ هو ڊگها ساهه کٽي رهيون هيون.

مان اُتي ويهي رهيس.
”اوچتو جڻ ڌرتي ڏڏي آهي! سنڌڙي کي لوڏا اڳ به آيا، پر ائين ڪونه ٿيو جو ملڪ ڇڏڻو پوي.“
”اڱواڻ ته هوائي جهازن ۾ پهچي ويا! نه ته مسلمان پائر سڳن کان به وڌيڪ. عيد جا طعام موڪلن. شادي غميءَ ۾ شريڪ ٿين. هاڻي ڌاريا آيا آهن ته ڪين رهڻ لاءِ جڳهه، زمين واپار ڏنڊا ڪپن، سو وٺي ويل وهايو اٿن. جناح ۽ نهرو کي ڇا، اِهي ته بنگلن ۾ رهندا- دربدر فقط ماڻهو ٿي رهيا آهن.“
اهڙو ڪو شخص نه هو، جنهن پنهنجي شهر، گهر ۽ ڳوٺ جي ڳالهه نه ڪئي.
اِن ڪري مون فيصلو ڪيو ته هاڻ ڪٿي بيهندس ڪونه ۽ سڌو بابا وٽ ويندس. سيٺ پرسرام فلحال لڏڻ جو ارادو ڪونه ڏيکاريو. چيائين ته مون پاسي هندو گهٽا آهن، ٻيا نڪتا ته پوءِ مان به نڪرندس. هفتو به ڏسان.
رات جو فراسي تي ليٽيس. رات جو اڪين ۾ واڳهو ۽ چيتا ڏسڻ ۾ آيا. مون کي لڳو ته مان ڏڪندو پيو ويس ته بچان. ساڄي پاسي کان هڪ ڏکهي ڪاري پٽ ۽ مان اُن پرسان تيز ڏڪي رهيو هوس.
صبح جو مختصر سامان کڻي جهاز ٻاهر وڃايل ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳاسين.
بابا ۽ الله بخش پاڪر پائي موڪلايو.
”ته پرتابراءِ هميشه لاءِ ٿو وڃين.“
”نه!“ بابا چيو، ”مان واپس ايندس. جڏهن ۾ چابي ٻڌي پيئي آهي. جڏهن بدلبو، چابي قائم رهندي، ڇو ته سنڌ تي فقط سنڌين جو حق آهي. اُهو ڏينهن ايندو، جڏهن ماڻهو اِها ڳالهه سمجهندا.“
اُن وقت مون کي خيال آيو ته مون دنيا تي سوچيو آهي، تاريخ ۽ ادب پڙهيو اٿم، پر مون ڪڏهن پنهنجي بابا تي نه سوچيو آهي. اڪيلو هن ڪيترو سَنو آهي. ورهاڱو تاريخ جو ڏاڍو وڏو دکدائڪ حادثو آهي. مگر اُن کان وڏو وشواس آهي، جو بابا پاليو آهي ته سنڌ سنڌين جي آهي. ته سنڌي پهريون سنڌي آهن، پوءِ هو هندو يا مسلمان ٿي سگهن ٿا. پلي اِن سچ جو سبب نڪرڻ ۾ هڪ يُگ گزري وڃي.....

ماڻھن سان ٽمٽار جھاز آھستي آھستي ھلڻ لڳو. اسين آھستي آھستي ڪراچي ڪان پري ٿيڻ لڳاسين. ڏٺم ته سمنڊ ۾ پاڻي ڪجھ وڌيڪ ئي ھئو ۽ اُن جو رنگ ڳاڙھسرو ھئو......

لطيف جي ھڪ سٽ ڪنن ۾ وجڻ لڳي:

اڪين ڪجھ نہ ڪيو- رت نہ رنائون!......

من ۾ گفتگو ھلي، ”ھي ماڻھو روئن چو ٿا؟ نہ تہ وطن ڇڏي چو رھيا آھن!“

”وطن ڇڏي رھيا آھن، اِن ڪري روئي رھيا آھن.“

ڪراچي دور ٿيڻ لڳي.

ڪراچي دور ۽ دور ٿيڻ لڳي.

۽ ڪراچي دور ٿي ويئي.

رات جو اڪيلو جھاز جي ڊيڪ تي بيٺو آھيان. ھزارين ماڻھو جوان، ٻڍا، ٻار، زالون، مرد، ھڪ ٻئي سان پرسان ڪريا پيا آھن: ڇا خدا، قيامت اچي ويئي آھي؟- ھتي تہ ھر ماڻھو ھڪ قبر آھي ۽ سڀ روح تنھنجي فتويٰ لاءِ منتظر آھن. تون آھين يا نہ آھين، اُھو تون ڄاڻ- اگر آھين تہ يا خدا ڌرتيءَ جي ھن خطي کي امن بخش......

رات ڪاري آھي. جھاز ھزارين لاش ڍوئي رھيو آھي. تاريخ جي گھري غفا ۾ ھڪ لنبو سفر آھي منھنجو – پوءِ اِن جو انت تہ ھوندو...... ڪٿي تہ روشني ھوندي- منھنجي اکين جي سامھون منھنجو وطن آھي- مگر اُن کي ڏسي نہ ٿو سگھان- اکين ۾ ڪارو ڌنڌ آھي جو ڪجھ ڏسڻ نٿو ڏي. جھاز رت جي سمنڊ مٿان ھلي رھيو آھي....... ھلندو ٿو رھي، ھلندو پيو وڃي..... ٿڌي ھوا لڳي رھي آھي. ۽ مون کي خيال ٿو اچي تہ پڳوان کي مجڻ لاءِ ڪوبہ سبب ڪونھي، مگر انارڪلي ناٽڪ حادثي بعد مون ڪيس اڪثر ياد ڪيو آھي ۽ پوءِ ٿيو ائين آھي تہ منھنجو پاڻ منھنجو پڳوان مون لاءِ خدا ٿي ويو آھي ۽ منھنجي خيالات ۾ پنر- جنم بدران قيامت جا تصور پيا اُيرن. ڇا اِھو ئي ڪنھن قسم جو نئون ڪلچر آھي، جنھن ڏانھن ڪليڪٽر ڏيان ڇڪايو ھئو.......

ھاڻ ڏسان ٿو تہ جھاز جي ڊيڪ تي مان اڪيلو نہ آھيان ٻيا بہ ڪافي بيٺا آھن،

ان ڪري چاهيان ٿو تہ سوچ جي رفتار کي گرفت ۾ آڻيان.
منهنجي اکين جي سامهون منهنجو وطن مون کان کسجي ويو آهي ۽ مان ڪجھ ڪري نہ سگهيو آهيان. مان هڪ ٿڪل، بيوس ۽ لاچار شخص.
ڪراچيءَ جون هلڪيون روشنيون ائين ٿيون لڳن ڄڻ سنڌ جي سينڌ تي ڪا ڪهڪشان ڪري آهي.
اکين ۾ ڪجھ صبح ٿيڻ تو لڳي ۽ مان من ۾ چوان ٿو: اوڪي- مادرِ وطن گڊ باءِ.......
بمبئيءَ جي پهرين ڪنارِي ۽ پوءِ ڪنارو نظر آيو. پرھ ڦٽڻ تي هئي ۽ لڱندڙ هير بدن کي فرحت بخشي رهي هئي. هڪ ڪن لاءِ لڳم تہ جو ڪجھ اکين سامهون آهي، خوبصورت آهي.
اُن ڪن، ڪن جي هڪ ٽتل حصي جيتري اُڏامندڙ پول ۾ مون کان پنهنجو وطن، پنهنجي سحر، پنهنجي جلا وطني وسري ويئي. مان هڪ ڪولمبس ۽ منهنجي سامهون هڪ نئين دنيا، نئين اُميد، نئون اُتساھ...... خوبصورت زندگي. لڳو تہ مان پنهنجي ماضيءَ کان صفا ڪٽجي ويو آهيان. هڪ خيالي ليڪ کان هڪ نئين شروعات. پنيان نهارڻ لاءِ ڪجھ ڪونهي. سڀ اُن ليڪ کانءِ شروع ٿئي ٿو. خواب. پور. وهم. انسنا. چاهنائون. اُمنگ. آس...... پرم! سنسا- ڏنڏلا ۽ مبهم احساس.
ڏسان تہ قبر تي بئي بانهون ڦهلائي ڪو شخص ڦهليو پيو آهي.
ڇا مان پنهنجي اڳلي شخص کان الڳ ٿي سگهان ٿو؟ شايد ٿي سگهان ٿو. پر اُهو مان نہ هوندس ڪو ٻيو هوندو ۽ مون کي ٻيو نہ ٻڄڻو آهي، زندگي جيئن آهي، تيئن تلخ، شيرين، بي مروت قبول ڪندس. پل پل جيئندس، چاهي ڪيترو بہ پوڳيان. مان زندگي هٿان هار نہ ڪائيندس. مان حقيقتن کان ڀڄندس ڪونہ! منهنجي پريمڪا کي ريپ ڪيو ويو، هن آتم هتيا ڪئي. هڪ جوان وهمي عشق ۾ حادثي جو شڪار ٿيو. اِهي بئي درد مون لاءِ بي پناھ هئا ۽ پوءِ بہ مون کي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪيو ويو.
چو؟-

هن سماج جي رچنا ۾، تاريخ ۾، قانون ۾، مذهب ۾، سنسڪرتيءَ ۾ ڪئي ڪجهه غلط ضرور آهي، جو مون کي سمجهڻو آهي چاهي ته مان اڪيلو جڳ بدلي نٿو سگهان مگر هڪ نئين سوچ مون کي رستو ڏيکاريندي ته مون کي ورثي ۾ جو مليو آهي، اُهو ڪيئن ۽ ڪيترو سخت ۽ گهرو غلط آهي، اُن کان مان ڪٿي ٽٽان ۽ ڇا سندر آهي، بامطلب آهي، جنهن ۾ عجب ۽ آنند جو انيو آهي، اُن کي پڪڙڻ جي، قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان

هيڏو آدم، جنهن کي ڌرتيءَ کان ڌڪيو ويو آهي، ۽ هڪ آدم جو مذهب جي نالي وطن ڇڏي پاڪستان آيو آهي، اُن ۾ ڪا نه نئين سوچ پيدا ٿيندي ته رام سون جي لنڪا ڇڏي، غريب اَيوڌيا موٽي ويو. ائين ته هيءَ ڌرتي سڄي خوبصورت آهي مگر الڳ الڳ مٽين جو الڳ الڳ هڳاءُ آهي جو ٻنڌن ۽ موهه ۾ جڪڙي ٿو ۽ اِهو جيون جو هڪ سچ آهي.

چاهيان ٿو ته هڪ سگريٽ هجي ته ڇڪيان. دونهين ۾ پنهنجي تنهائي ڦوڪيان، پر ڦوڪيندس دونهون. هڪ مان هوندس ۽ هڪ منهنجي تنهائي هوندي. مان هڪ تنها روح- مون کي اُن نسبت ۾ پنهنجي وجود ۽ دنيا کي سمجهڻو آهي. مون کي اتهاس جي دور، اُن جي روح ۽ مزاج کي پڙهڻو آهي-

ڪراچيءَ جا قدرتي ڪنارا، جهاز بندر سان لڳل. بمبئيءَ ۾ جهاز پريان بيٺو. جڏهن پاڻي چڙهيو ته جهاز اڳيان وڌيو.

هيٺ بمبئي جي پوليس نيوي آفيسر ۽ ڪاڏي ٽوپي پاتل اڳواڻ يا سيواڌاري بيٺا هئا. ڪراچيءَ ۾ ڪنهن نالو نه پڇيو، هتي به اِئين اَنام. ماڻهن کي ڪاڏي جا پاڪيٽ ڏيئي ٽرڪن ۾ چاڙهيو ويو.

اسان جي ٽرڪ بئلرڊ پيرڊ کان جنرل پوسٽ آفيس جو پاسو وٺي وڪٽوريا ٽرمينس ڏانهن هلڻ لڳي، مگر موڙ وٽ بيهي رهي.

مان حيرت ۾ پئجي ويس. ساڄي پاسي کان هڪ لنبي ويڪري ڪاري ديوار، اُها جا ڪراچي بندر تي مون خواب ۾ ڏٺي ته واڳهو ۽ شينهن منهنجي پنيان ڪاهي پيا هئا ۽ مان ديوار جي پرسان تيز رفتار سان ڊڪي رهيو هوس- ديوار قائم هئي مگر شينهن ۽ واڳهو گم هئا.

اسان سامان لاهي هڪ لوڪل گاڏيءَ ۾ رکيو تہ گاڏي بنا انجڻ جي هلڻ شروع ڪيو. اها هڪ فاسٽ لوڪل هئي.
مون کي بمبئيءَ جي جڳهن ۾ هڪ چيز اکين کي ڪاٽڻ لڳي. ڇتين تي ڳاڙهيون مئنگلور ٽائيلس، ڪراچيءَ ۾ اڪ سنوت وارين ڇتين تي هريل هئي. ماڻهو بہ اڪثر رنگ جا ڪارا ۽ صفا اوپرا. سندن زبان اسان لاءِ فارسي. ٻئي پل هو ڪجھہ پنهنجا لڳا.
مون بابا کي چيو، ”اوهين سمجهو ٿا تہ اسين وري واپس هلنداسين؟“
”ها.“
”تڏهن جڏهن ئي ۾ سکر جي گهر واري چابي رکي آئو.“
”ڇا؟“
”مون جهاز جي ڊيڪ تي پهچي اها چابي الله بخش کي ڏني تہ اِها منهنجي امانت اٿئي.“
”ڇا!........“
۽ الله بخش چيو: مان اوهان جو چوڪيدار آهيان. اوهين جڏهن بہ ايندا، مان بدن تي پيل ڪپڙن سميت ڪٽنب سان ٻاهر هليو ويندس.“
بابا جي اکين ۾ اڻ لکي پاڻياٺ ڏسي مون ڪنڌ ورائي ڇڏيو.
۽ گاڏي منزلون هٽندي تيز رفتار سان هلي رهي هئي.
پاڻي منهنجي بہ اکين ۾ آيو. اُن ڏينهن بابا الله بخش کي چيو تہ ورهاڱو تہ عارضي آهي. واپس ايندس مان سنڌ سنڌين جي آهي.
۽ مون کي لڳو هئو تہ ورهاڱي جي ڏکدائڪ حادثي کان وڌو بابا جو وشواس هئو، ۽ بابا اِهو سوچي تہ واپس موٽي پنهنجي چابيءَ سان پنهنجو گهر کوليندس، اُها چابي ئي ڏيئي ڇڏي!؟
يا بابا ائين سوچيو تہ مهاجر سکر بہ پهچندا ۽ اسان جي گهر جو تالو ڀڃندا، اِن کري هن ايمان جو تالو وٺي چابي الله بخش کي ڏني تہ سنڌ جو ٽڪر، ٽکر جو هڪ ٽٻڪو، ٽٻکي جو هڪ ڇلڪو، ڇلکي جو هڪ خاکو ۽ اُن جو بہ هڪ جزو تہ هڪ سنڌيءَ کي هجي تہ هندو سنڌي ۽ مسلم سنڌيءَ ۾ جڏهن کو فرق

ڪونهي تہ چابي وٺس چا تہ هن وٽ چا؟
۽ هو هڪ ايماندار شخص، چوڪيدار ٻڻجي امانت جو بچاءُ ڪندو- ختم ٿي ويو نظريہ پاڪستان، پل اُن جو بوتو باقي هجي.
ڪي نندا مندر، هڪ هنڌ مسجد. زمين ڪاري. اوچا جبل. وچ ۾ سرنگهون. سوا ڪلاڪ بعد گاڏي هڪ اسٽيشن تي بيٺي، جنهن تي انگريزيءَ ۾ لکيل هئو، ڪلياڻ. ٻاهر آياسين تہ وري هڪ ٽرڪ ملي ۽ اسين اُن ۾. اُن اڌ ڪلاڪ ۾ پٿرائين رستي تي جهٽڪا کائيندي هڪ هنڌ هلي ڇڏيو ۽ اسان کي ٻڌايو ويو تہ اُها جڳهہ انگريز فوجين جي خالي ڪيل: ڪلياڻ رفيوجي ڪئمپ هئي. جنهن کي سنڌين پوءِ سنڌونگر ڪوٺيو، مگر سرڪار اُن جو نالو الهاس نگر رکيو.
منجهند جو وقت. مکيہ رستي تي ڪي وڻ هئا، باقي چڻ قتل شهر، هڪ ڪنڌهر، آسمان ۾ ڪي ڳجهون. ڪابہ هڪ ماڙ منزل نہ. اُن ڪي ڪابہ اسٽيشن نہ، نہ ڪا پوسٽ آفيس. رستا اُکڙيل ۽ ڪٿي بہ بجليءَ جي ٿنڀي ۾ ڪو بلب نہ. سئنيمائون بند.
هڪ پراڻي اسپتال، جيمس سائيڊنگ وٽ ٻہ ٽي ڪاڏي ۽ چانهہ جا دڪان. هتي گهر نہ هئا، بئرڪون هيون ۽ ڪوٺيون فقط ڪِن ڪِن بئرڪن ۾ هيون. اڳ ۾ آيل شخص ڳوٺيون هٿ ڪري وچ ۾ هٽي، هڪ بئرڪ ۾ اٺ اٺ ڪوٺيون ناهيون هيون. ڪٿي بہ ڪو باغ نہ. پکي نہ. ٿورا سوئر جي مون سنڌ ۾ ڪونہ ڏٺا. ڪاڪوس ٿورا ۽ بئرڪن کان ٻاهر. ٻاهر ئي سرڪاري نل. گهرن ۾ ڪوبہ رنڌڻو ۽ سنان جاءِ ڪون.
سرڪار طرفان ڪي تنبو لڳل. اُتان مفت ڪاڏو. ڪاءُ ۽ ڪسڪ. اسان ٻنهي سامان ڪٽي پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هڪ سنيما پرسان هڪ خالي بئرڪ ۾ هڪ ڪوٺي ڏسي سامان اُتي رکيوسين.
بابا چيو، ”پٽ- هي ٿورا پئسا وٺ. ڪلياڻ وڃي پنهنجي لاءِ سائيڪل خريد ڪر ۽ گهر لاءِ ٿورا برتن، مٽ گلاس ۽ اناج وٺي اچ. فڪر نہ ڪر، ڏک جا ڏينهن گذري ويندا. تون وچ تہ مان ٿورو ليٽي وٺان. ڏهہ سال ٿيا تہ تنهنجي ماءُ گذاري ويئي، اُن بعد ڪڏهن سک جي ننڊ ڪونہ ستو آهيان ۽ هاڻ هتي مان هڪ لمبي

ننڊ ڪرڻ ٿو چاهيان.“
مون پئسا ورتا ۽ مون هلڻ شروع ڪيو. اڌائي ميل پنڌ ڪري سائيڪل ورتم ته ياد آيو ته آمريڪي سولجرن مون کي گولي هڻئي ته مان زخمي ٿي سائيڪل تان ڪري پيو هوس، اُها سائيڪل اُتي ڇڏي.
مون سائيڪل سان گڏ اُن جي جوڙڻ جو، پنڪچر ناهڻ جو سامان به ورتو. گهر لاءِ ٻيو سامان خريد ڪيم. اُتي هڪ ٿانگي ۾ رکايم ۽ گهر..... جو به ڇئجي....... ڪٽي آيس.
نه چاهيندي به هڪ نه جهڙي زندگيءَ کان ٻيهر زندگي جيئڻ جي شروعات ڪيم. سائيڪل جي گديءَ پرسان انگريزي ۾ هڪ نالو لکايم: سحر.
چڪر لڳائي هڪ نل ڳولهيم. مٽ ۽ بالٽيون پريم ته ڪجهه سنان وغيره ڪجي. سوچيم ته سياڻ بابا لاءِ ڪٽ وني ايندس. مان ڏيندس کيس آرام.
۽ رات جڏهن بابا پٽ تي ليٽيو ته مون فراسيءَ جي ڪنڊ تي ويهي کيس زور ڏيڻ شروع ڪيا. هن اکيون ڪٽي مون ڏانهن نهاريو. مون کي لڳو، ته کيس سٺو لڳو ته مون سمجهيو ٿي ته مان سندس سک جو سوچي رهيو هئس ۽ جڏهن کيس ننڊ آئي ته مون لال ٿين جي وٽ هيٺ ڪئي ۽ ٻيءَ ڪنڊ ۾ رکيل فراسيءَ تي ليٽي پيس.
پتو نه پيو ته اکيون بند ٿيون. هاڻ ته ڪي واڳهو ۽ شينهن نه هئا، پر مان تيز رفتار سان ڊڪي رهيو هوس. پاسي کان هڪ لمبي اوچي ڪاري ديوار. شايد اڳيان هڪ چڙهه، پهاڙ جي چوٽي. خال. ڪاهي. پٽر.
مان جهٽڪي سان اُٿيس. سوچيم ته چانهه ناهيان مگر گهر ۾ نه کير، نه چانهه، نه ڪٽڊ ۽ نه اِسٽووَ. گهر بنا عورت جي گهر ڪوني ڪيئن ٿو سگهجي؟ بابا بي شادي نه ڪئي ۽ جا منهنجي هئي، سا ته رهي نه هئي. ڪجي ڇا؟-
مون هٿ منهن ڌوتو، ڪنگو ڪنيم ۽ سائيڪل ٻاهر ڪڍيم. سڌو ڪلياڻ ويس. اُتي هوٽل ۾ چانهه پيتم. اُتي نه مکڻ، نه ڊبلروٽي، نه پڪوان، نه سيرو ۽ نه پوري. فقط بصرن جا پڪوڙا ۽ پٽاٽن وارا. مون سگريٽ جو هڪ پاڪيٽ ورتو ۽ بي چانهه پيتم.

شهر ڪليو ته بابا لاءِ هڪ ڪٽ ورتم. هڪ وهاڻو ورتم. هڪ ڪرسي ۽ ٻيون شيون وٺي ٽانگي ۾ رکايم ۽ موٽيس گهر. ريجمينٽ سينما رستي ڪان اندر هئي. چوطرف فقط سڪل گاهه ۽ ٿوهر ۽ اڪن جا وڻ.

سامان ڪٽائي گهر رکايم. ۽ اسٽوف ۾ گاسليٽ وجهي اُهو ٻاريم. ڪڏهن چانهه ناهي نه هئم مگر خبر هئم ته ڪيئن ٺهندي آهي.

بابا ڪي اڃا ننڊ هئي.

مون سوچيو ته منهن ۾ اجايو جهنگ ڪٽي ٿو گهمان، مڇون به وڌي ويون آهن، سو وڃي لهرائي ايندس ۽ اُهو ڏينهن جو سحر ڏنو هئو.

چانهه ڪوپ ۾ پري بابا اڳيان رکيم.

”بابا“.

هو اُٿي وينو. ٽنگون سڌيون هئس. چيائين، ”پٽ ڪڙيون پوسري رهيون آهن.“ سو هڪ هڪ ڪري ڏنائين ۽ ڏک مان چيائين، ”هتي شايد گُسون آهن. پير ڇٽي ويون آهن.“

ڏک مون ڪي ٿيو. مون بابا ڪي ٽوال ڏنو. هن اهو ورتو ۽ آهستي آهستي اُٿي ٻاهر وڃي منهن ڌوئي آيو. مون سندس فراسي ڪٽي اُن ڪي چنڊيو ۽ ڪٽ تي اُن ڪي وڇايم. ڏکڻ پاسي وهاڻو رکيومانس ۽ چانهه جو ڪوپ هٿ ۾ جهلي بيٺس.

هو آيو ۽ ڪٽ تي وينو. چانهه جو ڍڪ پريندي چيائين، ”اوه! تنهنجي ماءُ ياد اچي ويئي. چانهه ڪي ڪير ۾ چڱو گهمايو اٿئي. ٻيو ڪوپ آهي؟“

”ها.“

”ڏاڍي محنت ڪري هيڏو سامان آندو اٿئي.“

”بابا- خيال نه ڪريو- مان گهر ناهيندس.“

اسان سنڌ مان فقط هڪ ٻئگ آندي. اُن ۾ ٿورا ڪپڙا ۽ گينيون هيون. شاهه جو رسالو هئو. باقي ٻه فراسيون ۽ ٻه چادرون هيون.

”سرڳ مان سڌو نرڳ ۾ ڪريا آهيون.“

مان چپ.

”مفت ۾ ته ڪا شيءِ نه آندي اٿئي نه.“

”نہ بابا.
”متان ڪجهہ ورتو اٿئي. ڏرتي وڃائي اٿئون تهذيب نہ وڃائيندا سين.“
مون بابا ڪي ٻيو چانهہ جو ڪوپ ڏنو ۽ هو سڪون سان پيئڻ لڳو. رڪي رڪي پيرن ڏانهن نهارڻ لڳو.
”پاسي ۾ ڪو ڪاڪوس آهي؟“
”نہ!“
”انگريز چا ڪاڪوس ڪونہ ڪندا هئا چا؟“ تورو مشڪيائين.
”خيال نہ ڪريو، سامهون خالي سينما آهي. جيستائين اسين پنهنجو نهرايون........“
هو اٿيو ۽ ٻاهران تي آيو. انگريز ڪپڙا پائي چيائين، ”هل تہ ڪو ڊاڪٽر ڳولهيون.“
هن گهٽي نہ نہ ڪئي، مگر ڪيس سائيڪل تي اڳيان وهاريم. ساڄي ڪاٻي، هينائين متائين هڪ بہ دڪان نہ هئو. ڪي سنڌي ماڻهو ڏنم جن ٻڌايو تہ فلاڻي طرف هڪ پراڻي سرڪاري اسپتال هئي.
اُتي ڪافي ماڻهو هئا. اسان ڪان اڳ آيل ماڻهن ڪي بدليل پاڻيءَ سبب خارس تي پيئي هئي ۽ گهٽن ڪي ڦت تي پيا هئا. اُنهن لاءِ الڳ قطار هئي. اسين اِمرجنسي وارڊ ۾ وياسين. ٻاهر بينل، هڪ مائي بينچ تي ويٺي هئي.
اندر ڪي ماڻهو هئا.
”امان تون روئين چو ٿي؟“
”پٽ چا ٻڌايانءِ! منهنجي نُنهن ڪي هفتو اڳ پٽ ڄائو. رات دروازو ڪليل هئو. هڪ سوئر آيو، جيڪو ٻار ڪي وات ۾ کڻي پڇي ويو. مان پنيان پئي مانس ۽ سوئر ڪي ڏسي وجي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وڌيون مانس. هن زور سان پاسو ورايو. مان هڪ پاسي تہ ٻار ٻئي پاسي ڪريو. ڀڳوان ٻار ڪي وڏي حياتي ڏئي. پٺهس اندر ڊاڪٽر وٽ کڻي ويو اٿس، ملڪ چا ڇڏيو اٿائون، اڄي نرڳ ۾ پيا آهيون!“
”امان.“ هڪ جوان ٻاهر آيو. ”ڊاڪٽر چئي ٿو تہ ٻار مري چڪو آهي.“
مون سمجهيو تہ هوءَ روئندو مگر هوءَ شايد اڳ ئي اُميد لاهي ويٺي هئي. هن

چيو، ”هڪ پتيورتا اِستري آهيان. پڳوان جناح ڪي..... جو اَسان ڪي ماري پورو ڪيو اتائين.“

هو ويا ته اسين اَندر وياسين. مون ڊاڪٽر سان انگريزيءَ ۾ ڳالهايو. ڊاڪٽر بابا جا پير ڏسي اُن ڪي لوشن وغيره هٽي مٿان ملم هنيو ۽ تورو ملم بابا ڪي ڏنو ۽ چيائين، ”گهبرائڻ جي ڳالهه ڪونهي. ٻ ٽن ڏينهن ۾ نيڪ ٿي ويندا، پر پٽ تي نه سمهو. لڳو ته خانداني ٿا.“

مون چيو، ”سنڌ ۾ اسين زميندار هئاسين.“

”نوڪرَ چاڪر هوندوَ؟“

”اُتي هئا.“

”هتي؟“

”اجا ڪالهه آيا آهيون.“

”ماني ۽ جهاڙو پوچي لاءِ مائي ڪپيوَ ته وني ڏيانوَ.“

”اوهان جو احسان ٿيندو.“

”آهن بہ اَوهان وانگر سنڌي“

”اوهان ڪي ڪيئن خبر پيئي؟“

”هتي سسٽرس جي نوڪري ڪرڻ آيون ۽ پوءِ چيائون ته ڪو بہ ڪم ملي...... ڊاڪٽر اَوهان جو نالو؟“

”ڊاڪٽر گاوڙي.“

”مان آهيان ساحر.....“

”ساحر لڌيانوي؟......

”اُهو ڪير آهي؟“

”شاعر آهي.“

”نہ“ مون چيو، ”مان پناهگير آهيان.“

”تورو ترسو مايون اَچي وينديون.“

اَٽڪل چاليهن سالن جي هڪ مائي ملي. اُن ڪي وني گهر آياسين.

”پگهار گهٽو ڏيندا؟“

”جيتري توکي گهرج هوندي“
”تڏهن بہ ٻڌايو. ويهہ رپيا مهينو؟“
”پيٽ پاڻ کي نوڪرياڻي نہ سمجهہ. مان تنهنجو پاءُ. تنهنجو پگهار پنجاهہ!“
”اوهہ، اَوهان ڪالهہ ڪٿي ها؟“
”جو؟“
”ڪالهہ اجا ٻن تولن جو آخري چوڙو وڪيم. چاليهہ رپيا مليا!“
”محنت ڪرين ٿي تہ برڪت پوندءِ. ڪڏهن ضرورت پويئي تہ حجاب نہ ڪج پيٽ.“ اِئين چئي بابا کيس ڏهين ڏهين جا ٻہ نوٽ ڏنا. ”هيءَ وٺ سوٽي!“
هن ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مان سائيڪل ڪڍي ٻاهر هليو ويس.
ڪئمپ چڱي ڪليلي ۽ ڦهليل هئي. ريلوي پٽن جي ٻئي پاسي ڪافي سنڌي هئا، اُتي هڪ ڪچيءَ جي سئلون بہ هئي. مون ڏاڙهي ۽ وار لهرايا.
سامهون ٻہ وڏا جبل هئا. ڏٺم تہ ماٿهن اُن چونڪ جو نالو گانڌي چونڪ رکيو هئو. ڪي ڪئبنون هيون، جن ۾ هوٽلون کلي ويون هيون، جتي اُهو سڀ ٿي مليو، جو ڪلياڻ ۾ ڏسڻ ۾ نہ آيم. هڪ پئڪٽ ۾ تورا شيخ ڪباب ۽ ڊبل روٽيون ورتم. سائيڪل تي چڙهيس ۽ اُڏامندو گهر پهتس.
بابا کي لڳو تہ وطن ڇڏڻ بعد مون اُهو سڀ ٿي ڪيو، جيڪو مون اڳ ڪڏهن نہ ڪيو هئو ۽ جو ڪيو ٿي ان سندس من جو بار گهٽايو ٿي. گهر صاف ڏسڻ ۾ آيم. بابا بہ ڏاڙهي لاهي سنان ڪيو هئو ۽ قميص پتلون پائي ڪٽ تي وينو هئو. هن مشڪيو.
لڳو جڻ اوندهہ ۾ نوري روشني جرڪي اُٿي هئي.

مون ٽي ڏينهن رفيوجي ڪئمپ جا چڪر هنيا. هڪ پهاڙيءَ تي چڙهي ويس ۽ وسيع منظر ڏٺم.
هڪ ڪئمپ ۾ ڪل پنج ڪئمپون هيون. ايراضي اٽڪل چوڏهن چورس ميل. ٽن قسمن جي ماٿهن لاءِ هر ڪئمپ ۾ ٽن قسمن جون اڏاوتون هيون.

آفيسر ٽريننگ ڪالوني، جنهن ڪي سنڌين او. ٽي سيڪشن سڏيو، اُن ۾ هر بئرڪ ۾ فقط چار ڪوٺيون ۽ ڇت ھينيان سنوت ۾ لڳل سيمنٽ جا پترا. اِهي آفيسرن لاءِ هيون. ان بعد بئرڪون، جن ۾ انگريزي سولجر رهندا هئا. اُن بعد فالوئرس لائين، جن ۾ انگريزن جا مڪاني مرانا ملازم رهندا هئا.
او، ٽي سيڪشن ۾ ڪوٺين ۾ بجلي ۽ ٿورو پرپرو سهٽا ڪاڪوس ۽ سنان جايون. بئرڪن ۽ فالوئرس لائين ۾ ڪاڪوس ٿورا. اولهه ۾ ڪلياڻ ته اوپر ۾ اَمبرناٿ شهر. پهرين ڏکڻ ڪئمپ ڪلي يعني چوٿون ۽ پنجون، ڇو ته اُن پاسي اٽڪل هزار سال پراڻو شو مندر هئو. ريل پٽن پرسان برساتي پاڻي م ڦاٽندڙ هڪ نهر. هڪ وڏي نهر اُتر ڪئمپ ڪان ٿورو پَرپرو.
ڪئمپ جي حدن ڪان ٻاهر اُتر ۽ ڏکڻ ۾ ڳوٺ. جهوپڙين جو نمونو سنڌ جهڙو، پر جهوپڙيون ڪجهه ننڍيون نهيل هيون ۽ آدم ٻه قد ۾ سنڌين ڪان ٿورو ننڍو هئو. زمين ڪاري ۽ پٽرائين هئي اِن ڪري اُهي ڳوٺ اڪين ڪي اڳ ڏنل ڪونه لڳا ۽ وٽڻ ۾ لمبي وقت جي گنجائش هئي.
سرڪار پنج ڪئمپ ڪماندنٽ مقرر ڪيا ته ڏسن ته هر ڪئمپ ۾ سنڌين ڪي ڪاڏو ۽ پاڻي ضرور ملي.
ماڻهو گهڻا ۽ ڪاڪوس سنان جايون گهٽ هئڻ سبب زالن ۽ مردن لاءِ الڳ ڪچا ڪاڪوس ۽ سنان جايون ناهيون ويون. چار وڪڙا. ٽن پاسي ڳوٽيون ۽ منهن ۾ ڪچي ڪاٺ جو اڌ دروازو.
هڪ صبح مون ڏٺو ته زالن جي اِنهن سنان جاين جو حساب اَهڙو هئو جو ڪا اُتي سنان ڪري ته سندس مٿيون اڌ بدن ڏسڻ ۾ اچي. ڪاڪوس ۾ اُلٽو حساب. اڌ دروازو اچي پر مٿي پل جسم جو هينيون حصو ڏسڻ ۾ اچي، پر منهن لڪل هئڻ ڪپي!
مان ويهن سالن جو جوان هئس. سحر مون ڪان ٻه سال ننڍي هئي. قطارن ۾ سنان. قطارن ۾ ڪاڪوس. اَڌ دروازا. ڪٽي ڇاتيون ظاهر، ڪٽي بدن جو هينيون حصو. مون فقط هڪ دفعو هڪ منظر ڏٺو. شرم وچان منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو! اِن روپ ۾ ماءُ پيڻ ته ڇا پر ڪير پنهنجي پريمڪا ڪي ٻه نه

ڏسندو. هڪ بند ۽ تنگ سماج کي ڇڏي اسين هڪ کليل ۽ آزاد ملڪ ۾ آياسين؟ پر اهڙي آزادي ته اَسان ڪڏهن چاهي نه هئي.
اُن بعد ان طرف مون ڪڏهن منهن نه ڪيو ۽ ڏٺم ته اُن طرف ڪنهن به مرد نٿي نهاريو ته سمجهيم ته اسان جي تهذيب ته باسلامت ۽ مضبوط مگر اسين وقت ۽ تاريخ ۾ ڪليءَ طرح وائڪا ۽ اُگهاڙا ٿي ويا هئاسين. پنهنجي وطن ۾ ته مون نه ڪڏهن اِهو ڏٺو نه ٻڌو ۽ نه پڙهيو، اگر اتي ڳوٺ هئا ۽ شهري سهولتون نه هيون ته اُتي وڻ، ٻوٽا ۽ ذرتي جا ننڍڙا دڙا ۽ لاهه هئا، جتي شرم ۽ مرم قائم رهيو ٿي.
ڪيتري مختصر گذاريل زندگيءَ ۾ ڪيترو ڏٺو آهي مون. مان هڪ خسيس مانهو، مگر ڇا مان همت ۽ چاهت سان هت ماڻهن لاءِ ڪجهه ڪري نٿو سگهان؟ مان راڄنيتي ڪونه ڄاڻان، مگر هڪ سيپهه سماج جي سيپيتا قائم رکڻ ۽ وڌائڻ لاءِ جدوجهد نٿو ڪري سگهان؟ هيءَ زندگي جا اَسان جي مرضي جي خلاف اَسان خلاف مڙهي ويئي، اُن کان ڇوٽڪارو پائڻ ناممڪن آهي؟
يا مان فقط اُيامان ٿو ۽ منهنجي سورهيائي فقط منهنجي سوچ تائين محدود آهي؟
نيڪ آهي. مان شايد ڪو سورهيائيءَ جو ڪارنامو نه ڪري سگهان مگر مان صحيح سوچان ته مون لاءِ اوترو ڪافي آهي.
مان ڪو رام نه آهيان جو هٿ ۾ تير جهليان ۽ سمندر ديوتا هٿ جوڙي اڳيان اچي بيهي. مان ڪو هنومان به نه آهيان، جنهن هٿ ۾ جبل کنيو- مان ڪرشن به نه آهيان جنهن سُدرشن چڪر سان وناش ليلا رچائي، پر مان آهيان. منهنجو هئڻ هنن ماڻهن جي نسبت ۾ مون کان تقاضا ٿو ڪري ته مان اُهو ڪريان. جو ڪين اِن زندگيءَ کان بچائي ۽ هڪ مان ته نه آهيان، هن غيرت مند سماج ۾ مون جهڙا لکين هوندا. اسين هڪٻئي کي ڳولهي لهنداسين، پر اهو سلسلو جڙڻ کان مان، پل اڪيلو، سوال ڪندس ته هيءَ کهڙي سرڪار آهي جنهن اسان کان وطن ڇڏائيو، مگر اسان جي رهائش لاءِ ڪا رٿا نه ٺاٿي؟ هيءَ کهڙي سرڪار آهي جا جيئڻ جا وسيلا ميسر نٿي ڪري ۽ مفت جو راشن ڪارائي اسان جي هڏ

۾ پريل محنت جي جذبي کي ختم ڪرڻ تي چاهي؟-
پنڌرهن لک سنڌي هندو ڪيڏانهن ويندا؟
هڪٻئي کان الڳ ۽ ڪٽيل رهي اسين پنهنجو وجود ۽ سڃاڻپ قائم رکي سگهنداسين؟
فيصلو وقت ڪندو تہ جن دارا، سڪندر ۽ هزارن حملہ آورن کي منهن ڏنو آهي ائين سترا مرڻ وارا ڪونہ آهن. مارڻ وارا ختم ٿي ويا ۽ سنڌي اڃا قائم آهن ۽ اُهي قائم رهندا، ايڏي سگهہ هنن جي تهذيب ۾ آهي.....
هڪ پريل وڻ هيٺان بيهي مون سگريٽ دکايو. نہ فقط سوچڻ سان ڪجهہ ٿيندو. مان ڪجهہ ڪندس ۽ مان اُهو سڀ ڪندي، پنهنجي وطن ۽ هنن ماڻهن کي ڏسي ڪندس! اِتهاس پل چوي تہ هندو سنڌين سنڌ وڃائي آهي، مگر سنڌ سنڌين ۾ وَسي ٿي.
دل ٿي ٿئي تہ گهر موٽي لطيف جي ڪوتا پڙهان. مگر ڏسان ٿو تہ مون ٻہ ڪلف ورتا آهن ۽ او. ٽي سيڪشن ۾ اُهي ٻن ڪندن وارين ڪوٺين ۾ هنيا اَٿم. پرسان نل، پنيان ڪاڪوس ۽ سنان جاءِ. ساوڪ بدران سڪل گاهہ.
مان سوچڻ ٿو لڳان جو مون کان ٿيو اُهو ڪيئن ٿيو؟ مون کي هڪ ڪوٺيءَ جي ضرورت آهي مگر مون ٻہ ڪوٺيون چو والاريون؟- ڇا وڏن جي زميندار ذهنيت جو رنگ منهنجي رت ۾ آهي تہ جڏهن ٻيا ڳوٺين جو پتيون هٽي ستيا پيا آهن، تڏهن مون ٻہ ڪوٺيون قبضي ۾ ڪيون آهن؟ اگر رت ۾ ڪا خرابي آهي تہ ڪا چڱائي بہ هوندي، جنهن ۾ هزارين سالن جي شرافت پريل هوندي.
ٺيڪ آهي، هڪ روم م اسين پيءُ ۽ پٽ رهنداسين ۽ ٻئي ۾ منهنجو انقلاب رهندو. اُها ٻي ڪوٺي اُنهن جوانن جي نالي رهندي، جي پنهنجي سماج جي حقن لاءِ لڙندا. صرف ڪائڻ ۽ سمهڻ زندگي نہ آهي.....
مون بابا کان ڪجهہ پئسا ورتا.
هڪ روم ۾ بابا ۽ مان ۽ سڀ سامان. ٻي روم ۾ هڪ ٽيبل، هڪ ڪرسي، هڪ ريڊيو، ٻہ بينچ ۽ ٽيبل تي رکيل شاهہ جو رسالو. پرسان پيلا گل ۽ سحر جو هڪ خيالي چتر.

آهستي آهستي سنڌي ايندا ويا. آدم آڌ لک جو انگ اورانگي ويو..... ايترا سنڌي فقط ڪراچيءَ ۾ هئا ۽ بيو ڪٿي بہ نہ هئا. هت حيدرآبادي هجي يا واڻيو، ٻئي دٻو ڪٽي هڪ قطار ۾ تي بينا. لاڙڪاڻي جا بيھ بہ هتي پهچي ويا. مڇي پهتي مگر ڪوٽڙيءَ جو پلو نہ پهتو. پاسي واريون بہ ڪوٺيون بہ پرجي ويون. شايد حيدرآبادي هئا. ڪافي دڪان ڪلي ويا. ڪي اِسڪول بہ ڪليا.

ڍنڍورو ڏياريو ويو تہ اَئڊمنسٽريٽر جي آفيس مان راشن ڪارڊ ۽ رفيوجي سرٽيفڪيٽ وٺي وڃو. مون ’سحر‘ ڪنئي ۽ اُن جڳھ تي پهتس جنهن ڪي هاڻ ’پوائي‘ چيو وڃي ٿو.

سرڪار ماڻهن کي مفت راشن ڏيڻ جا الڳ تہ پيسن تي راشن ڏيڻ لاءِ الڳ دڪان کوليا تہ خبر پوي تہ گهڻا سنڌي غيرت وارا آهن ۽ گهڻا سنڌي مجبور يا لالچي آهن. خبر پيئي تہ آيل اَئڊمنسٽريٽر چيف منسٽر جو پاڻٽيو هئو.

مون کي ٿورو عجب لڳو تہ راشن ڪارڊ جي قطار تمام وڏي هئي، مگر رفيوجي سرٽيفڪيٽ ڪڙڪيءَ ٻاهران هڪ بہ ماڻهو ڪونہ بيٺو هئو. سمجهيم تہ شايد ڪلارڪ موڪل تي هوندو مگر اُتي پهچي ڏسان تہ ڪلارڪ ٽيبل تي پنهنجي معشوقا سمجهي آرام سان اُن تي ٻانهون رکي، اکيون ٻوٽي پٽاريو پيو آهي.

شايد وري منهنجا زميينداري سنسڪار جاڳڻ لڳا.

”اي مسٽر، تون پگهار ڇا حرام جو ٿو کائين؟“

طاقتور ڪلارڪ ڳاڙهين اکين سان سڌو تي چيو، ”پيٽان، پاڪستان مان ڀڄي آيو آهين هتي داداگيري ٿو ڏيکارين؟“

اِن جو جواب مون وٽ آهي مگر اهو ڪنهن چيف منسٽر يا پرائيم منسٽر کي ڏيندس. تون اِن لائق ڪونہ آهين.“

ڪلارڪ جون اکيون ڪنن تائين ڦاٽي ويون.

”پر توکي کپي ڇا؟“

”رفيوجي سرٽيفڪيٽ.“

”راشن ڪارڊ اتئي؟“

”نہ!“
”تہ پوءِ مون ڪي ڪھڙو ثبوت تہ تون رفيوجي آھين.“
”ڪلارڪ آھين پنھنجو ڪم ڪر.“
پھرين راشن ڪارڊ ڪڍاءِ.“
”مگر راشن ڪارڊ وٺندڙ بہ تہ رفيوجي آھن.“
”ھا.“
”تہ ڪھڙي ثبوت تي ڏنا تا وڃن.“
”اِھو پاليسي مئٽر آھي مان ڇا ڪريان؟“
مان ڇھ فوٽ ڊگھو. ڪراچيءَ ۾ اڇي ڊريس، اڇو بوٽ ھئو، اَڇا جوراب پائيندو ھوس ۽ رومال بہ اڇو ڪٽندو ھئس. ھڪ دفعي سحر چيو ھئو:
ھڪ فرشتو.
منھنجي گھر ۾
گيٽ ڳائڻ تو اَچي......
پر ھتي ڪنھن مل جي چوڪيدار جيان سخت تري وارو بوٽ ورتو ھئم، جو چيندڙ پٽرن پيرن جون ڪلون لاھي ڇڏيون ھيون، جو ھڪ شاعر ڪي دانھن ڪندي ٻڌو ھئم:
جبلن تي تا جتيون گسايون.
لوھ جا بوٽ وني ڪي پايون.
۽ سحر بہ تہ نہ رھي ھئي جا بوٽ جي ڪپڙن سان نسبت ڏسي.
مان سڌو ائڊمنسٽريٽر وٽ ويس تہ چپراسيءَ روڪيو ۽ اندران موڪل وني پوءِ ڇڏيائين.
صاحب گول ڦرندڙ ڪرسيءَ تي وينو ھئو. ھٿن ۾ ’ٽائيمس آف انڊيا‘ ھئس. اھا ھيٺ ڪيائين تہ ڏٺم تہ وات ۾ چروٽ ھئس. وات جي ھڪ ڪنڊ ڪولي چيائين ”چئہ.“
”وھڻ لاءِ ڪونہ چوندا.“
”ڪم جي ڳالھ ڪر.“

”سر، اگر رفيوجي سرٽيفڪيٽ لاءِ راشن ڪارڊ ڪپي ته راشن ڪارڊ لاءِ رفيوجي سرٽيفڪيٽ ڪپي، مگر اِهو ڪيئن ممڪن آهي ته بنا هڪ جي ٻيو ملي سگهي.“
هن چروٽ ڪابي هٿ ۾ جهلي چيو، ”رفيوجي سرٽيفڪيٽ لاءِ ماڻهو موڪلي جاچ ڪرڻي پوندي آهي، جو ته فري راشن ڪارڊ ته فقير به وٺي سگهندا ۽ رفيوجي سرٽيفڪيٽ سان ڀارت جي ناگرتا ملي سگهندي آهي.“
منهنجون اکيون ڳاڙهيون ٿيڻ لڳيون.
هن مشڪيو ۽ ناٽڪي انداز ۾ چيائين، ”ڳلا ڦوڪليل اٿئي يعني گهٽڻ سان ئي سمهيو آهين ۽ هتي ته حسن جي بزار کلي پيئي آهي ڪنهن کي به هٿ ڪان جهلي ڪيڏانهن وني وڃ..... هڪ مون کي آٽي ڏي ته جو گهرين سو ڏيانءِ.......“
مون طوفان جي رفتار سان رڪيل ڪرسي ڪنئي، متي ڪئي ۽ پوريءَ طاقت سان ڪيس هنئي. هن ٻئي هٿ متي ڪري ڪرسي ڦيري ۽ زور سان ڪرسي لڳڻ سبب پاڻ پنهنجي ڪرسيءَ سوڌو پٽ تي ڪريو. جوان هئو، اِن ڪري ترت اُٿڻ لڳو ۽ پاسي ۾ لٽڪيل روالور ڪڍڻ لڳو.
”مادر...... تون منهنجي ماءُ پيڻ کي وئشيا ٿو ڪوٺين؟“
”هٿ متي ڪر، نه ته شوٽ ڪندوسانءِ.“
مون به پنهنجي قميص لاهي ڪيس پنهنجو ڪلهو ڏيکاريو ۽ پوءِ قميص هٿ ۾ جهلي چيم، ”تو هڪ بندوق جي گوليءَ جو نشان ڏنو، هڪ ڪميٽي آمريڪي هنئي. هاڻ آزاد هندستان جو آفيسر مون کي ڇاتيءَ تي گولي هڻندو. هڻ! منهنجو هڪ خون منهنجي سنڌين کي بيدار ڪندو....“
”پاڪستان ۾ مسلمان سان وڙهي ڪو نه سگهيا ۽ هت بهادري ٿا ڏيکاريو.“
”مسلمان بدمعاش ڪونه هئا! هڪ مت – پيد سبب ورهاڱو ٿيو آهي. ٻڌ مان تنهنجي روالور کان ڪونه ٿو ڏڪان. مون کي ٻڌاءِ ته اوهين سنڌين کي ذليل ڇو ڪري رهيا آهيو؟“
”مون کي خوشي آهي ته سنڌين ۾ غيرت آهي. ڪرسي سڌي ڪري ويهه ته ڇانهه ٿا پيئون.“ هن پنهنجي ڪرسي سڌي ڪئي ۽ پريان پيل پائيپ ڪٽي هٿ ۾

جهلياڻين.
”چانهه؟ - قائدو بدلايو ۽ تون معافي وٺ. هت حسن جون بزاريون ڪونهن – ڪي ديويون آهن جي مندر مان نڪري اوجهڙ ۾ هلڻ ٽيون لڳن.“
”مان اڄ ئي ٿو قائدو ڪيان. پر تون ويهه.“
”مهرباني.“ اِئين چئي مان قميص ڪلهي تي رکي آفيس کان ٻاهر نڪري ويس.
ٻاهر نڪري مان سائيڪل وٺ آيس. قميص پاتم. ڏسان ته سيٺ پرسرام ٿو اچي، هٿ ۾ چمپل هئس.
”انڪل“ مان هن ڏانهن وڌيس، ”اوهين ۽ هتي، ڪراچيءَ مان ڪڏهن آيا؟ ۽ هٿ ۾ چمپل ڇو ڪنيو اٿوَ؟“
”پٽ ڪراچيءَ ۾ دڪان لٽيو ويو. مهاجرن سکر ۾ منهنجي بنيءَ تي قبضو ڪيو. هٿين خالي هندستان آيو آهيان.“ هن چمپل ڏانهن نهاريندي چيو، ”رستي تي ڪير پيرين اُگهاڙو ڏسندو ڪون – پر آفيسر اڳيان ته چمپل پائي وڃڻ گهرجي.“
”پر ڇو؟“
”رستي تي هلڻ سان پير ڪونه گسبا، مگر جي چمپل ڦاٽي پيو ته مان ڏهه آنا ڪٿان آڻيندس جو ٻيو چمپل وٺان....“ اِئين چئي هن چمپل پاتو ۽ دفتر ڏانهن وڃڻ لڳو. ڪنڌ ورائي پنيان ڪونهَ نهاريائين.
مون کي اسپتال واري مائي خيال ۾ آئي جنهن جو ڏوهتو سوئر ڪٽي ويا ۽ مائي دانهن ڪئي: شل جناح کي....
مون ڪاٻي هٿ سان وار متي ڪيا ۽ فلڪ سان سائيڪل هلائڻ لڳس.
مون چاٻيءَ سان انقلاب جي ڪوٺي کولي. پهرين پٽ جي ان خالي حصي تي لڳايم جتي مرجهايل پيلا گل پيا هئا. مون تيز نگاهن سان چني جي خيالي نقش ڏانهن نهاريو. سندس نگاهن ۾ ڍير موهه پيو هئو. پوءِ نقش گم.
مون شاهه جو رسالو ڪنيو ۽ ڪرسيءَ تي ويهي چاتيءَ سان لڳايم. اکيون ٻوٽيم. لڳم ته پٽ شاهه ۾ سائين جي درگاهه ۾ ٻينو آهيان.
پوءِ مان بينچ تي ليٽي پيس، پاسو ورائي ڪاٻي ٻانهن تي متو رکي شاهه جو

ڪلام پڙهڻ لڳس.
برسات جي موسم آئي. برسات پوي تہ پوندي رهي ۽ اُن بعد بند نہ ٿئي ۽ پوندي ئي رهي. چوطرف پاڻي. ڳوٺن پاسي هيٺائين تي جڻ هڪ سمنڊ. جهوپڙيون متي. جڻ هيٺ برف ۽ هماليہ اُن ۾ هڪ الڪا پوري ۽ مٿي هڪ يڪش. ڪاليداس ڪجهہ اُلٽو ئي ڏنو هوندو. برسات جا الڳ الڳ رنگ. ڪڏهن اولهہ کان اچي ڪڏهن ڏکڻ کان. پاڻي هيٺ اچي ڪري ۽ هوا زمين سان ٽڪرائجي وڃي. ڏوتيون ۽ سلوارون گوڏن تائين مٿي ۽ ڇتيون اُلٽيون. هوائن ڪي پاڻيءَ جا ڇنبا. اوچتو ڳلي تي زور سان چماٽ لڳندي ۽ ڳاڙهي ڳلي مان برساتي پاڻي وهڻ لڳندو. گرمي لاپتا. ٽڌچالو. وچ ائين ڪڙڪندي ۽ ڪڪر گرجندا جڻ اِجهو ٿو آڪاش جو ورهاڱو ٿئي. وري هڪ سانت. صبح چوطرف ساوڪ. وري تانسين جي تانيءَ جو: برس برس ڪر برسو....
مگر سيني جي اندر جا آگ لڳل آهي اُن کي اِها بارش اجا بہ تيز ڪري ٿي ۽ ڪام شرير کي ستائڻ ٿو لڳي.
مون مستقبل مان هڪ چمي چورائي ڪيس ڏيڻ چاهي، هن وات تي هٿ ۽ ڳچيءَ کي ڍڳهو ڪري آڪاش ڏانهن نهاريو. تڏهن تہ اهڙي برسات نہ هئي.
واچوڙا مون سنڌ ۾ ڏٺا. هتي برسات ۾ واچوڙا. جڻ قوهارا چالو. برسات بند. هڪ ڏوتل آسمان ۽ وري مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا هتي بہ پاشڻ. پاڻيءَ جا تلاءَ. ڏيڏرن جي ٽان ٽان ڪجهہ ائنتي- هستري ۽ ڪجهہ ائنتي- ميوزڪ.
بمبئي ۾ برسات معنيٰ بسين جا ڦيٿا پاڻيءَ ۾ گم ۽ لوڪل ٽرينون وچ رستي تي بند. آدي رشين ڪنهن تلاءَ ۾ بار ڏنو ۽ برسات ۾ هنن چيو: جلمئي- پرليہ! ڪجهہ ڪونهي. بدليل زمين تي بدليل موسم جو رنگ آهي. ماري تہ پيانڪ، جي جذبا جاڳائي تہ خوبصورت.
مون تہ سحر سان ڪلفٽن ويندي فقط محسوس ڪيو: ساون کي نظاري هين. پرڪرتيءَ جو بدلجندڙ روپ آهي. اُن ۾ پاوَ اسان جا پريل آهن.
۽ هيءَ ڪڏهن بہ بند نہ ٿيندڙ برسات
لڳ لڳ ۾ تي ڪام جاڳائي.

مهامتا گانڌيءَ کي گولي لڳي چڪي هئي. هن چيو: پاڪستان منهن جي لاش تي نهندو، مگر سندس لاش پاڪستان تي نهيو ۽ ڪراچيءَ مان خبر آئي تہ جناح ڪئنسر جي ڪيئين جو شڪار تي مري ويو آهي.

شهر ۾ دڪانن جون قطارون نهي ويون. ڪچا دڪان. ڪي ڪتابن جا. ٻار لوڪل ٽرين ۾ بسڪوت ۽ ڪٽمنٽرا وڪڻندا ۽ ڪي هلندڙ لوڪل مان ڪرندا رهيا. زالون ڏوڏيون پچڻ لڳيون ۽ پرت جو ڪم ڪرڻ لڳيون. مرد دڪي تي ڪم ڪرڻ لڳا ۽ ڪي ڪلارڪ ٿيا. بابا هنديءَ جو ڪم چالو ڪيو جو ٻيو ڪم ڪيس نٿي آيو.

اُهو هڪ وقت هئو، جڏهن ڪئمپ ۾ هڪ فقير ڪونہ هئو. ماڻهو يا روزگار ۾ لڳل هئا يا تلاشي رهيا هئا.

ڪٿي ڪا غلط چوڪرين جي بزار نہ هئي.

سحر چيو تہ هوءَ مئجسٽريٽ ٿيندي. مون سوچيو ڪليڪٽر ٿيندس. لبطف الله وانگر. انديا آيس تہ خيال آيو تہ يا ڪنهن فلم ۾ ڪم ڪريان يا جي. جي اِسڪول آف آرٽس ۾ جرنلزم جو ڪورس ڪريان. اُن سوال طرف اجان ڳنڀير فيصلو نہ ورتو هئم.

ڏنم تہ سنڌين سنڌ مان ڪتاب ضرور گهٽا آندا هئا. هزارين هٿين خالي هئا. ٿورن وٽ بابا جيان ٿورو ڌن هئو. گهٽا تہ لڪاپتي مان ڪڍا پتي تي آيا هئا، جيئن سيٺ پرسرام هئو. چمپل هٿ ۾ وايون ٻتال. ڪيترا ماڻهو اهڙا جڻ وائڙن وانگر هلندا هجن. جو هنن سنڌ ۾ ماڻيو، اُهو هڪ خواب هئو ۽ ڏسن تہ خواب ختم تي ويو آهي ۽ جو وٽن آهي، اُهو خواب بعد آهي ئي ڪونہ.

ٻن سالن ۾ الهاس نگر وسي ويو، چاهي تہ ان ۾ ڪي ناگرڪ سهولتيون ميسر ڪونہ هيون. سوئرن ۽ گسين جا اُپاءَ ڪيا ويا. جيتوڻيڪ اجا بہ ڪي سوئر ياجي مارڪيٽ ۾ زالن ڪي بي خيالو ڏسي سنڌن ٽوڪري ڪٽي پچي ويندا ۽ پوءِ ڪا مائي سوئر پنيان ڪاهي پوندي: اوشل خدا جو قهر پويئي.

جيمس سائيڊنگ وٽ هڪ اسٽيشن وينلواڙي ڪلي. سينمائن ۾ تي شو هلڻ لڳا. پوسٽ آفيس ڪلي مگر ڪو ڪاليج ڪونہ هئو. خانگي ڊالترن بہ هٽ لڳايا ۽

ڪاڏيءَ وارا ليڊر بہ شهر ۾ اچڻ لڳا.
هڪ ميڙ ۾ هڪ سنڌي اڳواڻ آيو، جنهن لاءِ خبر پيم تہ ڪٿي گورنر ٿيو هئو.
هن سنڌين جي قربانين تي ڳالهائيندي آسمان کي تالهہ سمجهي مٿي تي رکيو ۽ آڱر سڌي ڪري چيائين، ”هاڻ سنڌ کي ياد ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو. جتي آهيو، اُتي سمائجي وڃو. مرهٽن ۾ مرهٽا، گجرات ۾ گجراتي، اِئين ڪجي پيل ٿي هندستان ۾ سمائجي وڃو......“
هڪ جَوان وچ ميڙ مان اُٿي بيٺو. هن زور سان رڙ ڪري چيو، ”چو؟“
اڳواڻ گهبرائجي ويو ۽ جئي هند چئي وڃي ڪرسيءَ تي ويٺو. چڻ تہ هن سوال ٻڌو ڪونہ. ڪئمپ جو نالو اڳئين سال اُلهاس نگر ٿيو. ماڻهن مظاهرا ڪيا، پوليس لٺ هلائي ۽ سرڪاري نالو قائم ٿي ويو. جن لنيون ڪاڏيون تن فرياد نہ ڪئي. شايد هنن ذهن ۾ اُن ڪان وڏيڪ مارون ڪاڏيون هيون.
وچ ۾ ڪي ڏينهن راشن نہ آيو. ماڻهو روز دڪان تي بيهن، پرڪا ٽرڪ نہ اچي ۽ ڪن ڏينهن بعد راشن آيو تہ ماڻهن قطارن کي ٽوڙيو. پوليس لٺ هلائي ۽ جڏهن ماڻهو دڪان تان زبردستي راشن کڻڻ لڳا تہ پوليس گولي هلائي. ڪي جوان زخمي ٿيا ۽ هڪ مائي مري ويئي.
مگر هڪ جوان کان اِهو ٻڌو برداشت نہ ٿيو تہ اَسين وساري ڇڏيون تہ اسين سنڌي آهيون. اُتڻ جو خيال مون کي آيو مگر هو مون کان ۽ مون جهڙن ٻين کان زياده چست ۽ برجستو نڪتو ۽ هن سوال ڪيو- چو؟-
مون کي لڳو تہ جڏهن من نراس ٿئي، اُن کي مايوسيءَ جون چادرون ويڙهيون وجن ۽ چؤطرف اوندهہ ڏسڻ اچي تہ هڪ سوال ڪجي: چو؟-
بيٺل برهمانڊ بہ هلڻ لڳندو، اگر ڪو سوال ڪندو: چو؟
انقلاب ۾ لطيف پڙهي رهيو هئس تہ هڪ ڇوڪري اچي سامهون بيٺي، سائي سلوار، نارنگي ڪرتو، سائو ڊپٽو، ڇاتي اپريل. ڊگهي اکيان وڏيل ڇوٽي. مون کي لڳو سکر کان ڪراچيءَ وڃي رهيو آهيان ۽ سحر هڪ پَل لاءِ منهنجي اکين ۾ ڪنهن گهري واديءَ جي تلاش ڪئي هئي. جنهن نظر کي وساري نٿي سگهيس ۽ جنهن جهڙي نظر مون کي اُن دوشيزه ۾ ڏسڻ آئي.

”مان اندر اچان؟“
”اچ.“ اِئين چئي مون رسالو ٽيبل تي رکيو ۽ ڪرسيءَ تي ويني ئي سگريٽ دکايم ۽ ڪيس بينچ تي وهڻ لاءِ اِشارو ڪيم.
هن بينچ تي وهندي ڊپٽي جي ڪنڌ وات ۾ وجهندي چيو، ”مان بنهه تنهنجي گهر جي پاسي کان رهندي آهيان، مگر تو ڪڏهن بہ مون ڏانهن نہ نهاريو.“ ۽ هن ڊپٽي کي آزاد ڪيو.
مون شايد مشڪيو.
”تمام گهڻا ڪتاب پڙهندو آهين ۽ خوابن ۾ جيئندو آهين.“
”تون واقعي سندر آهين.“
”بس، هڪ نظر ۾ ختم!؟“
”نہ توتي عاشق ڪونہ ٿيو آهيان.“ تورو مشڪي، ”تورو بي تڪلفي ڏيکاريم ۽ تنهنجي طنز جو شڪار ٿيس.“
”هي تازا توانا پيلا گل، روز سائيڪل تي وجين ۽ رومال ۾ گل ڪٽي اچين. تصوير تہ آهي ڪونہ، پر پوءِ هيءُ گل يت وت چو؟“
مان کلڻ لڳس.
”ڳالهائين ائين تي جڻ گهٽي وقت کان سجاڻين تي. شايد اِها جوانيءَ جي هڪ ادا آهي- کن پل ۾ گهرائي.“
”تون ڳالهہ کي لنوائي رهيو آهين.“
”چئہ، ڇاتي ڄاڻڻ چاهين؟“
”جڏهن تصوير ڪونهي، تہ پوءِ هي گل ڪنهن لاءِ؟“
”خدا جي تہ ڪا تصوير نہ ٿيندي آهي.“
۽ مان مشڪڻ لڳس.
هن گهرين اکين سان نهاريو. ”اوهہ. وڏي چوٽ کاڌي اٿوَ.“
”وڏيڪ چئہ.“
”حيدرآباد ۾ گهڻا ڪتاب پڙهندي هئس. هتي ملن ڪونہ ٿا. تو وٽ تہ جام ڪتاب آهن: مون کي پڙهڻ لاءِ ڏيندين؟“

اِها تہ پڇڻ جي ڪا ڳالهہ نہ آهي.“
”پَر تنهنجي هيءَ روم اڪثر بند.“
”مون ڪيسي مان چابي ڪڍي ڪيس ڏيندي چيو، ”وٺ رک. مون ڪي ٻي چابي آهي.“
هن چابي ورتي. ميز وٽ بيٺي ڳلن ڏانهن نهاري هن اُن خالي پيٽ تي هٿ لڳايو، ”نالو ڇا اٿس؟“
”سڀ اڄ ئي پڇندينءَ؟“
”سڀ تہ اِن ۾ نٿو اَچي.“
”ڪافي تيز آهين.“ مون چيو، ”حيدرآباد علم ۽ تهذيب جو مرڪز رهيو آهي ۽ تون بہ سُٺي آهين. دل چاهي ٿي تہ توکي چانهہ پياريان. پيئندينءَ؟“
هاڻ هن ڪليو.
”تنهنجي چانهہ پيارڻ واري توکي تي ڏسڻ اَچي، مون کي نٿي اچي. اِن ڪري چانهہ مان ئي ٿي ڪٽي اچان.“ ۽ هوءَ چابي کي تريءَ تي ڪٽي ويئي.
مون هن طرف نہ نهاريو، پر لڳم تہ هڪ ڦهليل رڻ پٽ ۾ هڪ تلاءُ اُڀريو ۽ اُتي وٽڪار بہ آهي. جڻ رات جي راڻيءَ جي خوشبو ڦهلي آهي. هن نہ ڏني آهي منهنجي سحر، پر هن ڪيس ڇاٽي ضرور ورتو آهي. هوءَ سوچيندي هوندي تہ اِهي پيلا گل فقط اَمبرنات ۾ شو مندر ٻاهران ملندا آهن ۽ جڏهن شو اُتي آهي تہ هن روم ۾ ڇا آهي؟ ۽ هن ڪتاب بہ ڏنا آهن. ڪيس هڪ ڪوتا جي تلاش. ڪوتا ڪتابن ۾ ۽ پاڻ بہ هڪ ڪوتا. بي تڪلف هلي آهي. جن وٽ گل ۽ ڪتاب هوندا آهن، تن وٽ شايد ان ريت وجي سگهبو آهي.، مان نٿو ڄاڻان- پر مون ڏنو تہ هوءَ مون وٽ آئي ۽ مون ڏنو تہ هوءَ ٻن ڪوپن ۾ چانهہ ڪٽي اچي رهي آهي.
مان اُٿي بينچ تي وينس ۽ ڪيس ڪرسيءَ تي وهڻ جو اشارو ڪيم ۽ پوءِ چانهہ جو هڪ ڍڪ پريم. جوان ٿيو هوس تہ نوڪرن ۽ نوڪرياڻين جون، هوٽلن جون چانهيون پيتيون هئم. سحر وٽ شربت پيتا هئم ۽ هاڻ.....
مون چانهہ جو ڍڪ پريندي چيو، ”آهہ.........“

”تہ شايد تون پنهنجي خدا کي سنڌ ۾ ڇڏي آيو آهين.“
”اُهو پل نہ جيئڻ جو اکين سامهون آهي؟“ سوال ڪيم.
”ڪير هئي؟- مسلم؟“
مون چانهہ جو اڌ ڪوپ پيتو ۽ سگريٽ دکايم. ”ڪير آهي تنهنجي گهر ۾.“
”مان آهيان، ماءُ پيءُ اٿم. ننڍو ڀاءُ بہ اٿم. پر ڳالهہ بدلائين ڇو ٿو؟“
”ڳالهہ بدلايان ٿو جو ماحول بدليل آهي.“
”تون بہ تيز آهين.“
”ڪنهن ڳالهہ ۾ تہ برابر آهيون.“
”تنهنجي اکين ۾ رات جو اوجاڳو ۽ اوندهہ آهي.“
”مگر تون.......“
”راڌا.“
”مگر تون مون لاءِ ننڍ ۽ چانڊوڪي نہ آهين!“
هوءَ کلڻ لڳي.
هڪ بي باڪ مهذب گفتگو ۽ اُن مٿان پيار جو رنگ.“
”نہ راڌا.“ مون چانهہ جو ڪوپ ختم ڪيو، ”تون اهڙي آهين جنهن کي آڪاش ۾ اُڏائي وججي. اڳ ڪنهن کي اُڏايو هئم، بلڪل تو جيان هئي، سهڄ ۽ سياويڪ. پوءِ ڪنهن منهنجا ڪنپ ڪٽي ڇڏيا، آڪاس مان هيٺ اهڙو ڪريس جو پتو ئي نہ پيو تہ مان ڪٽي آهيان.“
”هئي؟“
منهنجي اکين ۾ هلڪي پاڻيات جو احساس ٿيو.
”نہ هوءَ آهي، هي پيلا گل ۽ هوءَ منهنجي سحر. ۽ مان ساحر.“
”معاف ڪج- مون کي خبر نہ هئي تہ تنهنجا زخم ايترا گهرا آهن.“
”۽ راڌا، مان جڏهن آهيان چوان ٿو تہ هوءَ آهي تہ توکي احساس نہ ٿيندو تہ هن جو نہ هئڻ جو سلسلو ڪيترو ڀيانڪ هئو. مان ڪجهہ ڀاوڪ آهيان. هن کي ڪجهہ ڪجهہ تو ۾ ڏنم.....“
”پوءِ بہ ڇئي ڇڏيئہ تہ مان ڪا ننڊ، ڪا چانڊوڪي ٻڻجي نٿي سگهان.“

”توکي ڏکويو اٿم.“
”بلڪل نہ.“
”هر استري ڪنهن نہ ڪنهن لاءِ نندڙ چاندوڪي هوندي آهي. جو تہ مان تو وٽ آيس تہ تو شايد سمجهيو تہ ڪنهن راڌا جو موهن تون آهين. اگر سحر تنهنجي راڌا آهي تہ منهنجو بہ ڪو موهن هوندو. تو چو سمجهيو تہ مون لاءِ اُهو تون آهين.“
”واهہ!“ مان اُتيس ۽ مون چيو، ”اج مون سان منهنجو وطن، مون سان منهنجي تهذيب تي ڳالهائي- چاهي تہ مان ڪو عمر نہ آهيان، مگر تون واقعي مارئي آهين.“
هن مشڪيو، لڳو تہ هن ۾ جا سحر هئي، سا هاڻ ڏسڻ نتي آئي ۽ مون کي اهو وڻڻ لڳو.
”تون سٺي آهين، ايندي ڪج.“
”تہ مان اُٿان.“
”نہ مان وهان ٿو.“ مون بينچ تي وهندي ٻيو سگريٽ دکايو.
”هڪ ڪم ڪر“.
”چئہ.“
”هڪ فئن وني اچ.“
”هن روم ۾ آهي.“
”“ تہ چا مان گرميءَ ۾ اچي ڪتاب پڙهان.“
”تون ويهہ، مان اچان ٿو.“
”ڪيڏانهن؟“
”بس فئن آيو ڪِ آيو.“
”ايڏو ياوڪ؟“
”تون چاهين ٿي، اِن ڪري.“
”مگر هاڻ تہ سيارو آهي.“
”تون ايندي رهندينءَ تہ پتو نہ پوندو تہ ڪڏهن اونهارو آيو.“

”ڇا شاهه لطيف کي تو گهوٽي پڙهيو آهي؟“
”گهوٽيو مون لطيف کي ڪونهي، زندگيءَ مون کي گهوٽيو آهي.“
هڪ ٽنگ تي ٽنگ رکي ۽ گوڏي تي ٺونٺ ۽ بند ٽيل هٿ تي منهن رکندي هن چيو، ”اهو ڪهڙو ڪتاب آهي، جنهن مان تون ٻاهر نڪتو آهين؟،
مون به هن جو نقل ڪندي مشڪي چيو، ”جيئن مان ڄاڻان ٿو، اهو ڪتاب اڃا لکيو نه ويو آهي.“
”اُن ڪتاب کان ٻاهر ڪا زندگي آهي؟“
”في الحال ته هڪ مان آهيان، هڪ منهنجو خدا آهي، ڪي گل آهن ۽ تون آهين.“
”ساحر.“ هن اُٺندي چيو، ”ساحر- تون واقعي اُهو آهين، جنهن کي حاصل ڪرڻ گهرجي. پر توکي ڪنهن حاصل ڪري ورتو آهي، ان ڪري اُن سلسلي ۾ مون طرفان ڪا ڪوشش نه رهندي. جيترو وقت ملي سگهياسين ملنداسين، اگر مان هلي ويس ته توکي پنهنجي من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪٽي ويندس. اڪين ۾ جيئن ڪو خواب اچي، چپن تي گيت يا مسڪراهٽ اچي، آسمان ۾ اوچتو ستارن جي روشني ٿي وڃي ۽ گهٽيل فضا ۾ تازي هوا گهلڻ لڳي، تون ڪجهه اِئين آهين. چاهيان ٿي ته نه وڃان- مگر چاهڻ پنهنجون سيمائون ڏسي ورتيون آهن...... اِن ڪري وڃان ٿي.“
”توکي مان روڪي نٿو سگهان. سيمائون منهنجون به آهن. لڳي ٿو ۽ لڳي اِئين به ٿو ته تون اَسيم آهين.“ هن ٻاءِ ڪئي ۽ هوءَ هلي وئي.
هن مونکي ’ٻاءِ‘ ڪئي مگر مون ته ڪنهن کي ’گڊ ٻاءِ‘ ڪئي هئي مون کي اِئين ته نه لڳو هوءَ هڪ زخم ڇنائي ٻيو ڪري هلي ويئي، مگر هڪ پل لاءِ مون کي لڳو ته شايد منهنجي محبت جي صداقت ڏسي سحر جو روح هن ۾ هليو ويو آهي. هوءَ وڃي چڪي هئي- پر مون کي لڳو هوءَ اڃا به وڃي رهي هئي. ڪرسيءَ تان اُٿي، هلي ۽ ٻاهر ويئي. وري ڪرسي تي. وري هلڻ. وري ٻاهر.....
مان اُٿيس ۽ ٽيبل جي ڪابي پاسي هيٺ گوڏن پر جهڪيس. مون کي سنڀال

سحر. تو بنا هيءَ زندگي زندگي نہ آهي مگر مان اُها بي- زندگي جيئندس- تو ڪان هڪ پل دور نہ ٿيندس، مگر تون هن ۾ داخل نہ ٿج. نہ ٿج سحر. اگر مان ڪنهن موڙ تي قران تہ تون آواز ڏج..... هيءَ دنيا سندر بہ آهي، اُن ۾ خزانا بہ آهن- مون ڪي نہ ڪپن. تون نہ آهين تہ تنهنجي ياد آهي- منهنجي تنهائي ناهہ تنهائي ۽ او منهنجا خدا، مون ڪان اهڙي غلطي نہ ڪرائج، جنهن سيپ راڏا ڪي ڪو رنج ٿئي. منهنجو توسان اهو ڪهڙو پيار، جو مون ڪي مهان نہ بڻائي. چاهي تہ ڪنهن ڪتاب ۾ منهنجو ذڪر نہ ٿيندو- چاهي تہ ڪنهن ڪي خبر نہ پوندي تہ سحر جي محبت ۾ هڪ اِنسان فرشتو ٿي پيو........

رات جڏهن بستري تي ليٽيس تہ مون پاسي واري دري کولي ڇڏي. بابا يت پاسي منهن ڪري سمهيو پيو هئو. مون بتي وسائي. اها منهنجي عادت هئي تہ سمهڻ ڪان اڳ چڱي طرح هٿ منهن ۽ نوڙن تائين ٻانهون ڌوئيندو هوس. اندران ڪن صاف ڪندو هوس ۽ ڪنن پديان ڪافي پاڻي هڻندو هوس ۽ آهستي اهي صاف ڪندو هوس. پيرن جو آڱريون متي ڪري نهن اندر پاڻي وجهندو هوس. ڪياڙيءَ ۽ ڳچيءَ تي بہ ٿڌو پاڻي هڻندو هوس. مون ڪي ڳنجي پائڻ جي عادت نہ هُئي ۽ رات جو هڪ اڇو چوغو ۽ پتلون ۽ پيرن ۾ اڇي چمپل، سمهڻ ڪان اڳ ڪنگو ضرور ڪندو هوس.

ٿڌ ۾ پنکي جي رفتار گهٽ هئي. مان سڌو سمهيس تہ لڳو بدن ۾ گرمي وڌي رهي آهي ۽ ٿوري هوا سبب انگ انگ ۾ راحت ٿي آئي. ٻاهر بہ ڪا بجلي نہ.

اُن ڪاري اونده ۾ ڏسان تہ راڏا منهنجي انقلاب ۾ گهڙي آهي. پاڻ مرادو بہ قدم اڳيان تي ويئي آهي. مان ڏسان ٿو تہ چوطرف اونده آهي، مگر هن جي شرير ۾ تيج جي چانڊوڪي آهي. ڪجهہ روشن ۽ ڪجهہ سياہ ۽ ڏنڏلو آهي. ڪيس ساڙهي پيئي آهي.

مون نہ ڏٺو آهي اِستري جو شرير.

۽ ڏسان ٿو تہ پاڻمرادو سندس شاڙهي هيٺ ڪرڻ بدران آهستي آهستي گم ٿيڻ لڳي آهي. مان هن جو چهرو، هن جا ڪلها، چاتي، ٽنگون، پير ڏسي سگهان ٿو. ڏسان ٿو تہ هن جي چاتي جيتري اُپريل آهي اوتري سخت آهي ۽ هوءَ اڳيان

ٽيندي ٽي وجي.
ڏسان ٿو تہ منهنجو شرير پچڻ ٿو لڳي. چاهيان ٿو تہ ڪيس چڪيان ۽ پير ۾ ليٽايان. منهنجون منيون بند ٿي وڃن ٿيون- اُهي ڪٽي ڪوليان ۽ دٻايان ۽ مهٽيان. مان چوغي ڪي گوڏن تائين چڪيان ٿو تہ ظاهر نہ ٿئي تہ مان واسنا ۾ چڪنا چڳور ٿي چڪو آهيان. ڪيس چڪيان. چمان. مهٽيان. گردن ورايان.
مان اکين تي هٿ رکان ٿو: مان فرشتو آهيان؟- چو...... مان هڪ انسان آهيان ۽ انسان ٻڻجڻ ۾ ڪيتري خلش، ڪيترو جوش، ڪيتري شدت آهي: ڪَير ڪنهن جي احساسن جو روح آهي. ڪير ڪنهن جي روح جو احساس آهي. مان پنهنجي شرير جي هر انگ سان محسوس ڪريان تہ هوءَ آهي. تہ منهنجي شرير ۾، رت ۾، ماس ۾، هڏن ۾، اَندر نسن ۾ هڪ چڪ آهي تہ مان ڪيس پنهنجي شرير ۾، رت ۾، ماس ۾ هڏن اندر هڏين ۾، هڏين اندر، ڪنڍن ۾، ڪنڍن اندر، سَنڌن ۾، سنڌن اندر تنتن ۾، تنتن اندر پاٽياٽ ۾ محسوس ڪيان تہ هوءَ منهنجي مڪمل وجود ۾ سمائجي ويئي آهي. هوءَ بنهہ منهنجي سامهون پوري اُگهاڙي بيٺي آهي.
مگر ڪير بہ تہ ڪونهي. باهر هڪ ڪڙڪي آهي. هڪ ڌرتي، هڪ آڪاش ۽ هڪ سمنڊ آهي. اُن بعد هڪ ڌرتي آهي. هڪ قبر آهي. اُتي پيلا گل پيا آهن.
اُن قبر کي ڏسي مان چاهيان ٿو تہ منهنجو جوش مري وڃي. جوش مري ٿو، نٽو مري، خبر نٽي پوي، مگر مون کي احساس ٿئي ٿو تہ اگر مون ۾ ڪو فرشتو آهي تہ يا اُن جو هئڻ وهم آهي يا اُن جو مون کي ڇڏي وڃڻ حقيقت آهي.
مان مٿي تي هٿ ٿو رکان. مون کي لڳي ٿو تہ مون کي بخار آهي. مان ڄاڻان ٿو مون کي بخار ڪونهي. پهريون دفعو ڪام پنهنجي پوري زور ۽ رفتار سان، قوت ۽ تلخيءَ سان مون مٿان حاوي پيو آهي ۽ مان اُن کان نجات حاصل ڪريان: اُن لاءِ مون وٽ ڪو وسيلو ڪونهي. سحر جي قبر ۾ بہ مون کي راڌا ڏسڻ ۾ اچي ٿي.
ڪير آهي راڌا؟
ڪاش اچي. ٿورو وقت. بس ٿورو، مون کي منهنجي تپت کان نجات بخشي.

مون کي راحت بخشي. مان آخر ڪيترو تڙپان؟- سياڻ هوءَ ايندي، مان در بند ڪندس. مان ڪيس پٽ تي سمهاريندس. اگر رڙ ڪندي تہ مان سندس وات تي هٿ رکندس ۽ مان اُهو ڪجهہ ڪندس، جو پهريون دفعو هوندو ۽ منهنجي اندر شرير جي پوري ڏانچي جي پياس بجهندي.

مان پاسا ٿو ورايان- ننڊ نٿي اچي. هڪ هوءَ آهي، ٿوري چانڊوڪي آهي. هڪ قبر آهي ۽ ٿورا گل آهن ۽ مان اُن سڀ سامهون پنهنجي شرير ۽ آتما سان بنهہ ننگو آهيان.

مان پاسا ورائيندو ٿو رهان.

نہ هوءَ تي اَچي، نہ هن جي چڪ ختم ٿي ٿئي. ڪاش! هن ڪڙڪي وٺ اچي ۽ مان ڪيس چڪيان يا مان ئي ٻاهر هليو وڃان.

مان آهستي اُٿان ٿو. دروازو کولي ٻيڪڙيان ٿو. وري گهر اندر وڃي انقلاب جي ٻي چاٻي ٿو ڪڍان. مان ڪافي وقت سندس گهر ڏانهن نهاري رهيو آهيان، ڪاش ٻاهر اچي. ڪاش ٻاهر اچي. يا خدا اگر تون آهين تہ ڪڏهن تہ منهنجي ٻڌ.

مون کي پڪ ٿيڻ لڳي ٿي تہ هوءَ ايندي. مان پنهنجو دروازو کولي ٿو ڇڏيان. بتي ٻاريان ٿو. گلن ۽ اُن خالي جڳهہ تي بہ ٿي ڪتاب ٿو رکان. ٻئي بينچ ملايان ٿو. مون کي ايترو جوش آهي جو اِهي تختا مون کي نہ لڳندا.

مان بينو آهيان.

مان بينو آهيان.

مون کي لڳي ٿو تہ روشني ۽ اونده ۾ وڏو فرق آهي. روشنيءَ ۾ بهروپ آهي. اونده ۾ سچائي آهي. روشنيءَ ۾ سنسڪار آهن- اونده ۾ سنسڪار مڪتي آهي.

مان نہ معلوم ڪيترو وقت بينو آهيان، اڪيلو. هوءَ نٿي اچي، مان بتي بند ڪريان ٿو. مان دروازو بند ڪري ان کي تالو لڳايان ٿو. واپس موٽي ٻيو در کوليان ۽ ٻيڪڙيان ٿو تہ متان ڪنهن وقت بہ اچي.

مون کي پڪ ٿي چڪي آهي تہ برهمانڊ ۾ ٻڌڻ وارو ڪير ڪونهي، مثل هن ۾ خواهشون جاڳي سگهن ٿيون، پر هوءَ نٿي اچي. جيئن مان هن وٽ وڃي نٿو

سگهان تيئن هوءَ مون وٽ نہ ٿي اچي سگهي ۽ جڏهن آئي تہ ياداشت جي ڪنڊرن ۾ گم ٿي ويس، ۽ فرشتي بڻجڻ جي خوش خيالي ڪرڻ لڳس. اهو روشني جو دوکو هئو ۽ اوندهہ جو بشارت اِهو آهي تہ مون کي خبر ٿي پوي تہ منهنجي زندگي اجا بي- زندگي نہ ٿي آهي. اُن بي زندگيءَ کان ٻاهر بہ زندگيءَ آهي، جتي دک آهي يا سک آهي مگر ڪو خدا يا گاڊ ڪونهي. ان جي ڪا ضرورت بہ ڪونهي. فيصلا ملائين يا الڳ ڪن، فيصلا اسان کي ڪرڻا آهن.......

ڏسان ٿو تہ آسمان اجاڻ طرف مائل ٿيو آهي ۽ اوجاڳو منهنجي اکين مان گم ٿيڻ لڳو آهي مگر اُن گم ٿيندڙ اوجاڳي م ڏسان ٿو تہ هڪ جسم آهي، جو منهنجي اکين کي چيي رهيو آهي.

برتنن جي آواز تي اک کلي. بابا هليو ويو هئو ۽ متان ڪمبل وجهي ويو هئو.

مائي چيو، ”پٽ چانهہ ڪٽي اچان.“

”نہ-“

”هوءَ نيرن بہ تيار آهي.“

مون متي تي هٿ رکيو ۽ اگرين سان اکين تي زور ڏنم.

”ڏينهن جي ماني بہ تيار آهي.“

”تہ پوءِ آنتي تون پل وڃ.“

مان اُٿيس ٽوال ۽ پيسٽ کنيم. ٻاهر آيس. ٿلهي تان اڳيان وڌي ڏاکي تان هيٺ لٿس. ڪيڏانهن نهاريم ڪونہ ۽ تازو ٿي وري اچي بستري تي ليٽيس.

”اگر مان ڪنهن موڙ تان قران تہ تون مون کي آواز ڪج.... سحر“

شايد هن ذرتي کان ٻاهر پتو نٿو پوي جو آڪاش ۾ چڙهڻ آهي اُهو آڪاش ۾ ڪرڻ تہ ڪونهي- تہ جو پاتال آهي اُهو بہ هڪ آڪاس آهي ۽ چڙهڻ يا ڪرڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي، جڏهن تہ ٻئي احساس فطري آهن.

مان چاهيان ٿو تہ مان ان ڪونيءَ ۾ وڃان، جا ڪلهہ تائين مون لاءِ انقلاب هئي، هڪ مندر هئو، شايد مسجد بہ هئي، مگر هاڻ شايد هڪ لئبرري هئي، جا پهرين هڪ ۽ پوءِ ٻن تائين محدود هئي. انقلاب ختم ٿي ويو ۽ فرشتو انسان ٿي پيو.

سورهيائين سوچ تائين محدود!
چاهيان ٿو تہ وڃان متان راڏا آئي هجي. مون کي هن جي ڇڪ ٿي آهي. اندر ۾ اڪير جاڳي آهي تہ ڪيس ڏسان. بس فقط پنڌرهن ويهہ فوٽ پري هن جو گهر آهي. مگر هوءَ نہ هوندي. هوءَ فقط مون کي ڏتارڻ آئي ۽ مون کي ٽيڙي پاڻ هلي ويئي. هن ڏيکاريو تہ عشق ۾ منهنجي ثابت قدمي اوستائين هئي جيستائين اُن جي آزمائش نہ ٿي هئي ۽ آزمائش ۾ مان ڏسان ٿو تہ مان هڪ ٻئي عشق ۾ اُلجهي ويو آهيان- هن صحيح چيو: بس، هڪ نظر ۾ ختم!
مان پيهر منهن ڌئان ٿو. ڪنگو ڪريان ٿو. آرسيءَ ۾ ڏسان ٿو تہ اوجاڳي ۽ ڪاري ڏاڙهي، بس مان شڪل مان ڪجهہ وحشي لڳي رهيو هئس. اڪيون جي ڪنهن درويش جيان ٽوريون وڏيون، اڇيون ۽ نوراني لڳنديون هيون، اُنهن ۾ تناءُ ۽ ڳاڙهاڻ هئي. پوءِ بہ مون اُن روم جي ٻي چابي ڪنئي تہ ٿورو وقت خلوت ۾ گذاريان.
ڏسان تہ دروازو کليو پيو آهي. هوءَ ڪرسيءَ تي ويٺي آهي. ٽنگون بينچ تي رکيون اٿس، ڪتاب پڙهي رهي آهي. ڪيس ڏسڻ سان موڳائي دور ٿي ٿئي.
منهنجي آهٽ سان هوءَ شايد منهنجي هئڻ جو وحشت ڀريو احساس ٿي ڪري.
هوءَ ڪتاب رکي ٿي ۽ ٽيبل تان ٽنگون هٽائي سڌي ٿي ٿئي. سندس چپن تي مشڪ ٿي اچي، مگر هوءَ جڻ پاڻ کي ڇڪي پاڻ ۾ اَندر ٿي وڃي ٿي ۽ اجنبي هئڻ جو احساس ٿي ڏئي.
منهنجي ڇاتي ٿوري ڦولجڻ ٿي لڳي. مان چاهيان ٿو تہ ٻاهران دروازو بند ڪريان ۽ وڏي ڪيس ٻانهن ۾ ڪٽان ۽ ڪيس بينچن تي ليٽايان ۽ رات جي تڙپ کان ڇوٽڪارو ۽ راحت پايان.
مگر مان اِئين ڪريان، اُن کان اڳ هوءَ چوي ٿي، ”اڄ ڪجهہ وڌيڪ سهڻو پيو لڳين.“
لڳي ٿو اُهو آواز منهنجي روح کي ننڊڪ ٿو پهچائي. اکين ۽ ڪنن رستي منهنجي ڪجهہ ڪام ترپتي ٿئي ٿي.
”سڄي رات جاڳيو آهين؟“

مان سندس بنھ سامھون بينچ تي وھان ٿو.
”تو کي خبر آھي؟“
مان اُتي دروازو بند نٿو ڪريان، پر اھو ٻيڪڙيان ٿو ۽ اکيان وڏي ھن جي گوڏن سامھون اوڪڙو وھان ٿو.
”واقعي جو چا مطلب- جاڳيو تہ مان آھيان.“
”مون کي خبر آھي.“
۽ ھوءَ اُتي ٻيھي. ”تہ واقعي تون جاڳيو آھين.“ مان اُتي ھن جي ٻانھن ۾ ھٿ ٿو وجھان.
”ٻڌاءِ تون ڪير آھين؟ چا تون قبر مان اُتي آيل منھنجي سحر آھين؟“
”نہ- مان پنھنجو الڳ وجود رکان ٿي ۽ مان چاٽان ٿي تہ رات تو منھنجو انتظار ڪيو. تون ٻاھر آئين. تو ٻتي ٻاري.“
مون ھن جون ٻانھون ڇڏيندي ڄڻ ڊٻيل چيخ ڪئي، ”پوءِ بہ تون نہ آئينءَ!“
”تون مون کي مارئي ڪوٺي منھنجي چوڏاري لڇمڻ ريکا ڪينچي ڇڏي.“
مون وٽ ڪو جواب ڪونھي.
مان ڪيسي مان سگريٽ ڪڍي دکايان ٿو ۽ بينچ تي وھان ٿو. ھوءَ بہ وھندي چئي ٿي، ”تو سمجھيو يا نہ، مگر تنھنجي انتر مَن تو ۾ گناھ جو احساس جاڳايو، ان ڪري تو پنھنجي خدا جي خيالي تصوير اکيان ڪتاب رکيا ۽ تون خود پنھنجي خدائيءَ کان دور ٿي وئين. اج بہ شو جي مندر ۾ ڪونہ وئين. پيلا گل بہ ڪونہ آندءِ ۽ اھو بہ ڪونہ سوچيئہ تہ مان ڪيتري لمبي عرصي کان تنھنجو انتظار ڪري رھي آھيان.“
”راڌا.......“
”اِھو نالو منھنجي مائٽن رکيو آھي. مون توکي چتائي ڏنو. مونکي ڪجھہ سندر لڳو. مون چاھيو تہ توکي مان موھن ڪوٺيان، مگر تو منھنجي اکيان سيمائون رکيون. اِن ڪري مون پنھنجو نالو سيما رکيو آھي.“
مان حيرت ۾ پئجي ويس. مون بہ تہ سحر جي محبت ۾ پنھنجو نالو بدلايو ھئو.

”نہ راڌا، تون آسيم آهين. رات مون کي تنهنجي گهرج هئي.“
”۽ مان تنهنجي لاءِ ڪا چاندوڪي، ڪا نند ٻڻجي نہ سگهيس.“
”ڏينهن ۾ ڀهروپ آهي، رات ۾ ئي ڪجهہ نئون ڪجهہ اڻ ڇهيل، ڪجهہ اَصل آهي.“
”شايد رات جو ڪير حاضر نہ تو ٿئي ۽ ماڻهو پاڻ سان ساڪيات ٿئي ٿو. ان ڪري ماڻهو ڏينهن جو ۽ تپسوي رات جو جاڳندا آهن.“
”راڌا.“
”پر رات جو توکي ٿڌ ۽ زڪام ستايو ۽ ڪام جي گرمي توکي مون طرف ڇڪيو.“ ۽ هن مرجهايل پيلن گلن ۽ پٽ تي آڏو رکيل ڪتابن ڏانهن نهاريو.
مون ڪيس ڇڪي ڇاتيءَ سان لڳايو. مون کي لڳو تہ مون کي سمپورڻتا جو انڀو ٿي رهيو هو. هن ڀهرين پنهنجا ٻئي هٿ مٿي کيا ۽ منهنجي ڇاتيءَ تي رکيا ۽ آهستي آهستي مون کي پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر پوءِ ڏٺم تہ هن بہ مون کي ڀاڪر پاتو هئو ۽ هوءَ منهنجي ڪاڀي ۽ ساڄي چمي رهي هئي.
”تون فڪر نہ ڪر، مان آهيان. ويهہ، ڪجهہ سياڻي لاءِ بچاءِ. مان ڇانهہ ڪٽي تي اڃان.“ هوءَ آهستي آهستي الڳ ٿئي ٿي.
منهن ۾ لوڻ ۽ ماکيءَ جو پوچو لڳائي، مشڪي ٿي ۽ هلڻ ٿي لڳي.
هوءَ هلي ويئي آهي ۽ مان ٻنهي ڳلن تي هٿ رکي ويٺو آهيان. مون کي شڪ ٿو پوي تہ اِهو هڪ خواب آهي ۽ مان زور سان پنهنجو پير ڪرسيءَ کي هٽان ٿو. ڪرسي ٿورو مٿي ٿي پريان ڪري ٿي. مون کي پير ۾ ڌڪ تو لڳي ۽ مون کي خوشي ٿي ٿئي تہ مان سالن بعد پاڻ کي خوش ڏسي رهيو هوس.
مان اڳلي شخص کي ڇڏيان ۽ نئون شخص بڻجان؟ نئون بڻجڻ خود ۾ جوڙجڻ آهي. اگر مان ڪٽي ٽٽان ٿو تہ ڪٽي جڙان بہ ٿو. اِن ڪري مون کي ضد نہ ڪرڻ کپي تہ مون کي ڪجهہ نئون نہ گهرجي. جنهن ۾ ڪليل من، جذبات وانجهيل سوچ ۽ نئين روپ- ريکا هجي.
اِهو طئي ٿي چڪو آهي ۽ مون کي يقين آهي تہ خدا يا ڀڳوان ڪونهي. آهي يا نہ آهي، اهو هڪ بي سود بحث آهي. هو نہ ڇاهڻ تي مصيبت کان بچائي ٿو ۽ نہ

چاهڻ تي سڪ ئي ڏئي ٿو. هو نه پل نه ستين آسمان يا ڪير ساگر ۾ وينو هجي. منهنجي سامهون ٻه ڳالهيون آهن- هڪ مان آهيان ۽ ٻيو منهنجا سنسڪار آهن. هڪ حالتون آهن جن پنيان سماج ۽ تهذيب جا پنهنجا دٻاءَ ۽ اثر آهن. اِتهاس ۽ سنسڪرتي آهي. اُٿلائي پٿلائي ڏسان ۽ بهتري ۽ جوڙڻ جي اُميد ڏسي ڪو ويچار، مت يا نقطو قبول ڪريان. ورهاڱو جوڙي نٿو اِن ڪري اهو غلط آهي. اِن غلطيءَ جي سزا سبب اُهو نه ڇڏٽو آهي جو سريشٽ آهي......

مون ڪي خيال ٿيو ته رات مون روشني ۽ اوندهه تي سوچيو، ٻهروپ ۽ اصل تي سوچيو. ڇا مان صحيح آهيان؟ مگر ڪالهه راڌا طرف منهنجو هڪ رخ هئو ۽ اڄ ٻيو آهي. ٻيو به ته ڏينهن آهي. ڪالهه به ڏينهن هو. وچ " هڪ رات هئي، جنهن تبديل آندي، پر اُهو ڏينهن هئو، جڏهن مون سحر ڪي ڏٺو ۽ مون ڪيس پنهنجي نسبت سان هن جي پرک ڪئي ۽ مون ڪي هڪ هئڻ جو احساس ٿيو.

اهو ئي احساس راڌا سان ٿيو اٿم. ٻن مان هڪ هئڻ جو احساس، اِهو انيو سيڪاريم ٿو ته هڪ هئڻ جو احساس پنهنجي دائري ۾ وسيع ڦهلاءُ ڪنيو بينو آهي. اُن سان سحر جي پيانڪ اَنت جو درد گهٽ نٿو ٿئي.

مگر اُن دردر پرسان بنهه اُن ڪان مختلف راحت ماٽي سگهجي ٿي. وفا صادق پيار جي ضامن آهي مگر ٻئي پيار جي قوت ۽ وسعت بي وفائي نه آهي.

مان هڪ ٻي سچائي ڪان منهن نٿو موڙي سگهان. بلڪ مان اُن ڪي چاهڻ لڳو آهيان.

وري هوءَ آئي، ٻه ڪوپ ڪٽي.

”تنهنجو فادر ڏسڻ ڪونه اچي ۽ ٻيا؟“

”حيدرآباد ۾ پرنسپال هو، ڪيس ليڪچرشپ جي آچ آيل آهي. مگر نوڪري اجا ملي نه اٿس. ڀاءُ نائين ۾ آهي ۽ منجهند واري اِسڪول ۾ داخل آهي. ماءُ آهي، اُها سمهي پيئي آهي. مون به مئٽرڪيوليشن ڪئي آهي. فادر ئي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا. شرت ۽ ٽئگور پڙهيو اٿم.

ڪي فارين جا رائيٽر به پڙهيا اٿم. شرت چندر ياوڪ آهي. مون ڪي گهٽ وٽي. مون ڪي ڪجهه اصل ۽ نئون ڪپي. ڪوبه دهراءُ نه هجي.“

مون اهستي چيومانس، ”ته چا تون وري ڪڏهن منهن نه چمندينءَ!؟“
هن ڳل تي هٿ رکي نظرون هيٺ ڪيون ۽ چپ پيڙيا.
”جواب ڏي.“
روز سنان ڪرڻ دهراءُ ڪونهي. ڀ ڪجن. وڏيڪ ڪجن.“
”ته هڪ ڳالهه مڃ منهنجي.“
”چئه.“
”اڄ ته هن بينچن تي ليٽي پئون.“
”منهنجي جان- سر ڪٿي ڏيانءِ!“
”نه، سر نه، تنهنجو شرير ڪپي.“
”سڀ ڪجهه هڪ وقت، هڪ هنڌ؟“
”مان شايد ڏاڍو سياويڪ آهيان.“
”نه.“
”ته؟“
”تون پياسو آهين، شروع ڪان.“
”تون پياسي نه آهين؟“
”آهيان......“
”تو پوءِ اڄ......“ مون چانهه نه پيتي ۽ هن پيئڻ شروع ڪئي.
وري اُٿي دروازو بند ڪيائين ۽ ڪڙو ٻه پاتائين.
مون پنهنجو چوغو لاهي ڦٽو ڪيو. پر هوءَ مون وٽ نه اچي ڪرسيءَ تي ٿي
ويٺي.
”اَچ.“
هوءَ کلڻ لڳي.
”نه.“
”ته پوءِ در چو بند ڪيئه.“
”متان اِن حالت ۾ توکي دنيا جو پتو نه پوي.“
”پتو ته هاڻ نه پوندو.......“

”ھڪ ھئو گوتم........“
”ڪير، ڪو پير مرد؟“
ھوءَ ٺھڪ ڏيئي کلڻ لڳي.
نہ ھڪ راجا ھئو. ھن ڪڏھن ڪو بيمار، ڪو ٻڍو ۽ ڪو مئل اِنسان نہ ڏٺو ھئو........“
منھنجو تناءُ گھٽيو. سندس اکين جو تيج ڏسي مان اُٿيس. مون قميص پاتي. چانھ جو ڍڪ پريم ۽ ڪوپ رکي، مشڪي ھٿ جوڙي ڪيس چيم، ”ان چيو آھي تہ ترشنائون دک جو ڪارڻ آھن.“
ھن ڪرسي اڳيان وڌائي ۽ منھنجي ٻنهي ٻڌل ھٿن کي پنھنجي ھٿن سان جھلي پنھنجي ڳلي لڳايائين. ھن اکيون بند ڪيون ۽ ھن ھڪ لمبو ساھ کنيو ۽ ڇڏيو ۽ پوءِ منھنجا ھٿ بہ ڇڏيا. ھن پوءِ منھنجو ڪوپ کڻي مون کي ڏيندي چيو، ”پي.“
مون چانھ کي ختم ڪندي چيو، ”پوءِ؟“
”واقعي تون سنو آھين.“
”پر تون ڪنجوس آھين.“
”تون چاھين تہ ساڙھي لاھي ڦٽي ڪريان.“
”ھا.“
ھوءَ کلڻ لڳي.
”چڱو بابا- معافي! گوتم ٻڌ ڇا چيو آھي. ساڙھي نہ لاھيو“ ھوءَ وري بہ کلڻ لڳي.
مون سگريٽ دکايو ۽ اڳيان تي ڪيس چيم،
”ھن چيو آھي: ترشنائن جو غلام نہ ٿجي. ھن چيو آھي: ترشنائن جو تياڳ بہ نہ ڪرڻ گھرجي.“
”تہ پوءِ ڇا ڪرڻ گھرجي: ٻڌم شرڻم گڇامي؟“
”نہ.“
”تہ.......“

”يڪي ٻولي يا حسين، هڪدم ٽپي نه ڏجي، ڪجهه پرت جو ڪم ڪرڻ گهرجي: چٽ ساليءَ جو- سنگتراشيءَ جو.......“

مان ڪيس سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.

”سمهي مان سگهان ٿي. توکي چاهيان ٿي. هينئر ٻه چئه ته ساڙهي لاهي ڦٽي ڪريان. ڪنهن پهاڙ تي مان وئي نه آهيان، پر جيڪر چاهيان ته ٿورو مٿي وڃان، هيٺ ڏسان، اجا ٿورو مٿي وڃان. اجان ڪجهه مٿي. اُن ياترا ۾ سرجڻ آهي. سنتوش آهي.“

هاڻ مان ڪلڻ لڳس.

”ته تون چاهين ٿي ته سڀ ڪجهه قسطن ۾ ٿين گهرجي.“

۽ هن ساڙهي لاهڻ شروع ڪئي. هوءَ اُتي ته رات جي ياد آئي.

”تون مون کي نٿو سمجهين ته اَچ......“

”نه راڌا.........“

”بس؟“

”مون کي لڳي ٿو ته مهان اِهو شخص آهي، جو رواجي ۽ سياويڪ شخص آهي. سياويڪ بڻجڻ ڏاڍو ڏکيو آهي-

مان ترشنائن جو تياڳ ته ڪري نه سگهندس، مگر سفر ڪندي ڪٿي بيهندس ۽ پنيان نهاريندس.“

هن ساڙهي ناهي. اسين ٻئي ڪافي وقت ماٺ وينا رهياسين.

”تون بمبئي ڪونه وڃين؟“

”سائيڪل آهي، هتي ئي پتڪندو رهيو آهيان. پڙهائي ٻه پنهنجو پاڻ رهجي ويئي آهي.“

”۽ سائيڪل تي تو هن جو نالو رکيو آهي.“

”راڌا.....“

”نه سيما.“

”سيما! سيما ختم ٿي چڪي آهي.“

”نه، شرير سيما نه آهي.“

”هل تہ ڪڏهن گهمڻ هلون. سائيڪل تي. ڪڏهن مندر. ڪڏهن حاجي ملنگ.....“
”ڪڏهن بمبئي. ڪڏهن سينٽرل لئبرري. ڪڏهن آرٽ گئلري. ڪڏهن ميوزيم. ڪڏهن مرين ڊرائيو ۽ ڪڏهن هئگنگ گارڊن- ايليفنٽا- ڪنهيري ڪيوز- مڊ آئلئنڊ........“
”مگر هڪ ڳالهہ آهي سيما.“
”ڪهڙي ساحر؟“
”اسين ڪنهن اڪيلي جڳهہ تي نہ وهنداسين.“
”نيڪ آهي. پر ڇو؟“
”اها هڪ ڪاري رات هئي، جڏهن مان ۽ سحر........“
مان جڏهن هوش ۾ آيس تہ ڏٺم، هوءَ بينچ تي ويٺي هئي ۽ مان ڪرسيءَ تي منهنجو منهن هن جي گوڏن ۾ هئو. هن جو هڪ هٿ منهنجي منهن تي هئو ۽ هوءَ آهستي اهو هٿ هلائي رهي هئي.
مون گردن مٿي ڪئي.
”ايترو درد....... تو مٿان ايترو ظلم؟“
”تو ڪي ڏٺم تہ لڳو سحر آهي.“
”هڪ ڏينهن مان هلندس- اُن قبر تي. مان اُتي گل رکندس. پر تنهنجي اکين ۾ ڳوڙها نہ آيا اُن ٻڌايو تہ تنهنجا زخم ڪافي گهرا آهن. ۽ تنهنجا ڳوڙها اُنهن گهرائين جي وٿين ۾ گم ٿي ويا اهن.“
”تون نہ ڇڏج.“
”اِئين نہ چئہ.“
”ڇا چوان؟“
”ڪجهہ بہ نہ منهنجا راجا.“
هن اُتي مون ڪي چمي ڏني، وارن ۾ هٿ ڦيرايائين ۽ پوءِ چيائين، ”سوچيندا‌سين ڪونہ.“ هن منهنجو منهن پنهنجي سٿرن ۾ آندو. ”ڪراچي هلنداسين، ڪڏهن رستو ڪلندو، ڪڏهن حيدرآباد جي هير الهاس نگر پهچندي. تاريخ ڪي پنهنجو منطق آهي.“

هن دروازو کوليو ۽ هوءَ هلي ويئي.
هڪ جنت هوءَ پاڻ ۾ ڪٽي ويئي ۽ هڪ جنت هوءَ مون ۾ چڙهي ويئي.
مون انقلاب ۾ هڪ آرام ڪرسي آندي تہ منهنجي سيما وهي. هڪ پنکو آندم. هڪ گهگهي ۽ ٻہ گلاس آندم. آرسي وٺي واپس ڪيم. سوچيم نہ، اُهو اِنقلاب منهنجو بيڊ روم نہ ٿيندو. هڪ ٽئبل لئمپ آندم. ڪي نوٽ بوڪ، خالي پنا ۽ فائونٽين پينون ورتم. مون خود گهر ڪي ٺاهيو.
مون مرجهايل پيلا گل ڪنيا ۽ شاهہ جي رسالي ۾ وجهي رسالو شيلف جي هيٺئين حصي ۾ رکيم، جتي رامايڻ مهاڀارت ۽ ڀاڳوت پيا هئا. اُن خيالي جڳهہ جي ٻن پسان کان هٿندي ڪرافٽ جا ٻہ هاٿي رکيم ۽ اُن وچ ۾ ڪي ڪتاب رکيم: ان کان اڳ ان خالي جڳهہ کي سلام ڪيم.
ٻاهر چار ڪوٺيون هيون. باقي ٻن ۽ اَسان جي وچ ۾ نهيل ٿلهي مٿان خانگيت جي خيال کان پتيون. ٻن ڪوٺين لاءِ هڪ الڳ ڪاڪوس ۽ سنان جاءِ. پر مون شروع ۾ اِهو بندوبست ڪيو تہ هڪ پاسو فقط زالن ۽ ٻيو فقط مردن لاءِ هجي.
پاٽيءَ لاءِ لازمي طور قطار.
سائيڪل تي سحر هيٺان ٻہ سنهڙا نالا پيا ٻہ لکايم.
سحر- سيما- ساحر. اُها پت پاسي رکندو هوس.
بابا جي ڇهري تي سک واريون خوشيون واپس ورڻ لڳيون. شايد هن جي ڏيان جو مرڪز مان هئس ۽ سمجهائين پي تہ مان خوش هوس. اها ڪوٺي هن ئي نهرائي. ڪنڊ ۾ رنڌڻو، پاسي کان ڪليل ٿلهو ۽ هيٺان نيسارو. پنيان نالي.
هن هندين تي پئسا ڏنا تي. وري اهي هنديون بئنڪ ۾ جمع ڪرائي اُن تي پئسا ٿي ورتائين. ان ريت هن گهٽو پئسو ڪمائي ورتو. ڪيس فرسٽ ڪلاس جي پاس هئي.
هن پرسرام کي ڪافي ڳوليو، پر اُهو ڪيس ڪونہ مليو. هن سنڌ ۾ الله بخش کي خط لکيو. جواب ايس تہ جڳهہ تہ سلامت آهي، مگر مهاجرن ماري چڙهيو آهي، هنن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ فساد ڪيا آهن. سنڌين جون لئبرريون

جلايون اٿن. سنڌين جي خالي ڇڏيل جڳهن تي قبضو ڪيو اٿن. ڳالهائڻ ۾ شدت ڏيکارين ٿا. پاڪستان سرڪار اردو ٻوليءَ کي سرڪاري درجو ڏنو آهي. حالانڪ پاڪستان ۾ ڪو اردو صوبو ڪونهي. سنڌوءَ ۾ اڪو پائڻ وارا، پپل ۾ ڌاڳا ٻڌڻ وارا، ڇيج ۽ جهمر هڻڻ وارا هليا ويا آهن ۽ سنڌ مان اوچتو ڪافي سونهن گهٽجي ويئي آهي.

خط جو نفس مضمون پڙهي مان جذبات ۾ نٿو اچان. تاريخ ۾ وڏا لوڏا آيا آهن ۽ اسين، اسان ۾ جو سريشٽ آهي، اُن کي بچائي رکون. ٻنهي طرفان ڳڏيل ڪوشش جو رستو ڪيندي، هندستان ۽ پاڪستان جي مسئلن جو حل جنگ نہ، مگر ٻنهي ملڪن جو ملي هڪ تي وجڻ آهي. راڄنيتي قوت پئدا ڪري ٿي. ڪلا شايد ايڪتا پئدا ڪري. نہ ڪپن ورهاڱا. نفرتون- سرحدون- شڪ ۽ فوجون. قومي زندگيءَ ۾ مذهب کي جڳهہ هجي، مگر سياست ۾ نہ هجي. ڪو رستو ضرور نڪرندو. وقت لڳندو؟ لڳي.

هڪ دفعي ڪلياڻ مان ٿي آيس تہ هڪ مسلم جوان سائيڪل سان ريس ڪئي. هن جا رستا سڄاتل هئا ۽ هو اڳيان نڪري ويو. مون بہ هن جو پيڇو ڪيو. هن ڪلياڻ جي ريلوي پل ڪراس ڪري ناڪرليءَ ڏانهن رخ رکيو. رستو سنو هئو. هن اڳرائي قائم رکي. هو ڊميبولي تائين اڳيان رهيو. مون ڪيس ڪلوا وٽ جهليو ۽ شيل ڦاٽڪ تي پهچي مان هن جو انتظار ڪرڻ لڳس.

هو سهڪي سائيڪل تان لٿو.

چيائين، ”هل تہ سامهون هوٽل ۾ هلون. ڏس جو رستو ساڄي ٿو وڃي اوڏانهن بمبئي آهي، ٻئي طرف پونا، گوئا، حيدرآباد دکن، بئنگلور ۽ مدراس آهي. اگر تون هارائين ها تہ توکي هڪ ڳالهہ چوان ٿو.“

اسين هوٽيل ۾ اچي ويناسين.

”ڪهڙي ڳالهہ؟“

هندستان جا مسلمان هندستان سان فقط ٽن شرطن تي وفادار رهي سگهن ٿا.“

”ڪهڙا ٿي شرط؟“

”هڪ تہ اردو ٻوليءَ کي قائم رکيو وڃي. ٻيو تہ مسلمان جو اهو حق قائم

رکڻ گهرجي تہ هو شريعت موجب زندگي جيئن......“
۽ ٽيون؟“
”۽ ٽيون عليڳڙهہ مسلم يونيورسٽي جو اِسلامي ڪردار قائم رکيو وڃي.“
مان کلڻ لڳس.
”تون کلين ٿو؟“
”مان تہ هندستان جو پرائيم منسٽر ڪونہ آهيان.“
”اسان شرط پڇائي.“
”شرط مون کٽي آهي ۽ مون کي يقين آهي تہ هندستان جو عوام ٻن قومن جي اصول کي نٽو مڃي؛ ان ڪري نہ رڳو مسلمان پائرن جا اِهي شرط مڃيا ويندا، مگر ڪين آرٽڪ ۽ سماجڪ نياءُ پڻ ڏنا ويندا.“
هو مايوس ٿي ويو. چانهہ پيئندي چيائين ”“ توکي خبر آهي تہ هندستان جو وڏان پاس ٿيو آهي؟“
”ها.“
”توکي خبر آهي تہ وڏان ۾ سنڌي ٻولي ڪونهي!“
مان چپ.
”ٻہ سال اڳ هنن سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپي تسليم ڪئي.“
اُها خبر اٿم!“
”هيءَ ڪهڙي سرڪار آهي جا اوهان جي ٻوليءَ لاءِ اُها لپي تسليم ٿي ڪري، جنهن ۾ اوهان جو ڪو ادب، تاريخ ۽ ٻيا ڪتاب موجود ڪونهن، مگر اِها ئي سرڪار اوهان جي ٻولي تسليم نٿي ڪري. اها چاهي ٿي تہ سنڌي هندستان ۾ سمائجي وڃن.“
”پر توکي اُن جي چنتا ڇو آهي؟“
”مان سوشلسٽ آهيان.“
”مگر تو تہ مسلمانن جي حقن جي ڳالهہ ڪئي.
”مون سنڌين جي حقن جي بہ ڳالهہ ڪئي.“
”تنهنجو نالو؟“

”اڪبر ۽ تنهنجو؟“
”ساحر“
”اوهہ، مون سمجهيو تون سنڌي آهين.“
”مان سنڌي آهيان.“
”مون سمجهيو تون هندو آهين.“
”مان هندو آهيان.“
”مگر يار، اِهو نالو تہ مسلمانڪو آهي.“
مون مشڪي چيو، ”مان هندستان جي مرڪب ڪلچر ڪي مڃان ٿو. اِن ۾ منهنجي تعليم ٿي آهي. پاڪستان هڪ شڪ، هڪ نفرت جي پيدائش آهي، جنهن جو فائدو انگريزن ورتو. ههن 1905ع ۾ بنگال جو ورهاڱو ڪيو، مگر اُن ۾ ڪامياب نہ ٿيا. اُن بعد اُنهن وڏو منصوبو سٿيو ۽ ورهاڱو ٿي ويو. ڀلا پاڪستان ڪي ڪو الڳ ڪلچر، ڪا الڳ تاريخ، ڪا الڳ زبان يا پنهنجو ڪجهہ الڳ آهي؟ انگريز سامراجي طاقت جي سازش ڪي سمجهڻ ۾ وقت لڳندو. اولهہ پاڪستان ۾ رابندر سنگيت بند ڪيو ويو. اوير پاڪستان بغاوت ڪئي......“
”هنن بنگال لاءِ عربي لکڻ جو نهراءُ پاس ڪيو، جو هنن قبول نہ ڪيو. نيڪ جئين اوهين هندي لپي قبول نہ ڪريو. پنجاهہ سٺ سالن ۾ هڪ نئون جمهوري سيڪيولر سماجوادي هندستان وجود ۾ ايندو؛ چاهي اسين هجون نہ هجون ورهاڱا ختم ٿي ويندا. فيصلو حڪمرانن ڪي نہ، عوام ڪي ڪرڻو آهي. اُن ڪي وقت لڳندو.“
مون هن سان هٿ مليو. اسين ڪلياڻ ۾ الڳ ٿي وياسين ۽ منهنجي وشواس جي ٻوٽي ڪي پاڻي ملي ويو.
مون ڪي لڳو تہ مان سيما جي سرير جي سونهن، سندس جواني، سندس انداز آواز، ڇهاءُ، هلڻ جو سرگم، هن مان ايندڙ ڪچي انب جي خوشبوءِ، ڏڳهن ڪليل وارن مان هڪ خيالي نم جي وڻ جي ڇانوَ ۽ سندس مڌ ڀريل جسم جي مهڪ مان اکين، ڪنن، نڪ، وات ۽ چمڙيءَ جي حواسن سان دماغ تائين

پهچائي، ڪيس ذهن سان ڀرپور نموني ماڻي رهيو هوس. ڪئلاش تي گنگا جو ڪرڻ ۽ اُڇال ڇڻ رشيڪيش وٽ سانت ۽ ڦهليل پرواھ جو روپ ورتو آهي.
هاڻ صبح جو چانهه ڪڻي اچي. خود پيئي ۽ پيئاري. آرام ڪرسي تي ليٽي. نه هن ۾، نه مون ۾ ڳالهائڻ جو ڪو ناٽڪي انداز. ڪابه اهڙي ڪوشش نه، جنهن ۾ اسين پنهنجي شخصيت جو بهترين حصو ڏيکاريون.
هن پاڻ ڪندڀ واري دري ۽ هڪ ئي در لاءِ پردا ناهيا آهن. وري به ڪڏهن اچي ڪو ڪتاب کڻي وڃي. بابا ٻاهران ئي چوي ته پٽ هلان ٿو.
هڪ دفعي سيما، روي ۽ مان صبح جو سويل امبرناٿ مندر مان پنڌ موٽي رهيا هئاسين ته هڪ هنڌ جهڳڙو ڏٺوسين. زالن ۽ مردن مان ڪي گهاگهرون کڻي ڪنهن وقت هڪ ٻئي ڏانهن اولاري ته ڪي هڪ ٻئي ڪي هٽي رهيا هئا. تي ڏينهن پاڻي گهٽ تي آيو ۽ ان جو دٻاءُ به گهٽ هئو.
روي ٻيهي رهيو ۽ چيائين، ”جيجاجي، هي ماڻهو وڙهن ڇو ٿا؟“
مون ڪيس هڪ دفعو چيو ته فلمون گهٽيون ٿو ڏسين اِن ڪري مون کي جيجاجي ٿو ڪوٺين، اڙي چريا: اَجا ته سيما ۽ مون شادي به نه ڪئي آهي!
جهڳڙي ۾ سيني جو آواز بلندين تي هئو.
مون ڪيس چيو، ”هيءُ ماڻهو وڙهن ٿا، اِهو ڏاڪاري ٿو ته هنن ۾ وڙهڻ جي طاقت آهي.ڏس ايتري ۾ پاڻي اچڻ لڳو آهي ۽ هو قطارن ۾ بيهڻ لڳا آهن. هن هنن ماڻهن کي خبر نه آهي ته اُن طاقت جو صحيح استعمال ڪجي. اج هو پاڻيءَ لاءِ لڙندا، سياڻي هو ڌرتيءَ لاءِ لڙندا. ۽ ڌرتي سيني کي پناھ ڏيئي سگهندي آهي. اِن طاقت جو صحيح استعمال ٿيڻ گهرجي. جڏهن ان جو غلط استعمال ٿيو ته ملڪ جو ورهاڱو ٿيو ۽ جڏهن صحيح ٿيندو......“
روي پنهنجي ڀيڻ سيما ڏانهن نهاريو. هن چيو، ”پپا جو هڪ دوست حيدرآباد ۾ ئي رهي پيو. چيائين ته مان ڪڪڙيون پاليندس- مگر سنڌ نه ڇڏيندس. پپا جي هڪ انقلابي دوست کي مهاجر شهدادپور ۾ ڳولهڻ لڳا. اُتي جي مسلمان ڀائرن ڪيس ٻڪريون ڏنيون ته جهنگل ۾ چار ۽ هو پروفيسر ٻڪرار تي پيو ۽ اجان اُتي ئي رهيو پيو آهي ۽ پپا کي خط لکندو آهي.“

اسين هلڻ لڳاسين.
”يونان ۾ هڪ راڪاس پئدا ٿيو. اُن ڪي ڪير بہ ماري نٿي سگهيو.“ سيما چيو، ”هن جا پير زمين ۾ تي پختا هئا. هرڪيولس بهادر هئو. هرڪيولس بہ هن کي ماري نہ سگهيو. پوءِ ڪيس ڪنهن چيو: اِن بهادر جا زمين ۾ پير پختا آهن. هرڪيولس کي ڪنهن ڏاهي چيو: هن جا پير زمين تان پٽ، هن جي طاقت ختم ٿي ويندي! هرڪيولس ڪيس زمين تان ڪٽي مٿي ڪيو ۽ ڪيس ماري ڇڏيو. اسين اگر سنڌ جي زمين تي پنهنجا پير پختا ڪيون ها تہ اَسان جو وار بہ ونگو نہ ٿئي ها- ۽ زمين فقط مٽي ڪونهي.
ماڻهو آهن. طاقت ماڻهن وٽ آهي. هنن وٽ طاقت هئي مگر ڪين خبر نہ هئي تہ اُن جو ڪيئن اِستعمال ڪجي- ۽ پوءِ اَسان کي اِتهاس جڙن کان اُکوڙي هتي ڦٽو ڪيو. پر ڏس هتي سيني جا ڪنڊ مٿي آهن. گهڻا ٻار آهن، جي اسڪول پڙهي نہ سگهيا ۽ گهر هلائڻ لاءِ لوڪل ٽرين ۾ بسڪوٽ ۽ ڪٽمنڙا وڪڻ شروع ڪيائون. ڪن ٿي. ٿيءُ جي ڊپ کان ڳاڙو بدلايو، هو ڪري پيا ۽ مري ويا. ڪجهہ تہ مهان آهي سنڌين ۾. وطن ڇڏي آيا آهن، پوءِ بہ هنن جيڪو ڀريون ڪاليج کوليو آهي، اُن جو نالو رکيو آهي! جئہ- هند. هند جي جئہ هجي. تاريخ ۾ هندستان جو نقشو هميشه بدلبو رهيو آهي- اسان کي اهو هندستان کپي جو 15 آگسٽ 1947ع کان هڪ رات اڳ هئو ۽ اُهو سڄو سمورو هڪ آزاد گهرجي.“
مون هلندي آهستي تاڙيون وڄايون. کلندي چيو مانس، ”اگر تون چاهين تہ ليڊر ٿي سگهين ٿي.“
”نہ- اسان کي ليڊرن ئي ماريو آهي.“
”تہ پوءِ ڇوٽڪارو!“
”بئلٽ پيپر.“
”تہ تنهنجو بہ ڪو خواب آهي.“
”هڪ ڏينهن ايندو، جڏهن هندستان اُپکنڊ جا ماڻهو بئلٽ پيپر ذريعي ووٽ ڪندا ۽ هڪ متحد هندستان وجود ۾ ايندو.“

”مگر خواب زندگيءَ جا پيانڪتا ڪي ٿڌو ڪن ٿا.“
”جاٽان ٿي. ڪڏهن هتي نانگ گهمندا هئا. ڪافي ماڻهو ماريائون. هتي سوئر هئا ۽ اجا بہ ٿورا آهن. گهڻا ٻار وات ۾ ڪٽي ويا. گيسون هيون، ننڍ اَچي تہ پير چٿين ۽ پوءِ پيرن جا ٽڪر ڪائي وڃن. دنيا ۾ سڀ ڪان گهٽيون نديون هندستان ۾ آهن. هتي برسات بہ مهينن جا مهينا پوي. پوءِ بہ هتي سوڪ گهٽي آهي ۽ ماڻهو پاٽيءَ لاءِ لڙن ٿا، ڪين پوري زندگي هڪ خالي گهاگهر ۾ ڏسڻ اچي ٿي. اَجا بہ ماڻهو هتي جي پاٽيءَ تي هريا ڪونهن، ۽ ڪين ڦٽ ٿي پيا آهن. ڪين رات جو ننڊ بہ نصيب نہ ٿيندي هوندي ۽ هتي گهر ڪونهن اڪثر طنبيلا آهن..... رستي تان هل تہ پيرن مان ڪلون لهي وڃن. مگر مڪاني ماڻهو سٺا آهن، هو اسان کي مهاجرن جيان ڦورو ۽ لٽيرو ڪونہ ٿا سمجهن. اَسين محنت ٿا ڪريون.
ماڻهن ان نهي نڪي هلون ٿا. الڳ الڳ لڳون ٿا. اهي سڀ زنده رهڻ جون نشانيون آهن.
روي هوا ۾ ٻانهن مٿي ڪئي ۽ آهستي مگر مضبوط آواز ۾ چيائين: بولو ڀارت ماتا ڪي...... ۽ پوءِ پاڻ ئي چيائين: جئہ جئہ.......
هڪ خانگي بس لنگهي. جهٽڪا ڪائي هلي رهي هئي. ڇت ڪلهن تائين. ٿمٿار ڀريل. ڪي ماڻهو لٽڪيل. هڪ وڏي جهٽڪي سبب پوڙهو وڃي پريان ڪريو ۽ گول ڪلابازيون ڪائي پئجي رهيو.
ڪي ماڻهو اُتي جمع ٿيا.
ڏسون تہ مئو پيو آهي.
مون سيما جي چوڻ تي، جنهن کي شايد سندس پروفيسر پيءُ ڪشنچند آڏواڻي چيو هو، مان هڪ درخواست ناهي ايس اي. ايس اِسڪول جي چيئرمين وٽ ويس ۽ جنهن نوڪري جي اِنٽرويو لاءِ هڪ سنڌي ڪميونسٽ ٽرسٽي ڏانهن موڪليو، جنهن ڪجهہ هن طرح سوال جواب ڪيو.
”تون انگريزيءَ جي فائدي ۾ آهين يا خلاف؟“
فائدي ۾ آهيان، پر جتي سنڌي آدم گهٽو هجي اُتي پڙهائيءَ جو ميڊيم سنڌي

هجي. جتي ٿورائي ۾ آهي اُتي هو سنڌي وشيه ضرور ڪڻن.“
”لپي؟“
”لپيءَ جو فيصلو سنڌين کي ڪرڻو آهي. فرقي پرست ۽ موقعي پرست، هندي لپيءَ جو طرف وٺندا، مگر ماڻهو اُن لپيءَ کي قبول نه ڪندا.“
”سنڌي هڪ جاتي آهي – قوم آهي – قوميت آهي؟“
”هندستان جي قوم نهڻ تي هئي ۽ هندستان ۾ اُن جو بنياد پئجي چڪو آهي، جڏهن فرقيوار بنياد تي ورهاڱو ٿيو. هندو مسلمان ٻئي فرقا نه جاتيون آهن ۽ ٻين سان ملي هو قوم ٺهجن ٿا. سنڌي نه قوم آهن، نه جاتي آهن – اُهي هڪ قوميت آهن – جيئن بنگلا ۽ پنجابي آهن. ڪشميري ۽ دراوڙ آهن.“
”تون سمجهين ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي بعد اسٽابلشڊ سنڌين کي ڪاٺ لڳندو؟“
”مگر فقط ميڊياڪر ان جو ڪاڄ ٿيندا.“
۽ پوءِ ڪجھ تعليم ڏيڻ ۽ پڙهائي جي ٽيڪنڪ بابت – اُن بعد مون کي نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ ماستري ملي ويئي. اُن شام اُن ڪامريڊ مون کي چانھ تي گهرايو ۽ سيما سان ڪن ڪلاڪن جو موھ ڇڏي هن وٽ ويس. رستي تي خيال آيم ته جيتوڻيڪ ورهاڱي اَسان کي ٻُتڙ ڪان جهلي ڪنهن اوجهڙ ۾ اُڇلايو آهي، مگر سنڌين ۾ سياسي سڄاڳي اچڻ لڳي آهي. ٿيهن ڪئمپن ۽ چوطرف پندرهن لک سنڌي ڦهلجي ويا آهن، مگر جتي ڏس اُتي سنڌين بابت سوچ.
چانھ جي ڪوپ پيئڻ بعد مون ڪامريڊ کان پڇيو، ”اڳ ڪٿي هئا؟“
”ٻيا ڪانگريسي اڳواڻ ته دهليءَ ۾ طاقت کي چهٽي پيا، مگر ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي ريفيوجي فيلڊ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هن مون کي بيڪانير سنڌي رفيوجي ڪئمپ، ضلع مارواڙ جنڪشن ۾ جونيئر رفيوجي آفيسر جي نوڪري وٺي ڏني. پگهار ٿي سئو سٺ ۽ اُهي به رپيا! ڪئمپ جو نالو صبحان ڳڙھ. اُتي ڪل چار هزار سنڌي پناهگير، جن ۾ ٻه هزار واگهڙي هئا.
ٻين کي ته ڏرم شالائون مليون مگر واگهڙين کي وڏين ڇٽين جيان گول

طنبن ۾ رهايو ويو. ان جا پڙدا زمين کان هڪ فوٽ مٿي، پل ڪير اندر گهمي اچي. زمين واريا سي، تپي ته جڻ تتل تئو. روز ماڻهو سوڪ پلي جيان پچندا رهيا ۽ هر روز چار پنج سنڌي مرندا رهيا!

اُها آزاديءَ جي قيمت هئي!

اُتي بيڪانير جي مهاراجا جو محل نهي چڪو هئو، جنهن ۾ گهوڙين هاٿين، سهسن، پهلوانن ۽ نوڪرن جي اجهي جو به بندوبست ڪيل هو ۽ اُن وقت خالي هئو.

مون جواهر لعل نهروءَ کي خط لکيو ته جڏهن ته اُهو محل خالي آهي، اُن ۾ اجهو ڏيئي سنڌ جي آدي — واسين کي بچائي نٿو سگجي؟

پرائيم منسٽر نهرو اُهو خط هوم منسٽر سردار ولڀ ڀائي پٽيل کي ڏنو. پٽيل جنهن ڇهه سئو رياستون هندستان ۾ شامل ڪيون هيون، هن بيڪانير جي مهاراجا کي گهرايو ۽ ڪائنس خالي پني تي صحيح ورتائين. مون کي نهرو ۽ پٽيل ٻنهي الڳ خط لکيا ته تون اُن محلات تي قبضو ڪر. مون واگهڙين کي اوڏانهن لڏايو. هو منهنجي جئه جئه ڪار ڪرڻ لڳا. پر پوءِ مهاراجا پنهنجي روينيو منسٽر معرفت منهنجي اُتان بدلي ڪرائي ۽ مان جڏهن بوري بسترو ڪٽي بس اسٽاف ڏانهن هلڻ لڳس ته محلات جي ڪونڙين مان آواز آيو. ”وير بهادر زنده باد — وير بهادر زندهه باد...“ ۽ هن پنهنجو نالو به نه ڪنيو.

”آدي — واسين جي خاتمي لاءِ مڪاني سرڪار طريقو به آدي — واسي قبول ڪيو هو.“

هو مشڪڻ لڳو ۽ هن سان منهنجي ملاقاتن جو سلسلو قائم هليو.

پهريون پگهار مليو ته سائيڪل تي اُڏاميس. سيما انقلاب ۾ ئي هئي، مون چيو: هٿ کول ۽ مون پنهنجو پگهار هن جي هٿ تي رکيو. هن اُن پگهار کي پهرين پنهنجي دل وٽ، پوءِ ٻنهي اکين تي واري واري رکيو. اُن کي چُميائين ۽ پوءِ اُهو واپس ڪندي چيائين، ”بابا کي ڏي اُهو خوش ٿيندو ته پٽ ڪمائڻ لڳو آهي ۽ پهريون پگهار مون کي ڏنو اٿائين ۽ اُن مان هڪ رپيو به نه ڪنيو اٿائين!“

مون پئسا وني پئنٽ جي پنئين کيسي ۾ رکيا. هن منهنجي اچڻ جي وقت جو اندازو لڳائي. ٽري ۾ چانهه جو ڪوپ ۽ جڳ ۽ ڪوپ آٽي رکيا هئا.
مون سوچيو. خدا هِيلا هلائي فقط هڪ جنت ناهي آهي، اسان پنهنجون به بڻائيون آهن.
ڪنڌ کي ساچي ڪيرائي چوانس ٿو، "رات ايندينءَ؟"
"پهرين پڳهار جي خوشي ملهائڻ ٿو چاهين؟"
"نه توکي."
"مان ته آهيان."
"پر به رات اچ..." مون چيو، "ڪڏهن ته منهنجي ڳالهه مڃ."
"ايندس!"
مان آرام ڪرسيءَ تي ليٽي ٽيبل لئمپ ٻاري ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هوس، جو سگريٽ دکائڻ وقت ڏنم ته اُبتو هئو. مون اُن ڪتاب کي سبتو ڪرڻ بنا ئي ٽيبل تي رکيو. ساچي ٻانهن ورائي مٿي ڪيم ۽ مٿي هينان هٿ رکيم. ڪابي هٿ جي چيچ ۽ ٻاچ ۾ ست سال اڳ مون پهريون سگريٽ ڪراچي پورٽ تي چکيو هئو. نظر پردي لڳل ڪليل در تي آهي ۽ آڌي رات گذري چڪي آهي.
هوءَ بنهه پر ۾ ئي آهي. پر لڳي ٿو ته تمام پري آهي. اسان جي وچ ۾ لمبي ڪاهي اهي. اکين اڳيان اُهو بندر ٿو ڏسڻ اچي. مون ته ٽي. ايس.اليٽ جو "دي ويسٽ لئنڊ" ڪنيو هو جو اڳ پڙهي چڪو هئس، پر مون ڪان پڙهڻ نه ٿيو. بس ٿورو وقت ٿيو ته آيو هئس. اُها ئي ڪاري رات، اُچا جرڪندڙ ڪپڙا، هٿ ۾ سگريٽ جو دٻو، مون آڪاش ڏانهن نهاريو. اهو ئي ته هئو جو سنڌ ۾ ڏنو هئم. جڏهن ته آڪاش ساڳيو آهي ته پوءِ ڌرتي ٻي ٻي ڇو آهي؟ بس بندر تي اچڻ ڪان ٿورا ڏينهن اڳ جيلر جي جيپ مان لهي، هڪ قبرستان ويو هوس. ڪافي لمبو عرصو ٿيو. وري اُتي ڪڏهن وڃي سگهندس؟- آڪاش ساڳيو آهي، ڌرتي ٻي ڇو آهي؟
۽ سيما ڇو اجا نه آئي آهي؟

”ڪراچيءَ هلنداسين، ڪڏهن رستو ڪلندو؟ ڪڏهن هيرآباد جي هير اُلهاس نگر ۾ لڳندي....“ سيما چيو هو. تڏهن منهنجو منهن هن جي سٿرن ۾ هئو. مون کي اُنهن رانن ۾ هڪ اِسپرنگ ڏسڻ ۾ آيو، جنهن من جي ڪليش کي گهٽ ڪيو هئو. اج وري من ۾ درد پرجڻ تو لڳي.

سحر ڳايو هئو، ”هڪ فرشتو منهنجي گهر ۾ گيت ڳائڻ تو اچي.“

۽ هڪ اهڙي ئي رات هن چيو، ”سائين ڪجهه سياڻ لاءِ بہ ڇڏيو....“

منهنجي هٿ مان سگريٽ ڪري تو پوي. مان اُن کي ڪٽان. تو.

هن بہ تہ ڪجهہ سيما وانگر ڳالهايو. ڪو اوچو پهاڙ. منزل. منزل متي. اُن ۾ سرجڻ آهي. چٽ سالي. سنگتراشي....

مان ٻيو سگريٽ دکايان تو.

ڇا سيما اُپيسارڪا بڻجي ايندي؟- هو در تي بيهندي ۽ آهستي آهستي هن جي ساڙهي بنا هيٺ ڪرڻ جو گم تيڻ لڳندي. منهنجي ڇاتي ڦندڻ تي لڳي.

ڏسان تو، سامهون پردو هٽي تو. هن پهرين منهن اندر ڪيو آهي. هاڻ هوءَ خود اندر آهي. ڪيس هاڻ پيلي سلوار ۽ سائو ڪرتو پيو آهي ۽ دوپٽي ۾ سائو پيلو ٻئي رنگ آهن. ڪويتا سندس شرير ۾ متي بہ آهي. هيٺ بہ آهي. پر مان اُتان نٿو.

ڪيس هٿ ۾ ٿرماس آهي.

اڳيان اچي تي. مان ڪيس ٻانهن ۾ وکوڙي زور تو ڏيان. هوءَ بدن جو متيون حصو پنيان تي ڪري. ٻانهن متي، هٿ ۾ ٿرماس، هن جو شرير جو ٻار منهنجي ڪابي ٻانهن تي آهي، مگر مون کي سندس ڇاتيءَ جو اُپار محسوس تو تئي.

”سيمان، منهنجي سيما تون اَچي وئينءَ؟“

”ڪجهہ سياڻ لاءِ بہ ڇڏ راجا...“

مون کي لڳي تو تہ مون پنهنجي ڳل تي پاڻ کي چماٽ هنئين آهي.

هاڻ هوءَ آرام ڪرسيءَ تي ويني آهي ۽ مان ڪرسيءَ تي، ٽيبل لئمپ جي روشنيءَ جو دائرو ڪجهہ گهٽو ڦهليل ڪونهي. ڄڻ هن متان چاندوڪي پئجي

رهي آهي. ٻئي رات جي ٽئين پهر ۾ چانهه پي رهيا آهيون.
”ست سال ٿيا آهن، مون قليلي نه ڏني آهي.“
مان ڪيس ڏسڻ ۾ ٿو لڳان. پتو نٿو پوي ته هن جون اکيون مون ۾ آهن يا منهنجي اَندر منهنجي روح ۾.
”ڪڏهن ته هلنداسين ڪڏهن ته ملنداسين.“ هوءَ منهنجو هٿ چڪي پنهنجي ڇاتيءَ تي رکي ٿي، اُن کي چمي ٿي.
مون کي لڳي ٿو ته هوءَ مون وٽ هوندي به مون کان ڪجهه پري آهي، اُتي مان به آهيان. ڪرسيءَ تي منهنجو فقط شرير آهي.
هوءَ آرام ڪرسيءَ تي ليٽي ٿي. منهنجو هٿ ڇڏي ٿي، مگر هوءَ ڳالهائي رهي آهي ۽ مان سگريٽ ڇڪي رهيو آهيان.
”ڪڏهن ڪلندو اُهو رستو؟- ڪڏهن هيراباد جي هوا پنهنجو طرف بدلائي مون طرف ايندي ۽ مان لمبو ساهه ڪڍي اندر ڪندس ۽ تنهنجو وات ڪولي، اُن هير جو هڪ ٽڪر تنهنجي وات ۾ وجهندس. تون ساهه اَندر ڪڍنديءَ ته اُهو ٽڪر به تنهنجي اندر ويندو ۽ توکي وطن ۾ هئڻ جو احساس ٿيندو.“
هوائي جهاز ۾ وينا آهيون، تون ۽ مان!
بس ٿورو پري، ٿورو، اِجهو ٽڪر پري تنهنجي ڪراچي، منهنجي حيدرآباد آهي، مگر هي جهاز جهرڪيءَ جي رفتار جيان ڇو ٿو اُڏامي...“
منهنجي اکين ۾ پاڻي ٿو پرجڻ لڳي.
بس، هن چمڪندڙ تاري جي هيٺان سنڌ آهي. مگر جهاز اجا سڌو هلي رهيو آهي، ڪا به پڌرائي نٿي ٿئي. ڪٿي پهتا آهيون“ — ڪو هلڪو جهوٻو نٿو اچي ته محسوس ٿئي ته جهاز هيٺ ٿي رهيو آهي...
ماٺهو وطن جي پيار لاءِ لڙندا آهن. اُهو پيار ڏسي ڪين سونا ٻلا ڏنا ويندا آهن. اسان جو پيار ته ڪير ڏسي نٿو. وطن مان ڪڏهن ڪنهن آواز ڪونه ڏنو آهي:
”آچو — پنهنجي ڌرتيءَ تي اچو. ست سال ٿيا آهن. سنڌ اوهان کي نه ڏنو آهي. هتي ڪجهه ڪٿل آهي، اهو اوهين پريو...“
پر ٻه، آخر هي سفر ختم ڇو نٿو ٿئي ساحر! منهنجا وشنو، منهنجا موهن؟-

منهنجا آڪاش!
جهاز هلي رهيو آهي. سنڌو. جنهن کي هر ٽين رات خواب ۾ ڏٺو اٿم، آهي ڪجهه ڏنڌلو.... ڪجهه مبهم ٿي رهيو آهي. ستن سالن ۾ سنڌ برهمانڊ جي آخرين ڇيڙي تي وڃي بيٺي آهي ۽ اجان ته اڳي جو ڪو پتو ڪونهي.
هڪ دفعو، بس هڪ دفعو تلڪ چاڙهي ڏسان. ٽانگو تيز مٽي چڙهندو وڃي. ڪمبخت هي جهاز آهي جو هيٺ نٿو لهي. ڪيترو پري آهي سنڌ. اجان ته ان جو ڪنارو، ڪا سرحد ڏسڻ نٿي اچي.
ڇا اسان هسٽري ۾ هاليڊي تي آهيون؟
ڇا اسين هتي پڪنڪ ڪرڻ آيا آهيون؟
اهڙو ڪهڙو هاليڊي، اها ڪهڙي پڪنڪ جو واپس موٽڻ جو ڪو رستو ئي نٿو ڏسڻ اچي...
چوطرف ويراني آهي. ڪٿي ڪو وڻ ڪونهي. ڪٿي ڪو رستو ڪونهي. آسمان ۾ ڌنڌ آهي. طرف جي خبر نٿي پوي.
آخر ٻه اسين ڪيڏانهن هلي رهيا آهيون؟، هندستان جي وڻ جو پاڇو اُتي پهچي سگهي ٿو. هوا جو جهونڪو، اڏامندڙ پنو اتي پهچي سگهي ٿو. اسين نٿا پهچي سگهون!“
هيءَ ڪهڙي واهي آهي، جتي ٻن ڪونهي؟ هڪ گهري ٿهليل؟ رج ۽ چوطرف پجندڙ ٻڪندڙ پاڇا آهن.... ناميدين جا جلسا. مايوسي جا پردا اُميدن جا ڦاها...“
مون هن ڪان چاندوڪي ۽ ننڊ جي طلب ڪئي هئي، مگر اُن جي ڪيس ٻه اوتري ضرورت هئي. هن جو آواز جهيٽو پوندو وڃي ٿو. ڪيس ننڊ اچي ويئي آهي.
مان ٻه ٽيبل لئمپ جو بٽڻ مٽي ڪري بينچ تي ليٽان ٿو. مون کي ٻه محرومين جو احساس ٿئي ٿو. چاهي ته اُسين خود ۾ ٻه جنسون آهيون، مگر اُسان ٻنهي لاءِ هڪ ٻي ٻه جنت آهي. بس ٿورو پرسان اِجهو اِتي ڪٿي ئي، ٻه قدم اڳتي اها آهي... هي ٿورو پنڌ ڪرٽو آهي. بلڪل ٿورو -آخر ٻه برهمانڊ جي آخرت ايتري پري ته ڪونهي.

اسين هلي رهيا آهيون، يا بيٺا آهيون ۽ وقت هلندو ٿو وڃي.
چوطرف ويراني آهي. نہ ڌرتي آهي ۽ نہ آڪاش آهي. وچ ۾ ڪو جهُولو آهي.
اُن جون رسيون الاءِ ڪيترو مٿي آهن. ڌرتي الاءِ ڪيتري هيٺ آهي.
سيما ۽ مان جهُولي تي ويٺا آهيون. مان مٿي ٿو نهاريان. هوءَ هيٺ ٿي نهاري. ڪڏهن ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن. پوءِ لڳي ٿو اسين ڪنهن خوف هيٺ هڪ ٽنيءَ تي چڙهي رهيا آهيون. مان مٿي چڙهي ويو آهيان ۽ هوءَ مون کي جهلي بيٺي آهي.
مون کي لڳي ٿو، هينئر، بس هينئر اسين عدن جي باغ مان هڪاليا ويا آهيون. اسان جو وڃايل سرڳ، اسان جو پنهنجو وطن سنڌ آهي. پر ڪو پڇڻ وارو ڪونهي. ڪو ڄاڻڻ وارو ڪونهي. ڪو انتظار ڪري، اهڙو بہ ڪو ڪونهي.
هڪ جهاز آهي جو آڪاش ۾ هلندو ٿو وڃي.
آرنيءَ پٺيان رهجي ويو آهي.
اَنت جو ڪو اُهڃاڻ ڪونهي.
جهاز جا پَرَ ڪرڻ ٿا لڳن.
اڳيان پٺيان سڀ ڪجهہ ڪري رهيو آهي.
پل. گهڙيون. پهر. موسمون. حسرتون.
ڪو وقت، ڪا جڳهہ ڪانهي.
روشني ۽ اوندهہ ڪونهي.
ڪو چت، ڪا چنتا، ڪو چنتن، ڪا چيتنا ڪانهي.
هڪ تختو آهي جو هوا ۾ هلي رهيو آهي.
اُن مٿان هڪ آرام ڪرسي آهي ۽ بينچ آهن.
هڪ آهي سيما. ٻيو اُن جو آڪاش آهي.
هڪ خاليپڻو آهي جو شونيہ ۾ داخل ٿي ارٿ هيڻ بڻجي ويو آهي.
۽ هڪ سيما ڪٽي هڪ تختو آڪاش ۾ انت – هيڻ ياترا ۾ برهمانڊ جي تسلسل کي اورانگهي رهيو آهي ۽ اُڏامي ۽ اُڏامي ۽ اُڏامي رهيو آهي....

موھن ڪلپنا
14 اپريل 1991
2 جون 1991

## لفظن جي سمجھاڻي (Glossary)

(الف)
اپيسرڪا = اھا عورت جيڪا رات جو لڪي محبوب سان ملي.
ارٿ ھيڻ = بي معني
اسيم = لاحد
انڀو = تجربو
انت – ھيڻ = لا محدود
آدي رشي = ولي

(ب)
برھمانڊ = ڪائنات

(ٻ)
ٻڌم شرڻم گڇامي = ٻڌ جي پناھ وٺان ٿو

(پ)
پتيورتا استري = باوفا زال
پرليہ = يوم حساب، حساب جو ڏينھن
پرَڪرتي = ڪائنات

(ت)
ترشنا = اڃ

(ج)

(س)
سپيہ سماج = عام سماج
سريشٽ = اعليٰ، اتم
سمپورڻتا = تڪميل
سنسا = ڀرم
سيمائون = سرحدون

(ش)
شونيہ = پولار
شرير = جسم

(ر)
رومانچڪاري = رومانٽسزم

(ن)
ناگرڪ سھوليتون = شھري سھولتون

(ڪ)
ڪام = جنسي خواھش
ڪام ترپتي = جنسي خواھش جو پورو ٿيڻ
ڪليش = دک

(و)
واسنا = خواھش
وڌان = آئين

جلمڻ = پاڻي جو سيلاب

(چ)

چيتنا = شعور

وشيہ = مضمون

(ي)

يٿارٿ = سچ، حقيقت